

# اداس ڏاريون

حميد سنڌي

ڪ

# اُداس واديون

حميد سنڌي

زندگي پبليڪيشنس، ١٩ روپ محل
هيرآباد، حيدرآباد

پاران   ايم ايچ پنھور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.
Digitized by   M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

# ناشر طرفان ٻه اکر

’زندگي پبليڪيشن‘ جي پنجين تخليق اوهان آڏو آهي. اسان معذرت خوان آهيون جو ڪتابي سلسلي جي پنجين ڪڙي ٻن سالن جي عرصي کان پوءِ ڏئي رهيا آهيون. پر اسين جي ائين چئون تہ انهيءَ ۾ اسانجو ڪوبہ ڏوهہ ڪونهي تہ شايد اسين غلط نہ هونداسين.

گذريل ڇهن سالن کان ’روح رهاڻ‘ جو آجراءُ ايڏو تہ اهم ۽ ذميداري وارو ڪم آهي جو اسين ٻيو ڪجهہ نہ بہ ڪيون رڳو انهي سان منهن ڏيندا رهون تہ بہ اسان تي ميار ڪانہ ٿيندي. گذريل سال ’جشن روح رهاڻ‘ ۽ هن سال انجون تياريون، اسان لاءِ وقت وٺندڙ ڪم آهن. ڪوشش اهائي آهي تہ سڀني ذميدارين کي اهڙي نموني منهن ڏجي جو تڪليفون گهٽ کان گهٽ ملن. پر جي ڪا ڪوتاهي رهجي بہ وڃي تہ ان کي نظرانداز ڪري وڃڻ اوهان قرب وارن جو فرض آهي.

’اُداس واديون‘ سنڌ جي نوجوان افسانہ نگار ۽ ماهوار ’روح رهاڻ‘ جي ايڊيٽر جي افسانن جو مجموعو آهي. جيتري دير تي آهي اوترا افسانہ پراڻا ٿي ويا آهن. افسانہ، گهڻي قدر ڇپيل آهن. سہ ماهي مهراڻ، ماهوار

روح رهاڻ ۽ ريڊيو پاڪستان ۽ ٻهريون قدم ڪتابي سلسلي تان شڪريه سان ورتا ويا.

هنن افسانن جي تخليق خود هڪ افسانو آهي، جن جي اِنفراديت حميد سنڌي جي پيش لفظ ۽ انتساب مان گهڻي قدر ظاهر آهي. سنڌس لکڻيون تمام گهڻي چاهه سان پڙهيون وڃن ٿيون. هن ڪتاب جي اعلان ڪانپوءِ جيتري هن ڪتاب جي گهر ٿي آهي ايتري اڳ ڪنهن به ڪتاب جي گهر نه ٿي آهي. انهيءَ مان ڏي حميد صاحب جي ڪهاڻين ۽ لکڻين جي وڻندڙ ۽ انوکي نوع جي مقبوليت جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو.

اسين وري جلد ڏي ڪا نئين تخليق ڪٺي حاضر ٿينداسين. شال توهانجو قرب ۽ تعاون هميشه اهڙي ئي پياري نموني سان قائم رهي.

(— منتظمين)

# شايع ڪندڙ

ادارو "زندگي پبليڪيشنس"
١٩ روپ محل، هيرآباد، حيدرآباد (سنڌ)

دفعو پهريون

سال ١٩٦٥ع

ڪاپيون ١٠٠٠

[redacted]

قيمت ۴ روپيه

(ليکڪ جا سڀ حق واسطا قائم)

"انڊس پرنٽرس" رسالا روڊ، حيدرآباد ۾ ڇپيو.

# انتساب

## انهن اُداس وادين جي نالي،

جنجو تلخ ۽ تيز زهر اڄ ٻه منهنجي رڳن ۾
ٻوڙي رهيو آهي ۽ مونکي احساس جي آخري
منزل ڏانهن ڌڪيندو رهي ٿو. شايد اهائي
منزل هڪ اُداس گهڙين جي ڏنگيل انسان
جي آخري منزل آهي.

# فهرست


| | |
|---|---|
| منهنجي پيڙا - منهنجو من | (مهاڳ) |
| ڪارو رت | ١ |
| يادن جي جزيري ۾ | ١٥ |
| هڪ خواب هڪ حقيقت | ٣٦ |
| واچوڙن ۾ لاٽ | ٦٥ |
| اُداس واديون | ٨۴ |
| سمنڊ ۽ مان | ٩٩ |
| منهنجي دنيا مرگهه ترشنا | ١١٠ |
| ان داتا | ١١٥ |
| خوشبو جا گهاوَ | ١٢١ |
| ٽڪي ۾ باتي | ١٢٨ |
| رانديڪو | ١٣۴ |

مهاڳ

# منهنجي پيڙا - منهنجو من

ڪائنات جي رخ تي مختلف پڙدا پئجن ٿا، ڪڏهن ته ٽڙندڙ صبح آهي ته ڪڏهن ڪلندڙ ٻپهري آهي، ڪڏهن ڪا تلخ شام پاڻ وڇايو ڇڏي. ڪڏهن سرد اونداهي اڪيلي رات ڪنهن ڪنڊ کان ڳوڙها ڳاڙيندي ڪائنات ڀڄيو پوي، زندگي جي لاءِ ان ڪائنات جي تبديلي وڏو ثبوت آهي.

هر تبديلي زندگي جو وڏو احساس آهي. زندگي جي هر ڪا چرپر زندگي جو ماضي، حال ۽ مستقبل آهي.

اسين هن دور ۾ جيڪا به چرپر ڪيون ٿا، ان لحاظ کان اهم آهي جو اسين هر وک تي زندگي جي تاريخ جا سنگ بنياد رکندا اڳتي وڌون ٿا. اسانجي هر پٺتي ڇڏيل گهڙي اسانجو نقش ٿيل اهم ماضي آهي. اسانجو هر ارادو اسانجي مستقبل ڏانهن اشارو ڪري ٿو. حال اسان سان هر گهڙي ۾ ساڻ آهي.

هر ڪنهن فرد جي پنهنجي دنيا آهي؛ هر ڪنهن فرد جي ان دنيا ۾ ديوتا جو روپ آهي. هو پنهنجي دنيا جو خالق آهي. سندس ماضي هجي يا مستقبل يا

حال سڀ سندس وکن، خيالن ۽ سندس Whims تي ٻڌل آهي.

اِنهن Whims جو خالق اهو ذهن آهي جو جڏهن اڪيلي وڏي ڪچهه ڪجي ٿو ته اها تخليق ٿيو پوي.

زندگي جي هيءَ چرپر ذهني ۽ ماحول جي تخليق انهن ذهني خدائن جي مرهون منت آهي. اِها ته تسليم شده ڳالهه آهي ته انهيءَ ذهني خدائن جي ديس ۾ برتري ان هڪ خالق، هڪ خدا کي آهي جنهن جو هن ڪائنات تي پورو قبضو آهي. هو هن ڪائنات جو هڪ خدا آهي ۽ هنن ذهني خدائن جو به هڪ خدا آهي. مان چئو نه ائين چوان ته ذهني خدائن جو هيءَ ديس ۽ ان ۾ هرڪا چرپر ان خدا جي حڪم سان ٿئي ٿي ۽ وسيلو آهن اِهي ذهني خدا يعني اهو انسان جو ايترو ته طاقت وارو آهي جو ڪٿي هو خالق آهي ۽ ڪٿي هو ويچارو بي بس غير اهم هڪ جيو.

هيءُ خدائن جو اڻکٽ سلسلو، هيءُ ڪائنات جو پندار — جنم ڏيندا ويا آهن انهن تخليقن کي، جن ۾ انهن زندگي جا آهن انيڪ رنگ، روپ ۽ وسيلا. جنم، جنم کي جنم ڏنو. اسين آهيون اوُ جنمي، انهي پندار کي قولهه وارا. قولهي، قولهي ٽڪجون ٿا ته ڪير نزديڪ اچي پڪي ٿو، سرپات تين ٿا، تاريڪين ۾ روشنين جا پاڇا لهرائجن ٿا. هر زلف جو ور، چانديءَ تان مُر ٿي

ٿو لهي، انهيءَ ترشنا ۾ اسين تڙڪندا، تخليقن جا ڍير لڳايون ٿا. ڳوڙها جي هر نگاهه، تخليق آهي. ان تخليق کي عجيب روپ آهن. ڪٿي ڪي منجهيل اشارا آهن، ڪٿي ڪي جيئڻ جا طريقا آهن، ڪٿي اونداهين جا انيڪ سلسلا آهن، ڪٿي ڪٿين منشور آهن جنهن رنگين ترورا نڪري، هن ڪائنات جي پنڊار ۾ هڪ نئين جنم جو اضافو ڪن ٿا.

جنم ڪار جو ڪردار اتي ختم نه ٿو ٿئي، هو انهي پڪي وانگي ناهي جنهن جي پسم تيئن سان تخليق ٿئي ٿي. هتي ته ڪيس هر حيس جي پيڙا ڀوڳڻي آهي. هن ذهني دنيا جي ديوتائن سان هٿ چراند ڪئي آهي. ڪيس عذاب ڀوڳڻو آهي، ڪيس انهيءَ دک درد جي وادين ۾ هميشه لاءِ رهڻو آهي جنهنجو هو ئي ڪولمبس آهي، هو ئي پارکو آهي، هو ئي راجا آهي، هو ئي ديوتا آهي.

انهن غمگين، آداس وادين جو خالق هو ئي آهي. هن جن به ڪردارن کي جنم ڏنو آهي، اهي ڪائنس زندگي جو هر سک طلبيندا، جي ڪن سان ناانصافي ٿي آهي ته ڪائنس ئي سک گهرندا، جي ڪن کي سڪن ڏنگيو آهي ته ڪائنس پيڙا جا ڪي ڏنگ طلبيندا— هو هر ڪنهن تي، هر چاهنا تي ۽ هر تمنا تي، هر انهي آس ۽ اميد تي ٽڪي آندو. چاڪاڻ جو اهي ڪردار

ڪيس ڪوڙا تہ ڪينهن. اها دنيا اهي ڪردار هو پاڻ ئي تہ آهي، سندس جان روح سڀ ڪجهہ اهوئي تہ آهي. پر هر باغي ذهن جي اِها سزا آهي، هر فنڪار جو اهوئي انعام آهي. هر اُداس واديءَ جي جيئڻ جو اِهوئي روپ آهي.

جيئڻ جي انيڪ طريقن مان هڪ طريقو اِهو بہ تہ آهي تہ جيئجي ڪوڙهن ڪاڻ، مَرجي مرڪن لاءِ. هر ڪوڙهو، هر ڪا مرڪ، وادي آهي جنهن ڪي مونکي ئي ڏورڻو آهي، مان ئي انجو وارث آهيان، مان ئي انجو جنم ڪار آهيان. اُداس واديون منهنجون انيڪ تخليقون آهن — هڪ من جي پيڙا آهي، هڪ فنڪار جي پيتا آهي، ذهني دنيا جي ديوتائن آڏو — من قبول پوي.

(— حميد)

# ڪارو رت

اڃا اک ئي مس لڳي هيس، تہ در تي کڙڪو ٿيو. اٿي ئي اٿي، تہ پيو پيرو زور سان ڪڙو ڪڙڪيو.

”رُلي مُئا آهن! اڇو آڌيءَ رات جو سُک ڦٽائين!“ پيرو ٻڙ ٻڙ ڪندو هنڌ مان اٿيو.

— ہ سجاڳ اکيون کيس پويان پويان ڏسڻ لڳيون.

”ابا، ڪهڙو؟“ ٻاهر اگڻ ۾ ايندي، هن وڏي سڏ پڇيو.

”ميان، جواب تہ ڏي! ڪير آهين؟“ هو خار کائيندي ٻاهرئين در ڏانهن وڌيو.

— انڌ ر، ڪوٺيءَ ۾، ڪا نازڪ دل ايندڙ خطري جي احساس کان زور سان ڌڙڪڻ لڳي.

پيروءَ درڪولي ٻاهر ليئو پاتو. ڪنهن سڄاتل شخص جو پاڇو معلوم ٿيس. خوشيءَ وچان بي اختيار ٿي پڇيائين، ”ڪير!.... متان آدو شير....“ هن جي جملي

پوري ڪرڻ کان اڳ، اُهو شخص اندر گهڙي آيو. پيروءَ هاڻي ڪيس چڱيءَ طرح سڃاتو، ۽ پاڪر پاڻ لاءِ پنهي پانهُن کي کوليندي ڪجهه چوڻ تي هو، ته ايتري ۾ آيل شخص جي هٿن کي تيزيءَ سان حرڪت آئي.... هلڪيءَ دانهن سان، پيروءَ جي سريَ وچي پَرتي پيئي، ۽ ڏڙ اُتي ئي نچندي نچندي ڏهي پيو.

اندران هڪ سنهي چيخ ٿي، ۽ ڪو ڊُڪندو ٻاهر آيو.

”تون چو آئي آهين؟ آءُ پاڻيهي اچان ٿو. ڏس ته، منحوس اچــا پيو چڙيون هٽي! تون اندر هل، آءٌ اچا.... ازي، جنو، تون ته ڏڪين پيئي!“ هن جنوءَ کي پاڪر ۾ جهليندي چيو، ”ڏجي ويئي آهين؟ ڏپ چا جو، آءُ جو موجود آهيان!“

”شيرو!........ تو هي چا ڪيو!“ جنو شيروءَ جي ڪلهي تي آهلي پيئي.

”نيڪ ٿيو، هن پوڙهي کي مرڻ ئي ڪپندو هو. هي سڀڪجهه تو لاءِ ئي ته ڪيو اٿم!.... هاڻي تون شيروءَ جي زال آهين، شيروءَ وانگي بهادر ٿيءُ. تون هل اندر، آءٌ اچان ٿو. گهبراءِ بلڪل نه....“

شيرو سَٽ پائي در ڏانهن وڌيو. ٻاهر آسپاس نظر ڪيائين. رات جي اونده ۾، پري تائين پڪڙيل بنيءَ ۾ گاهه جي ڪارڻ لُڏندڙ لَمندڙ پاچولن کان سواءِ پيو ڪوبه ڪونه هو. هن آهستگيءَ سان دروازو بند ڪيو، ۽ موٽي لاش وٽ آيو.

”اڙي، تون اڃا اِتي ويٺي آهين! هتي گهڻو نه ويهه، تنهنجي دل ڪمزور آهي. جنو!.... او جنو! .... جنت....“
جنت، لوئيءَ ۾ ويڙهي، اُئين خاموش ۽ بيحرڪت ويٺي هئي، ڄڻ ڪو پٿر جو بي پساهه بوتو هجي. شيروءَ وڏي اچي پاڻهن ۾ ورتس. جنوءَ، ڇرڪي، ڪنڌ کڻي سندس ڪلهي تي رکيو، ۽ سڏڪا ڀري روئڻ لڳي.
”ڇري آهين، روئين ڇو ٿي؟ توکي ته پاڻ خوش ٿيڻ کپي! هل، اندر هلي آرام ڪر. آءٌ به هلان ٿو....“
شيروءَ کيس ڀاڪر ۾ وٺي اچي اندر کٽ تي ليٽايو. پاڻ سندس سيرانديءَ کان ويهي رهيو. لالٽين جي جهڪي روشنيءَ ۾ کيس، جنوءَ جو منهن بلڪل هاريل ۽ نپوڙيل نظر آيو. هوءَ اکيون بند ڪري پيئي هئي، ۽ سندس ساهه زور زور سان کڄي رهيو هو. شيروءَ سوچيو، ’زال ذات آهي، لاش ڏسي ڊني آهي. اسان جي دل ته اهڙي پڪي ٿي ويئي آهي جو حرام کو لوڏو اچيس!.... جنوءَ کي حاصل ڪرڻ لاءِ پيو ڪو رستو ڪونه هو .... خود جنوءَ به ته ائين ٿي چاهيو!‘
”جنو!“ هن جنوءَ کي ڌونڌاڙيو.
”هون ....“
”اُٿي ته ويهه، اڃا گهڻي رات پيئي آهي. مس مس دل جو غبار هلڪو ٿيو آهي. هاڻي اسين هميشه لاءِ هڪٻئي جا ٿي رهنداسين. جيڪو وچ جو ڪنڊو هو، سو به خيرن سان دفع ٿي ويو.“

”وچ جو ڪنڌ و تہ دفع ٿي ويو، .... پر ......“
وڏيڪ چوڻ بدران، جنو اکيون کولي شيروءَ جي منهن ۾ تڪڻ لڳي.
”— پر؟ .... چئہ، چئہ.“
”مان پانيان ٿي، .... شيرو، .... اِهو چڱو نہ ٿيو!“
جنوءَ وري اکيون ٻوٽي ڇڏيون.
”تون اجايا ڪُنڪا نہ ڪر، جنو، جيڪي ٿيو سو ڏاڍو چڱو ٿيو. پيروءَ مان توکي سک بہ ڪهڙو هو — هو پنجاهہ ورهين جو تون ٻاويهن ورهين جي — ڪيڏو نہ ظلم ڇئبو! نندي هوندي کان نالي ٿيل هئاسين: پوءِ آءٌ ملٽريءَ ۾ ويس هليو، پر آخر تہ موٽي اچڻو هوم! سچ پچين، جنت، توکان سواءِ مون کي ڪٿي بہ آرام ڪونہ هو!“
”پر، .... آءٌ تہ هاڻي اها ساڳي ....“
”ڏس، جنو! تنهن ڏينهن بہ تو اِها ئي ڳالهہ ڪئي .... ڇيومانءِ تہ تون مون لاءِ اُها ئي جنو آهين، اُها ئي جنو آهين! ڪجهہ اڳيون ڳالهيون تہ ياد ڪر.... اڄ ورهين کان پوءِ اهو زمانو وري آيو آهي، جڏهن اسين ڏينهن رات هڪٻئي کان جدا نہ ٿيندا هئاسين!“
جنوءَ جي ذهن تي يادگيرين جا انبار تري آيا: ننڍپڻ جو زمانو، جڏهن ٻئي ڇٽا سچو سچو ڏينهن پيا ٻنين جي ڪشادين ساوڪن ۾ ڊوڙون پائيندا هئا: پوءِ جوانيءَ جون اهي يادگار گهڙيون، جن ۾ جنوءَ

۽ شيروءَ هڪبئي سان قول قرار ڪيا هئا. جنو شيروءَ جي ڪنهن رشتي سان سوٽ ٿيندي هئي. شيرو گهڻو ڪري ٻنيءَ تي رهندو هو. جيتوڻيڪ گهر پري ڪونه هئا، تہ بہ هو اڪثر ڪري راتيون بہ منهن ۾ گذاريندو هو. ڀلا گهر ڪنهن لاءِ وڃي؟ سڳي پيءُ جو تہ گهر ڪونہ هوس. شيروءَ جي ماءُ خيران پر واري ڳوٺ جي هڪ هاريءَ جي زال هئي، جا پيروءَ جي پيءُ، محمد خان ڪمدار، زميندار جي زور تي پيچائي هئي. شيرو ان وقت ستن ورهين جو هو، ۽ ماڻس ڪيس ڪٺي آئي هئي، شيروءَ جي سڳي پيءُ گهڻي ڊِڪ ڊوڙ ڪئي، پر مائيءَ خيران جو محمد خان ڪمدار سان اهڙو نينهن لڳي ويو جو ڪُليءَ ڪورٽ ۾ چئي ڏنائين 'مڙس منهنجو هيءُ، ٻيو سڀ ڪوڙ'. شيروءَ ڪي نہ نئون پيءُ محمد خان وٽيو، ۽ نہ وري محمد خان کي ئي شيرو پسند پيو. پيرو، جو محمد خان جي اڳينءَ زال مان هو، تنهن مڙئي شيروءَ سان سنگت رکڻ چاهي. جيتوڻيڪ پاڻ ان وقت پنجويهن ورهين جو جوان هو، پر پيروءَ کي الائي ڇو شيروءَ جي ٻالي ڀولي شڪل ڏاڍي وڻندي هئي. پر شيرو انهيءَ سان بہ نہ نهيو. نهيو تہ 'جنت' سان، جا پيروءَ جي سڳي سوٽ هئي — ۽ هاڻ شيروءَ جي بہ سوٽ ٿيي. شيرو ۽ جنت اهڙا نهيا، جو جواني اچي ويئي تہ بہ هنن ۾ اهائي مستي ۽ چلولائي هلندي آئي. ڪڏهن ڪڏهن مزي ۾ اچي، شيرو جنت کي چوندو هو:

”جنو، تون مون سان شادي ڪندينءَ نه؟“

”هون، تو سان؟“ جنو منهن ۾ ڪُوڙو ور وجهي چوندي هئي، ”شڪل ڏسي اٿئي پنهنجي! امان مون کي چوندي آهي ته ’تون چوڏهينءَ جو چنڊ آهين‘، پوءِ ڀلا تون ڇا آهين جو مون سان شادي ڪندين!“

شيرو ٻانهن کان جهلي وٺي مروٽڻ لڳندو هو س، ته جنوءَ کان ڪيڪ نڪري ويندي هئي: ”آلا، ڇڏ، منهنجي ٻانهن کي!“

”تون چوڏهينءَ جو چنڊ آهين نه!“ شيرو ٻانهن کي ٿورو وڌيڪ موڙو ڏيندو هو.

”نه نه، تون آهين چوڏهينءَ جو چنڊ، بس!....آلا، منهنجي توبهه!“

”ٻڌاءِ، مون سان شادي ڪندينءَ نه؟“

جنو، شرمائجي، منهن ڪٽي ٻئي پاسي لڪائيندي هئي.

”ڀلا، چنگ تـه ٻڌاءِ!“ جنو چوندي هئي. شيرو چنگ وڄائيندو هو، ته جنت جي دل جي تار تار تڙڦي اٿندي هئي، ۽ هوءَ شيروءَ جي ڪلهي تـي ليٽي پوندي هئي. ائين ئي، پيار محبت جون گهڙيون گذاريندي، هو هڪٻئي جي ناليِ تي ويا. شيروءَ جي ماءُ ڏاڍي ڪوشش ورتي، جيتوڻيڪ محمد خان ڪمدار راضي نـه هو، پر زال جي ڪري چپ رهڻو پيس. جنوءَ کي اهي سڀ ڳالهيون هڪ هڪ ٿي ياد اچي رهيون هيون.

.... محمد خان جي نفرت لڪل ڪانہ هئي. هو شيروءَ کي آهاني ٻهاني پيو چيڙيندو ۽ چڙٻون ڏيندو هو. شيرو اهي سڀ ڳالهيون سهي، ماٺ ۾ پيو وقت گذاريندو هو. هڪڙي ڏينهن، واٽر ڪورس جو پاڻي ٻڌي موتيو، تہ پويان ٻنڌيو ٽٽي پيو. پاڻي اڃا گهٽو ڪونہ نڪتو هو تہ محمد خان اچي نڪتو، جنهن وٺ ونان ڪري پاڻي تہ وري ٻڌرائي ڇڏيو، پر موتي اچي شيروءَ سان ڏاڍي جُٽ ڪيائين؛ ڏاڍو چيڀاڙيائينس ۽ ڏاڍو بيعزت ڪيائينس. شيروءَ اُها رات منهہ ۾ گذاري. سڄو وقت بيقرار ۽ بي آرام رهيو. انهيءَ رات هن جنوءَ کان وفاداريءَ جو ٻول ورتو هو. جنوءَ کيس گهٽوئي روڪيو، رُني ۽ رڙي، پر شيرو ڳوٺ ڇڏڻ جو اصل فيصلو ڪري چڪو هو. هن جنوءَ سان جلد موٽڻ جو واعدو ڪيو، ۽ صبح ٿيڻ کان اڳ ئي ڳوٺ ڇڏي هليو ويو.

.... ان کان پوءِ، سانده ٽي سال شيروءَ جو پتوئي ڪونہ پيو. انهيءَ وچ ۾ شيروءَ جي سڳي پيءُ کي موقعو ملي ويو، جنهن هٿي محمد خان جا ڳپل لاهي وڌا، ۽ ان سان گڏ خيران کي بہ ڳپا ڳپا ڪري ڪُنائين — ٻنهي کي ڪارو ڪاري ڪري ماريائين.

.... شيروءَ جي فوج ۾ وڃڻ جي خبر جڏهن ڳوٺ ۾ آئي هئي، تہ جنو ڏاڍو رُني هئي. کيس خبر هئي تہ، فوج وارا جنگ ڪندا آهن،

۽ جنگ ۾ ڪيترائي ماڻهو مري ويندا آهن. پوءِ جڏهن ڪنهن اچي شيروءَ جي مري وڃڻ جي خبر ٻڌائي هئي، ته جنوءَ جا تمام برا حال ٿيا هئا. جنوءَ کي اهو وقت چٽيءَ طرح ياد هو، جڏهن مائٽن کيس زبردستيءَ پيروءَ سان پرڻائي ڇڏيو. پيروءَ جي اڳئين زال بي اولاد مري ويئي هئي. جنوءَ کي جڏهن به شيرو ياد ايندو هو ته هن جي دل دانهون ڪرڻ لڳندي هئي؛ ۽ وري جڏهن کيس شيروءَ جي مري وڃڻ جو خيال ايندو هو، ته هوءَ بنهه نيم پاڳل بڻجي ويندي هئي. ڪيترائي ڏينهن هوءَ شيروءَ جا خيال پڇائيندي، اندر ئي اندر ۾ لڇندي رهي.

دائمي جدائيءَ جو اونهون ناسور وقت جي مرهم سان مس مس وڃي ڀريو هو، ته هڪ ڏينهن اوچتو شيرو موٽي آيو — ٽن سالن کان پوءِ! هو جڏهن گهر ۾ قدم رکي رهيو هو ته کيس اها خبر ئي ڪانه هئي ته هو صرف پيروءَ جي ئي گهر ۾ داخل نه ٿي رهيو آهي، پر خود جنوءَ جي چانئٺ پڻ ٽپي چڪو آهي. نماشام جي ويل هئي، جنوءَ کير پئي لاٿو، ته پنيان شيروءَ اچي ڪيڪار ڪئي — ”ڀاڄائي، سلام ....!“

جنو انهيءَ آواز تي سڄي ڇرڪي وئي. چونري هٿن مان ڇڏائجي وئيس. ٽپ ڏيئي اُٿي، ۽ بت بڻجي بيهي رهي. اهو ته کيس وهم گمان ۾ به ڪونه هو ته ڪو شيرو وري جيئرو ٿي ايندو! شيرو به صفا ناپرجي

ويو. کيس بلڪل اعتبار نٿي نه پئي آيو ته هوءَ جنو ٿي سگهي ٿي. ڪا گهڙي هو ٻئي هڪٻئي کي ائين چپ چاپ، اکيون ملائي، حيرت سان ڏسندا رهيا، ڄڻ ٻئي هڪٻئي لاءِ اجنبي ها، ڄڻ ٻئي هڪٻئي کي سڃاڻڻ جي ڪوشش ڪري رهيا هئا.

جنوءَ کي چڱيءَ طرح ياد هو.... جڏهن هن شيروءَ کي پنهنجي سموري ماجرا ٻڌائي هئي، ته شيرو بيحد جوش ۾ پرجي ويو هو. هو گهوٽ چڙهي وڃڻ تي ڏاڍو پشيمان هو. هن جون اکيون پرجي آيون هيون، ۽ ڪيتريءَ دير تائين هو فقط جنوءَ جي منهن کي گم سم تڪيندو رهيو ـــ ۽ پوءِ هو يڪايڪ جوش ۾ اچي چوڻ لڳو، ”جنو شيروءَ جي آهي، ۽ شيروءَ جي ٿي رهندي!“
ايتري ۾ پيرو آيو. پهرين هبڪي بيهي رهيو، ۽ پوءِ وڏي شيروءَ کي پاڪر پاتائين. ڏاڍا ڏک ڏوراپا ڏنائينس، پر شيروءَ رکيو ’ها‘ ۽ ’هون‘ ۾ پئي جواب ڏنس ـ ڄڻ ته هو پيروءَ کي سڃاڻندو نٿي ڪونه هو. پيروءَ چاتو، پاڻو پري کان تڪجي آيو آهي، سو شيروءَ جي رُڪَ مُنهانئيءَ جو خيال ڪونه تيس. شيرو ته رات ئي ويو ٿي، پر پيروءَ ۽ جنوءَ جي زور پرڻ تي ٽِڪي پيو. ماني کائي، پيرو هليو ويو پاڙيءَ جي واري تي. شيروءَ ۽ جنوءَ ـــ ٻنهي سڄي رات ڳالهين ڪندي گذاري. گهوٽ چڙهڻ کان پوءِ جون ڳالهيون، ملٽريءَ جون ڳالهيون، ننڍپڻ ۽ جوانيءَ جون ڳالهيون، ۽ جنوءَ سان

پنهنجي اتاهم محبت جون ڳالهيون ورجائيندي، شيروءَ آخر جنوءَ کي سندس وفاداريءَ جو انجام ياد ڏياريو. جنو، اضطراب ۽ مجبوريءَ جي گڏيل احساس ۾ ڪوئجي، بلڪل چپ چاپ ويٺي اهي ڳالهيون ٻڌي رهي هئي، ته شيروءَ يڪايڪ پنهنجو خوني ارادو ظاهر ڪيو، جنهن جنوءَ کي بلڪل ڏڪائي ڇڏيو. هن شيروءَ کي ڪيترو ئي سمجهايو، ٻاڏايو، آزي ۽ نيزاري ڪئي، پنهنجيون مجبوريون ٻڌايون، پر شيروءَ سندس هڪ به نه ٻُڌي، ۽ آخر تائين ائين ئي چوندو رهيو ته ”آءٌ ڪنهن به حالت ۾ توکي حاصل ڪندس، .... يا پاڻ کي ختم ڪري ڇڏيندس!“ جنو ٻنهي حالتن ۾ مجبور هئي. هوءَ فقط روئي سگهي ٿي، خاموش رهي سگهي ٿي. صبح جو شيرو ڪيس خاموش روئندو ئي ڇڏي، بنا موڪلائڻ جي هليو ويو ــ ۽ ٿيءَ رات، پيروءَ جي ئي گهر ۾، پيروءَ جي رت جا ڏُٻا ڇانئجي ويا.

رت جي ڏُٻن جو خيال ايندي، جنو ڇرڪ ڀري اُٿي.

”ڇو، جنو!“ شيروءَ کي به جنوءَ جي پاسي ۾ ويٺي ويٺي ننڊ جا جهوٽا اچڻ لڳا هئا. ”تون هاڻي آرام ڪر، جنو، دل تي ڪنهن به خيال کي نه اچڻ ڏي. آءٌ به ٿوري دير اِتي ئي ٿو پنڪي ڪائي وٺان، ۽ پوءِ .... پلا، توکي ڇا ڪرڻو آهي؟ .... آءٌ نڪري وڃان، پوءِ تون ’خون! خون!‘ ڪجانءِ ــ زور سان! پيا گهر ڪافي پريرو آهن .... بردباريءَ کان ڪم وٺج، سڀ

ٿيڪ ٿي ويندو.... چڱو، هاڻي آرام ڪر.“ شيرو سڻئون ٿي ليٽي پيو. پر جنوءَ کي آرام ڪٿي هو؟ ڪئي خيال، ڪئي وسوسا هن جي ذهن ۾ ايندا ۽ ويندا رهيا. ’هيءَ ڇا ٿي ويو؟‘ - هوءَ ڪيتري دير تائين اڄوڪي واقعي بابت سوچيندي، خوف کائيندي، ۽ سمجهڻ جي ڪوشش ڪندي رهي. طرح طرح جي جذبن جي طوفان ۾، هن ڪنهن وقت پيروءَ جي بيگناه خون تي ملامت پئي محسوس ڪئي، ته ڪنهن وقت شيروءَ جي محبت مٿس غالب هئي. رات اڌ کان مٿي چڙهي آئي هئي. بيحد بيچينيءَ وچان، هوءَ آهستي آٿي ٻاهر آڱڻ ۾ آئي، جتي تارن جي جهڪي روشنيءَ ۾ پيروءَ جو پٽ تي پيل لاشو بلڪل پوائنتو منظر پيش ڪري رهيو هو. جنوءَ جي دل زور زور سان ڌڙڪڻ لڳي. هوءَ ڪا گهڙي بلڪل گم سم هڪ هنڌ بيٺي رهي، ۽ پوءِ هوريان هوريان اڳتي وڌڻ لڳي. لاش جي قريب اچي، هوءَ ويهي رهي. پرتي پيروءَ جي سيسي پيئي هئي. رت جا وهي هليل ڏٻا، خشڪ ٿي، هڪ هنڌ ڄمي ويا هئا. چوڌاري چپ چپات لڳي پئي هئي. رات جي سناٽي ۾، گهر جي وڏي ويڪري اڱڻ ۾، اڪيلي جنو ائين خاموش ۽ بيحرڪت ويٺي هئي، ڄڻ ته ڪو آسماني روح عبادت ۾ مصروف هو. جهڪيل نگاهن سان، هوءَ پٽ تي پيل لاشي کي ائين هڪ ٽڪ ڏسندي رهي، ڄڻ ته هن جي سموري سوچ سندس اکين

هو. 'خوني!... منهنجي گهر ۾؟...' اڳين ۾ رت پرچي آيس. هڪ گهڙيءَ لاءِ هوءَ منجهي بيهي رهي، ۽ پوءِ وڌي شيروءَ جي قريب آئي. شيروءَ جو لاپرواهه چهرو هن کي بيحد پيارڪ معلوم ٿيو. ڪنهن نامعلوم احساس ڪان، هن جو سڄو بت ڏڪڻ لڳو. سندس ٽڙڪندڙ ٽنگون خود بخود پوئتي هٽڻ لڳيون، ۽ پيٽ تائين پهچي بيهي رهيون. پيٽ جي ٽيڪ تي رکيل ڪنهن چيز جي چهاءَ سان جنوءَ جي ذهن کي اوچتو جهٽڪو آيو. سندس ڏڪندڙ هٿن کي زوردار حرڪت آئي،........ ۽ ٻيءَ گهڙيءَ سڄيءَ ڪوٺيءَ ۾ گرم رت جا ڦوهارا ڦهلجي ويا.

جنوءَ جو مغز چڪراڻجي ويو. هوءَ غش ٿي هيٺ ڪري رهي هئي، ۽ شيرو ڦٿڪي رهيو هو: جنوءَ کي ائين محسوس ٿيو ته شيروءَ جو وهندڙ رت ڪارو هو- ۽ انهيءَ ڪاري رت ۾ وهنجي، هوءَ پاڻ به سڄي ڪاري ٿي وئي هئي.

# يادن جي جزيري ۾

زندگي هڪ آئيني مثل آهي، جنهن ۾ ڪئين عڪس پيا نپجن، ڪئين عڪس اتي ئي نپجيو، اتي ئي ختم ٿيو وڃن. ڪي ته عڪس اهڙا ٿين جو آئيني کي خود ختم ڪيو ڇڏين. پر سندن وجود قائم رهي ٿو. منهنجي زندگيءَ تمام گهڻا عڪس ڪين ڏنا آهن پر ته به اڪريل صرف هڪ عڪس اٿم. ٿيڻ ته ائين گهرجي ها ته مان عام ماڻهن وانگر انهي جو قائل هجان ها ته زندگي آهي ته يادون به حيات آهن، جي آئينو ٽي پچي پيو ته يادون ڪنهن ڪم جون نٿيون رهن. پر زندگي جي پٽ تي اڪريل هڪ عڪس، اڄ به سٺ ورهين جي ڇمار ۾ ساڳي ئي صحت سان قائم آهي ۽ انهي قائل ڪري وڌو آهي ته حياتي ختم ٿي وڃڻ کان پوءِ به سندس عڪس قائم رهي ٿو. ڇڻ ته هٿ تي نڪتل ريکائون، هيءُ عڪس، هي واقعو اهو آهي جنهن منهجي سڄي زندگي پنهنجي قبضي ڪئي.

جنهن زماني جي ٿو ڳالهه ڪيان، انهي زماني ۾ مـان اڃان ننڍڙو هوندو هوس، تامي جي پئسي وانـگر ڪڙڪندڙ ٻـار، هڪ ننڍڙي پـکي مثل، جنهنکي هڪ هنڌ آرام اصل نہ ايندو هجي.

اسانجا گهر سيني کان نـرالا هوندا هئا. جيتوڻيڪ بابو سائين معمولي زميندار هو، تہ بہ ظاهري ٺاٺ باٺ جو قائل هوندو هو، شايد انهي ڪري جو اسانجا وڏا بابي سائين جي چوڻ مطابق تمام وڏي حيثيت جا مالڪ هوندا هئا.

اسان جي گهرن جي ويجهو، ڪجهہ هيٺ پرو ترائي ۾ ڪي ننڍڙا گهرڙا هوندا هئا. جيتوڻيڪ هوندا ننڍڙا ۽ ٻتڪڙا هئا، پر هئا وڻندڙ، سهڻي صندوق وانـگر جنهن تي چٽ تہ ڪشموري چٽسالي هجي. انهن ۾ رهندا تـہ مختلف خاندان هئا پر انهن گهرڙن ۾ هڪ گهر اهڙو بہ هو جنهن ۾ رهندڙ خاندان ننڍپڻ کان وٺي ئي مونتي ڇانيو رهيو. انهي خاندان جي وڏي شخصيت اهڙي تہ اهم هوندي هئي جـو جنهن کي مان ڏسندو هوس تہ سچ پچو تـہ ڪي گهڙيون خاموش ٿـي ويندو هوس. ڇا سندس چهرو، ڇا سندس رعب واري چال، ڇا سندس بت جي لوڏ، ڇا سندس ڳالهائڻ، اڄ بہ اهو آواز، اهو رنـگ؛ اهو رعـب وسريو ئي ڪونہ. سندس نالو پرسرام هو، دادا پرسرام عمر ۾ اسانجي بابي جو سن هـو پـر

ڏسڻ ۾ ائين ايندو هو ڇڻ ته منهن جو وڏو ڀاڱو آهي. هو تمام ڀورو هوندو هو، ڀورو جهڙو ڀيڙ، سندس منهن ڀريل هوندو هو، منهن تي ڪڪيون مڇون، ڪڪا اُڀا وار، بت ۾ چڱو سهرو هوندو هو. سندس منهن ۾ هڪ اهڙي ڳالهه هئي، جنهن هنکي سڀني کان مختلف ڪري ٻڌايو. سڀ هيون اکيون: وڏيون، ڳوڙهيون، ڪاراڻ مائل ڳاڙهيون اکيون سندس اکيون ڏسي مونکي انهي سهي جون اکيون ياد پونديون هيون جنهن کي هڪ دفعو جهنگ مان بابو پڪڙي گهر ڪٺي آيو هو، سندس اکين ۾ هراس ضرور هو پر انهي هراس ۾ لڪل شرارت نظر پئي آئي. هو، نهاري نهاري اوچتو وٺي ٽي ڀڄو پوءِ جي، وٺ ڏئي. مان جڏهن به دادا پرسرام کي ڏسندو هوس ته يڪدم سهو ياد پوندو هئم. هراس ۾ ڀريل به شرارتي اکيون، ۽ پوءِ ڪيس نهاري، نهاري وٺي ڀڄندو هوس ۽ يڪدم گهر وڃي سهي کي پڪڙيندو هوس ۽ سندس اکين کي ڏسندو هوس، ساڳيون، نس پس ڳاڙهيون اکيون.

دادا پرسرام کي مون چمڻ شرط به شايد ڏنو هجي ته شڪ ناهي چاڪاڻ جو جڏهن هوش آيم تڏهين به دادا پرسرام کي پنهنجي اوطاق تي بابي سائين سان گڏ نڙ پيئندي، ۽ ڪچهريون ڪندي ڏٺم.

دادا کي به ٻار هئا، مونکان ڪي قدر وڏا هئا.

سندس نندي ڏيءَ شيل هئي تہ موسڪان وڏي پر لڳندي مون جيتري هئي سندس وڏي ڌيءَ ڪملا مونکان ڪافي وڏي هئي. اسين گڏ کيڏندا ڪڏندا هئاسين. سندس گهر ۾ مان ائين مستن وانگر ٽپا ڏيندو، اچلون ڪائيندو، وڏو ٿيندو ٿي ويس، پر جڏهن دادا کي ڏسندو هوس تہ الائجي ڇا ٿي ويندو هئم. ڳالهيون اکيون جن ۾ چڙ تہ ڪجهہ لڪل هو. مان پيو جنهن هستي کان متاثر ٿيو هوس سا ڪملا هئي، جنهن کي اسين ڪمو ڪاڪي بہ ڪري سڏيندا هئا. هوءَ دادا پرسرام جو پيو روپ هئي. گوري گوري، منهن ويڪرو، گنڀيرتا ۽ مدرتا گڏيل بس رڳو اتي ئي دادا پرسرام کان مختلف هئي. دادا ۾ رڳي گنڀيرتا هئي پر ڪملا وٽ گنڀيرتا انهي سان گڏ مدرتا، ڪومل معصوميت پريل مکڙو جنهن ۾ سوين لکين عجيب ريڪائون هونديون هيون، سمنڊ جي سنهين ڳوڙهين لهرن مثل عجيب ريڪائون، جن گڏجي ڪمو ڪاڪي جي سندر مکڙي کي ٺاهيو هو. دادا جو منهن اهڙين ريڪائن کان خالي هو ۽ سندس اکيون کيس پنهنجي اولاد تہ ڇا پر سڄي دنيا کان مختلف پيون ڪن.

مان جڏهن بہ انهي نندڙي خاندان تي، ۽ انهي نندڙي گهرڙي تي غور ڪندو هوس تہ مونکي الائي ڇو ائين محسوس ٿيندو هو تہ انهي جي سونهن گهو

جڏهن نہ ڪندي ۽ ائين پيو ڏسندو هوس تہ ڪير سندس ڪشموري چٽسالي ڪرڙي رهيو آهي ۽ جڏهن گھڻو سوچيندو هوس تہ الائجي ڇو ہہ اکيون آليون ٿي ايندي يون هيون، گھاڙهيون لال، دادا پرسرام جون وچتر اکيون!

پرسرام جي باري ۾ هڪ ڏينهن بابي کان پڇيم "بابا آخر دادا ڪندو ڇاهي؟"

بابا اهو ٻڌي مشڪي ڏنو ۽ چيائين، "بابا، ڪلندو ڪمائيندو پيئندو، گھمندو رهندو آهي ٻيو ڇا........!؟" ۽ گھڻي پڇڻ تي ٻڌايائين تہ دادا پرسرام جا وڏا لکا پتي هوندا هئا، سندن ڇڏيل ملڪيت دادا ڇا، دادا جي پنهي ڏيئن لاءِ بہ ڪافي آهي. نيٺ رکي رکي هڪ خيال آيم ۽ دل جهلي پڇيو مانس "بابا، شيل ۽ ڪمو ڪاڪي جي ماءُ ڪاٿي آهي؟" بابا صفا ماٺ ٿي ويو- ورُ ورُ ڪري ٻي دفعا سوال پڇيو مانس پر نيٺ جواب مليو تہ "سنا ٻار پيچ پيچ گھڻي نہ ڪندا آهن." ۽ پوءِ جڏهن منهنجي بوتن ڪڙڪو ڪرڻ شروع ڪيو ۽ مون پنهنجي بت ۾ گھرائي محسوس ڪئي هن مونکي خبر پئي تہ شيل ۽ ڪملا جي ماءُ ڪٿي پڻ ۾ ڇڏي هلي وئي. ڪاڏي وئي، هن جي مو کي خبر ڪانہ هئي.

مون پنهنجي هيءَ آتم ڪٿا ٻڌائڻ کان اڳ ئي

ٻڌايو هو تہ هيءُ منهنجي ماغيءَ تي ڇهنيل ڏاڙ وانگر هڪ حقيقت آهي چاڪاڻ جو ٻالپڻ ۾ تـوڙي وڏي هوندي، جي مون پنهنجي ويجهو ڏنا سي دادا پرسرام وارا هٿا ۽ الائجي ڇو مون هميشه هڪ ڇڪ محسوس ڪئي. هڪ وچتر ڇڪ جنهن لاءِ مان چئي نہ ٿو سگهان تہ اها ڇڪ هٿن يا انهي ۾ ڪو قدرت جو هٿ هو.

وقت جي رفتار جو مونکي تہ اندازو نہ رهيو پر اچانڪ مون ڏٺو تہ مونکي دادا پرسرام جي ننڍڙي پڪڙي دروازي مان، ڪنڌ هيٺ ڪري لنگهڻو تي پيو. مون اهو بہ ڏٺو تہ شيل ۽ ڪمو ڪاڪي هاٿي مٿي تي چڱي طرح رڱو وجهڻ شروع ڪري ڏنو هو. هنن ۾ هڪ انوکي تبديلي ٿي چڪي هئي جنهن کي مان تہ شروع ۾ سمجهي نہ سگهيس، پر پوءِ جي واقعن مونکي محسوس ڪرايو تہ سوچيم ڪاش جيڪر ڪمو ڪاڪي ۽ شيل سيئي اوترائي رهن ها ۽ مان ڪائن بسڪٽڙا ۽ ڪنمٽڙا وٺڻ اچان ۽ هو مونکي سڪائي پڇي وڃن ها.

اف! اڄ بہ اهي يادون وسرن ڏيي نہ ٿيون، نہ ٿيوءِ زندگي قدم ڇوهہ مان ڪنيوتي هلي ۽ ا، وڏا ٿيندا وياسين، وقت ۽ زندگي جي وڏنڊڙ قد جو جنهن تي اثر نہ ٿي ٿيو سو دادا پرسرام هو، منهن

ٻمايا ويو ته ئي پيري ڏاڍهن وڪون ڪٽندو پر دادا ٻنهي اهوئي نس پس، ساڳيو ڪاٺ ساڳيو ٻت شرارتي ڳاڙهيون اکيون، جن ۾ شايد زندگي جي چوٽ پڙيل هئي جن ڪيس پوڙهو ٿيڻ نه ٿي ڏنو.

مان مئٽرڪ پاس ڪري شهر ڪاليج ۾ هليو ويو هيس، پر جڏهن به موڪلن تي ڳوٺ ايندو هئس ته پنهنجي لاءِ انهي پٽڪڙي گهرڙي ۾ ڪافي دلچسپي پائيندو هوس.

مونکي اڄ به ياد آ، اهو ڏينهن جڏهن مان پهرين سال جو امتحان ڏئي ڳوٺ موٽيو هوس ۽ سوڪڙين پاڪڙين سان لدجي شيل ۽ ڪمو جي گهر تي ويس، ۽ اهو ڏڪ به ياد اٿم جو بي خبري ۾ مٿي وارو در لڳو هئم ۽ سيني شين جا پڙا هيٺ ڪري پيا هئا. شيل ڊوڙندي آئي، ”پائو، اچي ويو، پائو اچي ويو.“ مون ڏٺو ته ڪمو ويجهو ڪانه هئي، هميشه ٻئي پيئر منهنجو سواگت ڪنديون هيون، اڄ ڪمو الائجي ڪٿي هئي.

”شيل، ڪمو ڪاڪي ڪانهي ڇا!“

”ها، آهي اندر ويٺي آ ـــ پر ـــ“

”پر ڇا ـــ؟“

”سندس طبيعت ٺيڪ ناهي ـــ؟“

اسان گڏجي پڙا کنيا ۽ اندر آيا مون ڪمو ليٽي پئي هئي، مان هتي ٽن مهينن کانپوءِ آيو هئس ۽ مون

اوچتو ڪمو کي بدليل محسوس ٿيو. اداس پيلو چهرو، ذرا ڏئي ويل اکيون، چوڌاري اداسي جو گهيرو هو پر ڪمو جي پنهنجي مدرتا ۽ معصوميت اهائي قائم هئي.

”ڪمو ڪاڪي، توکي ڇا ٿي ويو آهي، خوش ته آهين نه ـــ؟“

”ها، پاڻڙا، تون ته خوش آهين نه ـــ؟“

ائين چئي هوءَ، آهستي، اٿي ۽ پلنگ تان پير لاهي هيٺ ڪيائين، مونکان ڇرڪ نڪري ويو، هوءَ بت ۾ ڪافي پيريل نظر ٿي آئي، منهن هڏڙو ڳتل بت هڏڙو ڳرو؟ مان مونجهاري ۾ پئجي ويس، پر مان ڪا خاص راءِ قائم نه ڪري سگهيس، ڇو جو يڪدم دادا پرسرام اچي ويو، جنهن اهڙو ته رڪائي سان ڳالهايو جو مان ڪمو کان بسڪوٽڙا ۽ ڪتمڻڙا جيڪي هوءَ الماري مان ڪڍڻ لاءِ وئي هئي ونڻ بنا ئي هليو آيس. مان کي ڏينهن ته سندن گهر نه ويس پر نيٺ دل نه رهي ۽ مان وري سندن گهر وڃڻ لڳس، ۽ پوءِ جيستائين موڪلون هيون تيستائين ويندو رهيس، گهڻو ڪري اهڙي وقت ويندو هئس جڏهن دادا نــه هوندو هو. الائجي ڇو مان هاڻي ڪائنس ڊڄڻ لڳو هوس، اهو ڊپ جنهنکي پيدا ٿيڻ جو ڪوبه سبب ڪونه هو.

مان ڪملا ۾ تبديلي محسوس ڪندو هئس، هن

جـو بت لـڳڙو ٽيندو ٿـي ويـو ۽ مون خاص ڪري محسوس ڪيو، سندس پيٽ نڪرندو ٿي ويو مون هڪ ڏينهن شيل کان پڇيو، ”شيل، ڪمو ڪاڪي ٿلهي ٿيندي ٿي وڃي، گهٽي ماني ٿي کائي ڇا....؟“

”اڙي، پائو، بيمار آهي نه تنهنڪري ٿلهي ٿي اٿئي. دادا پيو چئي ته ڪيس پيٽ جي بيماري آهي انهي ڪري سڀ ماڻهو ٿلها ٿيندا آهن.“ ۽ پوءِ مـون انهي ڳالهه کي وزن ڏيڻ ڇڏي ڏنو. ڀانيم ته بيمار هوندي. نيٺ هڪ ڏينهن منهنجي زبان مان نڪري ويو،

”ڪمو ڪاڪي. آخر ڊاڪٽر ڇا ٿو چوي، توهانجي پيٽ جي بيماري لاءِ.“

”او.... نه.... ڪجهه به نه....“

هـوءِ گهٻرائجي وئي. سندس اداسـي، پيلاڻ ۽ سندس اکين جـي چوڌاري گـول، گول ڪارا ڪارا چڪرا وڌي ويا هئا، جيئن، جيئن وقت گذرندو ويـو آهي چڪرا وڌندا ويا، پيلاڻ ۽ اُداسي واسو ڪندي وئي.

جلدئي منهنجيون موڪلون پوريون ٿي ويون، مان شيل وارن کان موڪلائڻ ويـس مـونکي اِهـو ڏسي تعجب ٿيو ته ڪمو ڪانه هئي، شيل اداس ويٺي هئي، ڪانئس پڇيم ۽ هن جيڪو جواب ڏنو سو دل سان ئي نه پيو لـڳي، چي، ”ڪمو شهر علاج لاءِ وئي آهي!“

”رات اڃان مون ڏٺي آهي، راتون رات ڪمو ڪيئن

ٿي وڃي سگهي؟“ مون وڏيءَ پڇڻ ٿي چاهيو ته وڏي سندس ڳوڙها اُگهان، الائجي ڇو اهو جذبو پيدا ٿيو. الائجي ڇو....! اج به سوچيان ٿو ته جيڪر مان وڏي ائين ڪيان ها ۽ ڪيس وڏي پيار....! پر پوءِ ائين نه ٿيو. نوڪر جي سڏن تي جيڪو در تي رڙيون ڪري رهيو هو ته گاڏي جو ٽائيم پرجي آيو آهي؛ مان گهڻن خوابن مان بيدار ٿي اٿيس ۽ هليو آيس، خالي ۽ اباڻڪو.

پڙهائي جي زور ۽ محنتي ٿيڻ جي شوق اجازت ئي نه ڏني جو سگهو وران اتڪل سٺن، اٺن مهينن ڪان پوءِ موٽيس، ڏياري ويجهي هئي ٽنهنڪري ڏاڍيون شيون، سوکڙيون پاڪڙيون، شيل ۽ ڪمو لاءِ آنديون هيم. جهڙي خوشي سان مان سندن گهر ۾ گهڙيس، اهڙي اداسي مون سندن گهر ڏني، ڇڻ هڪ اداس وايو منڊل.... جنهن جا به جيو ان ڪان وڏيڪ اداس هئا، شيل تمام گهڻو اداس هئي، هوءَ ڳري ڪندا ٿي وئي هئي، پيريل ڳلن جي بجاءِ اتي بنهه هڏيون چمڪي رهيون هيون، هوءَ مونکي ڏسي يڪدم وراندي مان اتي اندر صفحي ۾ هلي وئي، ۽ مان به بنا ڌڙڪ اندر هليو ويس، پر مون ڏٺو ته شايد منهنجي اچڻ ڪري هنن کي ڪا خوشي ڪانه ٿي، نه ئي، هنن منهنجي آجيان ڪئي، نڪي قرب جا ٻول ٻوليائون، بس ٻئي خاموش ڪنڌ هيٺ ڪيو ويٺيون هيون.

”شيل! ڪمو ڪاڪي! ڇا ڳالھہ آھي، منھنجو اچڻ
چڱو نہ لڳو ڇا....؟“

”نہ ادل، اڄ ڀلي ڪري آئين، ڪڏھن آيو آھين؟“

مونکي آواز بدليل لڳو ، مون ڏانھنس نھاريو، الائجي
ڇو ھڪ ڇپي محسوس ڪيم، ائين لڳم تہ ھوءَ سيپڻي حسن
جون اھي ريکائون وڃائي چڪي آھي، سواءِ معصوميت
جي ڪن لھرن جي، اچانڪ ڪمو اٿي، مونڏانھن وڌي،
”اڄ د ر تي ڇو بيٺو آھين .... ويھہ ....“

ڪمو جو بت ساڳي حالت ۾ ھو، ڳرو بت، پيٽ
نڪتل ، لڙڪيلُ ڇاتيونُ ۽ ساڳي اداسي ، اکين جي
چوڌاري گول گول ڪارا چڪرا. ”ڪمو ڪاڪي ،
توکي ٿيو ڇا آھي، آخر شيل کي ڇا ٿيو آھي ، مون
کي ٻڌايو ڇو نہ ٿا....؟“ ڪمو جتي ھئي تتي ويٺي
رھي، شيل جي اداسي گھري ٿي وئي، ”ڪمو ڪاڪي،
شيل ....! آخر آھي ڇا؟ ڏس شيل، مان توھان جو ٻالپڻ
جو ساٿي آھيان ....! مونکي انھي ڳالھہ جو اڌيڪار
آھي تہ مان توھان کان پڇي سگھان تہ توھان اداس
ڇو آھيو، توھانجي اکين جي چوڌاري ڪارا، ڪارا
گول چڪرا ڇو وڌي ويا آھن، توھانجي ڳلن تي سڪي
ويل ڳوڙھن جا نشان ڇو آھن .... ڪمو ....! ٻڌايو ،
قسم اٿو منھنجو ....!!“

مان جذبات جي لھرن ۾ لڙھڻ لڳو ھئس، مون

ساڳيو ڪلنڊڙ ۽ ٺهڪن وارو وايو منڊل تي ڳهريو، پر مون ڏٺو ته منهنجي ڳالهائڻ ڪان پوء، ڪملا پوئتي هٽي ڪرسي تي وڃي سنڌڪو ڪيو ۽ شيل روئي رهي هئي، مان يڪدم وڌي ڪمو وٽ آيس هوء خاموش خلا ۾ ڏسي رهي هئي، مون خلا ۾ نگاه وڌي مونکي ته اتي ڪجهه نظر نه آيو سواء خاموش فضا جي ۽ پوء مان شيل ڏي وڌيس، ”شيل، آخر ڳالهه ڇا آهي.... مونکان ٻه لڪايو تا شيل!!“ شيل کي مون وني ڏاڍيان ڏ ونڌاڙيو، ۽ هوء مون ڪان، پاڻ ڇڏائي، رئندي اوچنگارون ڏيندي ٻئي ڪمري ۾ هلي وئي. مان نيٺ ڪرسي تي ويهي رهيس، مونکي سمجهه ۾ ڪجهه نه ٿي آيو، ۽ پوء مون آهستي، آهستي پر ۾ وينل ڪمو جي ڪومل هٿڙن کي پنهنجن هٿن ۾ جهليو ۽ مون کي ائين لڳو ڇڻ ته.... هڪ اداس روح، هڪ اداس فرشتو جيڪو آسمان ڪان لهي هيٺ آيو آهي ۽ هتي هو اڏامڻ جي طاقت وڃائي چڪو آهي.... ۽ پوء هو اداس آهي، رئنهارڪو آهي.... ۽ مان انهي ئي جذبي سان ڪمو جي هٿن کي زور ڏيندو رهيس، آهستي، آهستي، ”ڪمو ڪاڪي مان تنهنجو پاءُ آهيان، ننيڙو پائڙو، تو ته منهنجي هٿ تي رکڙي ٻه ٻڌي هئي، ياد اٿئي ته اڳ جيترو ويجهو هئاسين اج اوترو پري آهيون، ياد ڪر ڪمو ته اسين ڇو پري آهيون، اڳ ڇو ويجها

هئاسين، ڪمو ياد ڪر....“ مون آهستگي واري لهجي کي برقرار رکيو ۽ مان چوندو رهيس انهي ئي نوع ۾ جڻ تہ مان ڪنهن سان سس پس ڪري رهيو هئس، ”تون اڄ اداس آهين، تون گذريل سال کان اداس آهين.... تنهن جي زندگي اداس آهي. ٿڪ گم آهن، حياتي گم آهي ڪمو، ۽ انهي حياتي جا ٽي جيو شيل تون ۽ مان، ٽئي گم آهيون، هڪ اداس وايو منڊل ۾ جتي حياتي تہ ڪانهي، باقي موت جيان هڪ سناٽو ڇانيل آهي.... ڪمو آخر اهو سڀ ڇا آهي ڇو آهي، ڇو ڪمو.... ڪلہ تہ اداسي دور ٿي وڃي، ۽ زندگي واسو ڪري، ڪلہ ڪمو.... ڪمو.... ڪمو ڪاڪي....!“

مون ڏٺو تہ ڪمو ڪاڪي روئي رهي هئي، پوءِ اداس ڦڪي مرڪ سان، هن هڪ وڏو ٿڪ ڏنو، ڪو ڪلو ٿڪ جنهن ۾ اداسي جو ڏيرو هو.

”پائڙا، تون چئين ٿو تہ ڪلہ، اڄهو ڪلان ٿي، رنو تہ گهٽو اٿم، رئڻ چاهيان ٿي، پر وري ڪجهہ ڪين ٿو اڄ تہ توکي ڪلي ڏيکاريان، اڄ تہ توکي اهڙي شيءِ ڏيکاريان جنهن تي دنيا تہ نيٺ کلندي ٿڪ ڏيندي، پر تون رئندي، پر مان توکي رئڻ نہ ڏيندس تو مونکي کلايو آهي تہ مان بہ توکي کلائيندس، ڪلہ نہ ڪلہ....“

هوءِ چرين وانگر ٿڪ ڏيندي اٿي ڪڙي ٿي، ۽ مونکي ٻانهن کان وٺي گهليندي هلي، هوءِ مونکي

مازيءَ تي وٺي ٿي هلي، اسين ڏاڪڻ ٽپي مٿي ٿياسون ته اچانڪ ڪمو ڪليل در ڏسي رڙ ڪئي، هيءُ در ڪنهن ڪوليو.“ هنجي وچي پينگهي ۾ سنل ٻار تي نظر پئي ۽ رڙيون ڪندي وچي ٻار کي چنبڙي.

”بلو، ٻڏاءِ ته توکي ڪنهن ماريو، بلو .... مان توکي هيل تائين ظالم جي چنبي ڪان بچائيندي آيس پر بلو تون نيٺ هنجي چنبي جو شڪار ٿي وئين .... بلو ٻڏاءِ ته سهي .... مون ته توکي هڪ نوجوان جي روپ ۾ ڏسڻ ٿي چاهيو .... تون منهنجو ڪنهن ٻئي ڪان انتقام وٺين ها، جيئن ڪنهن مونکان ٻئي ڪنهنجو انتقام ورتو آهي .... پر .... پر .... اف ....!“ هوءَ ڏاڍيان روئي رهي هئي ۽ روئندي، رئندي يڪدم هن اکيون ڪئي مون ڏي نهاريون ۽ دانهن ڪري چيائين، ”او ڀائو .... ڀائو ڏس ته سهي .... سڃاڻ ته سهين .... هيءُ پاپڻ جي ڳنڙي جنهن منهنجي حياتي ۾ زهر ڀري ڇڏيو او الا، ڇا ڪريان .......“

هنجي اوچنگارن منهنجي اکين کي آلو ڪري ڇڏيو ۽ مون پنهنجين ڏندلين اکين سان ٻار ڏانهن نهاريو، اکين کي زور ڏئي پاٽي ڪديم ۽ وري غور سان ٻار کي ڏسڻ لڳس، اف، ساڳيون ڳاڙهيون اکيون، ڀوري ڀوري شڪل، ڪڪا وار نس پس، جهڙو .... جهڙو .... دادا .... دادا پرسرام! الائجي ڇو منهنجي زبان مان نڪري ويو.

”دادا....!“

”ها، ها دادا، هيءَ دادي جو بدلو آهي، بي گناه کان بدلو .... پر هاڻي مان بہ بدلو وٺنديس جي منهنجي بلوءَ بدلو نہ ورتو تہ مان وٺندس .... ها .... مان وٺندس .... پنهنجي عصمت جو .... پنهنجي بلو جو .... بدلو ....“

ائين چئي هوءَ سٽ پائي اٿي ۽ الماري کولي يڪدم هڪ ڇري ڪڍيائين، ۽ اها هٿ ۾ ڪري در ڏانهن وڌي، در ڏانهن نهاريندي هوءَ ڄڻ ڪاٺي بيهي رهي، دادا پرسرام در تي بيٺو هو، جوش ۾ ڀريل ڳاڙهين اکين سان. ”او، دادا ....!“ مونکان گهٻراهٽ مان آواز نڪتو، ”ها، دادا آهي، مان سڄاڻانس ٿي، مان سڄاڻانس ٿي ان ڏينهن کان، جنهن ڏينهن کان مون هنکي ابي جي صورت ۾ ڏٺو ۽ هنکي وري سڃاتم انهي ڏينهن، جنهن ڏينهن هن ڏيءَ جي منهن تي ڪارنهن جو ڇنبو گهمايو، رت، رت کي نہ سڃاتو. نہ ڪي آسمان کي لوڏو آيو نہ ڌرتي ٿي ڏڏي .... خاموش ڇو آهيو دادا .... ڪڇو، چئو، نہ مان ڪوڙ تي ڳالهايان .... بلو کي ماري بہ خوش نہ ٿيا آهيو ....!“

”هان، بلو مري ويو، ڪيئن مري ويو، ڪنهن ماريس ....؟“ دادا جو جوش صفا دور ٿي ويو هو ۽ هو پينگهي ڏانهن وڌيو، ”اڳتي نہ وڌ دادا، تنهنجي ننهن جا نشان باوءَ جي ڳلي تي ظاهر آهن، تون

لڪائڻ جي ڪوشش نه ڪر جتي هيترا پاپ ڪيا،
اتي هيءُ پاپ به، ڏچو ڇو ٿا؟“
”نه ڪمو، نه .... مون ڪيس نه ماريو آهي .... ڀڳوان
جو سوڳند کائي ٿو چوان ته مون نه ....“ داد گهٻرائجي
ويو هو، سندس حواس خطا ٿي چڪا هئا، هڪ دلير
پاپي اڄ ئين ڏڪي، مان حيران هئس، پر منهنجي اچانڪ
ڪمو تي نظر پئي هوءَ ٻڪايل شينهڻ وانگر نظر پئي
آئي، سندس هٿ ۾ چمڪندڙ ڇري هئي. سندس اکيون
لال هيون هوءَ وڦلندي دادا ڏانهن وڌي رهي هئي،
مون پانيو ته دادا ڪجهه ڪندو پر ڏٺم ته هو ڪنبي
رهيو هو. سندس ووڙڪ جسي وڃن هئي ڪيس گهائي
وڌو هوءِ هو پنتي هٽي رهيو هو.

”هڪ هنڌ بيهه دادا .... پنتي نه هٽ .... مان اڄ صفائي
ڪرڻ گهران ٿي، هاٿي وڏيڪ پاپن جون گهڙيون ڪٿڻ جي
سگهه ڪانهيم، نه وري چاهيان ٿي ته تون شيل کي به پنهنجن
پاپن جو نشانو بڻائين، چاٽان ٿي ته تو ڇو اهو مون کان بدلو
ورتو صرف انهي لاءِ جو منهنجي ماءُ توکي ڇڏي،
ٻئي ڪنهن سان ڀڄي وئي هئي ۽ تون عورت ذات
کان بدلو وٺڻ لاءِ آتو هئين، پر تو ظالم پنهنجي سڳي
ڌيءَ کان بدلو ورتو، شيل ڀڳوان جي مهرباني سان
بچي وئي. پر تو منهنجي حياتي داغدار ڪري ڇڏي
بلو مري ويو پر ٻيو جو پيٽ ۾ اٿم، تنهنجو ڇا ڪنديس؟“

ڪملا هاڻي هڪ هنڌ ڄميو ويٺي هئي، رنائين به پئي ۽ ٻالهايائين به پئي، پر پوءِ روئڻ ڪٿي بند ڪيائين.

اوچتو ڪمو لوهه پاڻي دادا کي ڇري هڻڻ لاءِ ڊڪي، پر دادا ٻــه وني ٻاهر پڳــو ۽ ڏاڪڻ ڏانهن ڊڪ پاتائين. ڪمو ٿابڙجي ڪري، ۽ ڪــرڻ شــرط هڪ هلڪي دانهن ڪيائين، ”پاڻو .... !“ مان ڏانهنس وڌيس ۽ مون در تي دادا جون دانهون ٻڌيون. ڪمو پنهنجو شڪار پاڻ تي هئي. سندس هٿ واري ڇري سندس پيٽ ۾ گهڙي چڪي هئي. انهي ئي ويــرم ڏاڪڻ مان هڪ دانهن ٻڌڻ ۾ آئي، هڪ پياڪ دانهن مون ڏاڪڻ ڏانهن پڇڻ چاهيو، ”پاڻو ....!“

”ڪمو....!“ ”پاڻڙا مونکي اڪيلو ڇڏي نه وڃ .... پاڻو شيل جو خيال رکجانءِ ....“ ايتري ۾ شيل به اچي وئي.

”شيل پنهنجو خيال پاڻ رکيو آهي پر ڪاڪي، توکي ڇا ٿيو؟“ هــوءَ يڪدم مٿانئس جهڪي وئي، شيل سڄي رت ۾ ٻريل هئي سندس هٿ ۾ ڇري هئي.

”تو هــيءَ ڇا ڪيو شيل ڇــا تــو دادا کي ماري وڌو ....؟ پر هاڻي ڇــا ٿيندو .... پاڻو مرڻ ويل منهنجو عرض مڃج .... ظاهر ائين ڪجو ته دادا جو خون مون ڪيو آهي .... پاڻو، شيل جو خيال رکجان .... شيل پوتر آهــي .... پاڻو هو صاف آهي .... گندگي کان پاڪ مون

ڪيس هن گندي ماحول ۾ به صاف رکيو آهي .... صرف تو لاءِ پيائو، صرف تو لاءِ .... تون سندس خيال رکندين نه .... پر .... تو هان مونکي سنئون چو نه ٿا ڪيو .... اوالا مري ويس.“ هوءَ ڦٿڪڻ لڳي.

۽ مون رئندي رئندي ڪيس سنئون ڪيو، مونکان رڙ نڪري وئي. هڪ ڪچڙو اڻن يا سٽن مهينن جو ٻار، ڪمو جي چيريل پيٽ مان ٻاهر نڪري پيو هو. ڪمو ٿڌي ٿي چڪي هئي.

شيل جون رڙيون، ماحول کي وڌيڪ ڀيانڪ بڻائي رهيون هيون، ”رشو، مان ڏسي نه ٿي سگهان، اُف ڇوڏاري ڳاڙهاڻ، رت ئي رت اُف مان ڇا ڪريان رشو .... ڪمو مون ڏي نهاري ٿي .... مونکان ڪجهه پڇي ٿي مان ڪيس جواب ڇا ڏيان رشو .... ته مان پاپي آهيان .... گنهگار آهيان .... رشو!“ هوءَ رڙيون به ڪري رهي هئي ۽ ڳالهه به ڪري رهي هئي. مان خاموش هئس شايد ماحول کان متاثر ٿي. ”رشو، ڪاڪي توکي چيو نه ته شيل پوتر آهي، گندگي کان پاڪ ۽ صاف .... پر رشو .... هوءَ ڇا ڄاڻي ته .... ته ....“ هن اچانڪ مانڻ ڪٽي ڪئي ۽ پوءِ آهستگي سان چوڻ لڳي .... ”رشو هوءَ ڇا ڄاڻي ته شيل به گندگي جي پيريل ڳنڙي آهي گندگي جي ڳنڙي رشو .... پر ڪمو وانگر ڪنهن گندي ڳنڙي کي جنم نه ڏئي سگهي آهيان .... مان دادا

جو شڪار ٿي چڪي آهيان.... منهنجي منهن تي بہ هن ڪارنهن ملي آهي.... ڏ ٻ رشو....“

واقعي هنجو منهن پيانڪ ٿي نظر آيو ۽ مان چرڪي اٿي بيٺس، ”چرڪين ٿو نہ رشو.... متان توکي ڪارنهن نہ لڳي وڃي، توکي ڪارنهن لڳڻ نہ ڏيندس. رشو.... مون تنهنجو گهڻو انتظار ڪيو، تنهنجي هٿ جو انتظار ڪيم، تہ اجهو ٿو تنهنجو پيار ۽ پاٻوه وارو هٿ مونڏانهن وڌي ۽ تون مونکي هن گندي ڪوه ۾ ڪرڻ کان بچائيندي پر تون رشو ابوجهہ، ٻولو ڀالو، ڪنهن ٻي دنيا ۾ گم رهين ۽ هٿ اسان جو ارٿيون نڪري ويون.... اسين سڀ هڪ شمشان ڀومي پهچي وياسين جتي اج سيني کي جلي رک ٿيڻو آهي.“

هوءَ اچانڪ اٿي ۽ ٻاهر ڀڄڻ لڳي، ۽ الائجي ڇو منهنجو هٿ ڏانهنس وڌيو ۽ کيس پڪڙي ورتم.

”مونکي ڇڏ رشو تہ مان وڃان.... مان پاپڻ آهيان رشو.... مونکي ڇڏ متان منهنجي ڪارنهن نہ توکي لڳي وڃي.... مون گهڻيئي پاپ ڪيا آهن رشو شايد توکي خبر نہ هجي.... تون ٻڌي ڇڏ، ٻلو کي بہ مون ماريو آهي رشو.... تنهنجي پاڪ ۽ پوتر شيلا، جنهنکي انهن گناهن جي ڳنڍڙين کان سخت نفرت آهي ۽ خود کيس پنهنجي جسم کان نفرت آهي توڙي هن ڪنهن پاپ جي تڪر کي جنم نہ ڏنو آهي پر پاڻ ڦرڙي

وانگر پڇي گندي تي چڪي آهي.“ هوءَ پاڻ ڇڏائڻ لڳي. ”ڏس ڇڏ.... گندو جسم .... متان تون ڇپي نه پوين .... مان نٿي چاهيان ته منهنجي گندگي وري پين گندگين کي جنم ڏئي .... ڇڏ .... رستو .... و .... ڇڏ .... نه ....“ ۽ هوءَ آهستي، آهستي، پيار ۽ پابوه مان منهنجي ويجهو اچي وئي، سندس ساهه مان پنهن جي منهن تي محسوس ڪري رهيو هوس، هوءَ تمام ويجهو هئي ۽ پوءِ اچانڪ سٽ ڏيئي، هٿ ڇڏائي وٺي ٻاهر ڀڳي .... ۽ مان خاموش هڪ هنڌ بيٺو رهيس منهنجي پيرن ۾ اهو تازو چاول ۽ مٺل ٻار پيو هو، مون نٽڙي ڪيس نيو ۽ سندس منهن ۾ نهارڻ لڳس .... مون سڄو ماحول پوائنو محسوس ڪيو .... ڊپ ٿيڻ لڳم .... يڪدم ٻار کي ڦٽو ڪري وٺي ڀڳس ڏاکڻ تپي هيٺئين ڏاکي تي پهتس ته دادا پرسرام کي پاڻ ڏانهن نهاريندي ڏٺم. هو مري چڪو هو، پر ته به هُو مون ڏي نهاري رهيو هو.... ساڳين گهاڙهين اکين سان جن ۾ هراس هو ۽ شرارت هئي، پاپ هو، ڊپ هو، رت هو ۽ چپا چپا نه هو .... اچانڪ مونکان دانهن نڪري وئي .... مان اتان وٺي ڀڳس ۽ سڌو صفحي ۾ آيس، ”شيل .... شيل....“

مون شيل کي سڏ ڪيو پر پوءِ الائجي چو مون محسوس ڪيو ته شيل ڪانهي ڪا، منهنجو آواز خالي جاءِ ۾ پڙاڏو ڪري رهيو آهي شيل هن گندي ماحول کان بغاوت ڪري ڪنهن ٻئي گندي تلاءُ جي پاڻي جو سهارو وٺڻ

لاءِ وڃي چڪي هئي. مان ڊپ ۾ هراسيل هئس هراس ۾ مونکي ائين لڳو ڄڻ تہ منهنجو دم ئي گهٽجي.... مان يڪدم ٻاهر ڀڳس، ڀڄندو ويس، مونکي خبر ڪانہ ٿي پئي، اچانڪ ٿاٻڙجي ڪريس مونکي خبر ڪانہ پئي تہ پوءِ ڇا ٿيو....! زندگي الائجي ڪيئن گذري ڪيئن سٺ ورهيہ گذري ويا تنهنجي مونکي خبر ڪانهي بس ايترو سو ياد اٿم تہ سڄي زندگي تي اهي ڪردار ڇانيل رهيا... مان بس انهن يادن جي جزيري ۾ گم رهيس، جڏهن هوش آيم تڏهن ڏٺم تہ پوڙهو ٿي چڪو آهيان، ڏند بہ ڪري پيا اٿم ماس لڙڪي چڪو آهي، بس خواهش هئم تہ هنن يادن کي ڪنهن جي حوالي ڪيان....!!

اڄ اهي يادون اوهانجي حوالي ٿو ڪيان.... انهي جزيري جي حڪومت او هانکي سونپيان ٿو صرف انهي لاءِ جو مان انهي جو قائل ٿي چڪو آهيان.... تہ.... حياتي ختم ٿي وڃي ٿي پر سندس عڪس سندس ڇٽ.... سندس نقش.... پوءِ بہ قائم رهن ٿا.

# هڪ خواب، هڪ حقيقت

تن ڏينهن مان شيلانگ (آسام) ۾ پيلائي ڪاتي جو وڏو عملدار هوس. ديس تہ ڏاڍو وڻيو هوم، پر هڪ گنديءَ جاءِ ۾ رهڻ ڪري، اصل مزو ڪونہ پئي آيو. پنهنجي نوڪر 'منگلو' کي ڏاڍو چيم تہ ڪا سٺي جاءِ يا ڪو بنگلو ڳول، نہ تہ هت تہ مري ويندس.

نيٺ شهر جي ٻاهران هڪ ٽڪري تي، ننڍڙو پر سهڻو بنگلو ملي ويو. مڙئي ڪجهہ آفيسري رعب ڪجهہ منگلوءَ جي اثر رسوخ ڪري، بنگلو تمام ٿوريءَ مسواڙ تي ملي ويو.

منگلو آسام جو رهاڪو هو. نهايت شريف ۽ ايماندار، غربت کيس تمام گهڻو اڳ پوڙهو ڪري ڇڏيو هو. کيس ٻہ پٽ، هڪ ڌيءَ هئي. زالس گهڻو اڳ مري ويئي هيس. سندس وڏو پٽ ٻہ، زال ۽ چار ٻچا ڇڏي گذاري ويو هو: سڄي ڪٽنب جو بار مٿس هو. ڌيءَ ساماڻيل، پٽس ننڍو، ٻيا پنج ساهوارا کائڻ وارا، تنجي فڪر ڪري هو هميشہ موڙهل پيو لڳندو هو. مون

ڪيس تمام سٺي پگهار تي رکيو، جنهنڪري مڙني سندس
مالي حالت ڪجهه سڌري ويئي هئي. هاڻي ڪيس رڳي
گهٽني هئي ته سندس ڌيءَ جي شادي ٿئي. انهن گهٽنين
جي ڪري هو نئين جاءِ ڳولڻ ڪان نٿاڻيندو رهيو. پر
هڪ ڏينهن جو صبح جو نڪتو، سو منجهند جو موٽي
اچي ٽيڙ ڪٽائي سڏو اُنهيءَ بنگلي ۾ رکايائين. مان
آفيس ڏانهن هوس، اُتان سڏو منگلو مون کي بنگلي تي
وٺي آيو. بنگلو نهايت ئي سندر هو، ننڍڙو سو هو، پر
سندس جوڙجڪ اهڙي ته سهڻي ۽ انوکي هئي جو دل
چوي ته رڳو پيو اُن کي ڏسجي. تاري وانگر ڪڙيل،
پنج-ڪنڊو باغ وچ تي هوس. ان جي هڪ ڪنڊ ڪان
بنگلو هڪ سنهيءَ ليڪ وانگر شروع ٿي ٿيو. وچ تي
ڪجهه ويڪرو ٿي، وري سنهو ٿيندو، ليڪ وانگر،
ٻيءَ ڪنڊ تي چيڙو ٿي ڪيائين. چنڊ-تاري جو هيءُ
ماڊل مون کي ايڏو وڻيو، جو منگلوءَ ڪان مسواڙ به نه
پڇيم. اينرو سو پڇيومانس ته هيءُ بنگلو ڪنهن جو آهي
تنهن جي جواب ۾ هن مون کي هڪ ڪهاڻي ٻڌائي،
جا دلچسپ ضرور هئي، پر مون بنگلي جي ملڻ جي
خوشيءَ ۾ ان تي گهڻو غور ڪونه ڪيو.

ٻئي ڏينهن اسان بنگلي کي صفا ڪيو ۽ سٺي نموني
۾ سجايو. منگلوءَ کي ماني تي دير ٿي ويئي هئي،
تنهنڪري هو يڪو بورچيخاني ڏانهن، ۽ مان ڊرائنگ روم

۾ ويهي ڏڪ پڻڻ لڳس. اڄ مان آفيس به ڪونه ويو هوس، صرف انهيءَ بنگلي کي سنوارڻ ۽ سجائڻ جي ڪري.

اوچتو گهنٽي وڳي. ڏنم ته منگلو پرئين پاسي هو. مان يڪدم اُٿي در تي آيس. ٽپالي بيٺو هو.

”صاحب، سلام!“

”هون. ڇاهي؟“

”پارسل.“

”مون کي ڏي.“ مون بيخياليءَ ۾ پارسل ورتي، رسيد تي صحيح ڪري ڇڏي. پارسل کڻي آڻي ڪوچ تي ڦٽو ڪيم، تڏهن اوچتو منهنجي نظر اڊريس تي پيئي: ”اِندرا — اِندر نواس — شيلانگ — آسام.“

”هيءُ پارسل منهنجو ته نه آهي؛ پوءِ موٽائي ڏيڻ ته گهرجي —“ يڪدم مان ٻاهر ڀڳس. اوچتو مون کي ياد آيو ته ’اندر نواس‘ ته هيءُ ئي آهي! مان وري واپس اچي ڪوچ تي ويهي رهيس.

”اندر نواس!“ منهنجي ذهن تي اکر اڀريا — ”اندرا — اندر نواس!“ مون کي منگلو جي ٻڌايل ڳالهه ياد اچڻ لڳي.

هيءُ بنگلو سيٺ سندر داس پنهنجيءَ اندرا لاءِ ٺهرايو هو. هوءَ بمبئيءَ جي چترڪاري اسڪول ۾ ڊپلوما ڪري رهي هئي. هن کي بنگلو اصل نه وڻيو هو. هٿ صفا ڪانه رهي، وري موٽي بمبئي ويئي، جتان وري واپس

نہ موٽي. ڪين تہ ڇيو ٿي تہ ڪنهن سان ٻڇي ويٺي. پٽس سندس ڳولا ۾ ڏينهن رات هڪ ڪري ڏنو؛ نيٺ هو ڇريو ٿي پيو ۽ سيگهہ ئي مري ويو. 'اندر نواس' ويران ٿي رهيو. جائداد سڄي ماڻن ۾ ورهائجي ويئي. هيءُ بنگلو بہ هڪ ڪنگال مائٽ کي هٿ اچي ويس، ۽ اهو وري اچي ويو منگلو جي آور ۾، جنهن ڪيس چڱي مسواڙ بولي؛ ۽ ائين اسان اچي هتي واسو ڇمايو.

اوچتو مون کي پارسل جي يادگيري آئي. پارسل ڪافي ڳرو ۽ ويڪرو ٿي لڳو. ائين پئي لڳو، ڇڻ ڪنهن تصوير جو فريم هو. الائجي ڇو، منهنجا هٿ بي اختيار اُن جي ڇوڏاري رسين کي ٽوڙڻ ۾ لڳي ويا. تان خبر پيئي جو اڌو هڪ ڪاٺ جو فريم هو، جنهن تي باقي هلڪو پنو چڙهيل هو، جنهن مان ڪنهن جي چٽر پئي جهلڪا ڏنا. اتي مون کي احساس ٿيو تہ مون پارسل کولي غلطي ڪئي آهي؛ پر پوءِ آخري پنو بہ هٽي ويو.

مان کي گهڙيون تہ يڪٽڪ انهيءَ فريم ۾ پيل چٽر کي ڏسندو رهيس. منهنجي سامهون هڪ فنڪار جو اعليٰ پر سندر خواب هو. پينسل جون ڪي ٿهليل ريکائون هيون، جن گڏجي هڪ جسم کي جنم ڏنو هو. ڇا اهو جسم، ڇا اُن جو مک - سندرتا جي انتها هئي. سندريءَ جي ڇهري تي گنڀيرتا ڇانيل هئي. اُن

گنڀيرتا ڀريائين ۽ رعب تي وڌو؛ تنهن کان پوءِ ظاهر ٿي ٿيو سندريءَ جو هٺ ۽ غصو ـــ ۽ اِهائي فنڪار جي خوبي هئي ته هوءَ انهيءَ هٺ ۽ غصي جي عالم ۾ ڪاڙي نه خوبصورت ٿي معلوم ٿي! اهو سڀڪجهه صرف چند ليڪن جو کيل هو. سندس لباس به ٻن ٽن لڪيرن سان ظاهر هو ـ جڻ ڪنهن فرشتي کي ڪو اڇو ڏڳهو جبو پارائي ڇڏي ڏنو ويو هجي. فنڪار جو تخيل خوبصورتيءَ جو بهترين مثال هو: هڪ خوبصورت معصوم فرشتو، غصي جي عالم ۾؛ـ اُن ۾ به وٺندڙ هجي! فنڪار ٻه ضد پاڻ ۾ ملائي، اُن سنگم کي سندرتا بخشي هئي. هڪ ڳالهه جا تصوير ۾ سڀني کان مختلف هئي، سا هئي، سندريءَ جون اکيون: گول گول، ڪاريون، ڏگهن ڇپرن سان ڍڪيل، جن ۾ غصي جي بجاءِ هڪ عجيب مذر جوت هئي، جا سندس ڪردار کي وڏيڪ جلا بخشي رهي هئي.

او چتو منهنجي نظر تصوير جي هڪ ڪنڊ تي پيئي:
’هيءَ روپ ـ پيتا آهي، اُن روپ کي، جو هن کان مختلف نه آهي ـــ روپ؟‘

مون اُن جملي کي ور ور ڪري پڙهيو ۽ سمجهڻ جي ڪوشش ڪئي. نيٺ انهيءَ نتيجي تي پهتس ته هيءَ تصوير اندرا جي ئي آهي، جا حسين پر مغرور، هٺيلي ۽ غصيلي هئي. سندس ڪردار جي اها ادا ڪنهن

چترڪار ڪي وٽي ٻہ آهي، ان سان گڏ ڪٽڪي ٻہ آهي؛ چاڪاڻ تہ لڳي ائين پيو، ڄڻ تہ سندس ڪردار جي انهي پهلوءَ چترڪار ڪي اندرا جي ويجهو اچڻ نہ ڏنو آهي، جنهنڪري هو هميشه ڏکويل رهيو آهي. پر، الائجي ڇو، اکين جي انو ڪائپ مسئلي ڪي ڪجھ منجهائي ڇڏيو. اکين جي جوت، پيار ۽ ڪجھ ٻين گڏيل جذبات ڪي ظاهر ڪري رهي هئي.

مون ٻہ وڏيڪ سوچڻ ڪي ڇڏي، تصوير ڪي ڪٽي اچي آتشدان مٿان ڪارنس تي رکيو. پوءِ ٿورو پر پرو ٿي ڪيس وري جاچڻ لڳس. مون ڪي سندس بيهڻ جي انداز ڪافي متاثر ڪيو هو. آن ۾ بيباڪي هئي، جان هئي، جنهن ڪيس بلڪل زنده انسانن جي صف ۾ ٿي بيهاريو، ائين ٿي لڳو، ڄڻ تہ هوءَ زنده ڪارنس تي بيٺي آهي: سندس هڪ هٿ سفيد جبي جي ڪنڌ ڪي ڪجھ مٿي ڪنيو بيٺو آهي، جنهن سان سندس رعب وڏيڪ نمايان ٿي ويو آهي، ۽ ٻئي هٿ سان ڪو اشارو ڪري رهي هئي. الائجي ڇو، مان ائين محسوس ڪرڻ لڳس تہ واقعي هوءَ تصوير مان نڪري آئي آهي، ۽ ڪو حڪم ڪري رهي آهي: 'هيءُ ڪم ڪر، هو ڪم ڪر، تڪو ٿي!' مان سندس تحڪمانہ انداز تي ڪجھ چرڪجي ويس. يڪدم اکيون ڪٽي مليم، پر ڏنم تہ ساڳي تصوير هئي ـ انو ڪن جذبن جو مجموعو.

۽ مون کان زبان مان نڪري ويو، ”ڪاش، اها زنده هجي ها، ۽ مان بنا ڇھڻ جي ڪيس ائين ڏسندو رهان ها!.... ڪاش!...."

۽ پوءِ مون کي پنھنجي انھيءَ خواهش تي کل اچي ويئي. منھنجي کلڻ جي آواز تي منگلوءَ، جو شايد ڪنھن ڪم سان مون ڏانھن تي آيو، هڪدم ٻ ڪ پاتي ۽ چيائين.

”سائين، سڀ سک!"

”ها، ڇو؟"

”الائي، بابوجي، توهان جو ائين پنھنجي ليکي کليو، سو يڪدم وهم اچي ويئم. بابوجي، هوئن ٿي هت ڀوت پريت گھڻا آهن. هن بنگلي لاءِ ٻه ماڻهو ائين چون ٿا. سو اوهان مڙئي خيال ڪجو، ڀڳوان ڀيو ڪرپا ڪري! شائين، جاءِ جي تنگي نہ هجي ها تہ اسين هت نہ رهون ها. پر مجبوري.... اڙي هيءُ ڦوٽو ڪٿان آيو؟"

”هڪ دوست موڪليو آهي."

”پر، بابوجي، هيءَ ڪا آسامي عورت لڳي ٿي!"

”ها، اندرا جي تصوير آهي."

”اندرا جو ڦوٽو! توهان کي ڪٿان هٿ آيو؟ پر ٻيھو.... سچ، هيءَ تہ اندرا آهي ـــ نس پس اندرا! سندر، تيز، پر سٺي ڇوڪري ـ"

منگلو الائجي ڇو اُداس ٿي ويو؛ ۽ پوءِ ماٺ ڪري

تکو تکو بورچيخاني ڏانهن هليو ويو. مون کي لڳو، ڄڻ منگلو ڪا ڳالهه مون کان لڪائي رهيو آهي: هو اندرا جي باري ۾ گهڻو ڪجهه ڄاڻي. دل چاهيو ته کيس سڏيان، ۽ ڪائنس پڇان اندرا جي جيون-ڪٿا. پر پوءِ سوچيم ته ڪنهن جي جيون-ڪٿا ۾ گهيري وڃڻ سان ڇا ٿو ٿئي: جڏهن ان جي گهاريل جيون جو هڪ عڪس ئي سچي جيون جي اُپٽار ڪري رهيو آهي، ته پوءِ باقي رهيو ڇا؟ ۽ پوءِ مان وري گم ٿي ويس ان لڪيرن ۽ ريکائن جي ديس ۾. ائين پئي معلوم ٿيو ڄڻ ته اهو ديس ئي حقيقت آهي، باقي سڀ ڪوڙ.

مون کي ڇنو پتو ياد آهي ته اهو سڄو ڏينهن منهنجو ڪيئن گذريو. تصوير ڪارنس تي رکي هئي. مان سامهون ڪرسي وجهيو ان کي تڪي رهيو هوس. ان ۾ ايترو ته گم رهيس جو منگلوءَ به ٻه ٽي دفعا مانيءَ جو پڇيو، پر مون ٽاري ڇڏيومانس. مان جنهن ديس جو سير ڪري رهيو هوس، تنهن جي منگلوءَ کي ڪهڙي خبر؟

دراصل مان انهيءَ ڪوشش ۾ مصروف هوس ته اُها تصوير جاڳي، ڪر موڙي اُٿي، منهنجي تصور تي ڇانئجي وڃي: بلڪل منهنجي مرضيءَ مطابق، جيئن مان کيس چوريان، تيئن چُري، لطيف لهرون من ۾ پيدا ڪري. پر پوءِ ڏنم شام ٿي ويئي، ۽ مان ناڪام رهيس

هوءَ ساڳئي انداز ۾ مون ڇانيل رهي. رعب ۽ تمڪنت سان ڳنڍ، هراسيندڙ ادا! نيٺ مون منگلو کي سڏ ڪيو ۽ ماني ڪاڍم. منگلو خاموش هو. هن ڪنهن قسم جو تبصرو منهنجيءَ محويت تي نہ ڪيو، پر مون چاهيو ٿي تہ هو ڪجهہ پاڻهي چوي، اندرا جي ڪردار جي وڌيڪ اُپٽار ڪري، تان تہ هوءَ وڌيڪ واضح ٿـي منهنجي جذبن مٿان ڇانئجي وڃي. پر جڏهن ڏٺم تہ هو ڪجهہ خاموش ڪجهہ اُداس ٿي رهيو، تڏهن کيس ڳوالڻ لاءِ ڪانئس پڇيم:

”ڇا ڳالهہ آهي، ڪاڪا منگلو، اُداس آهين؟“

”ڪجهہ ناهي، سائين. مڙئي آهي جـند ڳي گذارڻي.“

”آخـر، ڇئہ ڪٿي!“

”سائين، ساڳي پراڻي ڳالهہ آهي. جمنا جي سسرال وارا گهڻو جهيز گهرن. نہ تہ ڇون ڇوڪري نہ کپي! مان گريب ڪتان ايترا جيوَر ۽ ڪپڙا، ڏيان؟ ڇوري بہ وڏي ٿـي ويئي آهي. سائين، بـس، وڏو سور اٿم انهيءَ جو، ڇـا ڪريان! پـر سائين، اوهين ڇـو ويچار ڪريو؟ ڇڏيو انهيءَ ڳالهہ کي، اوهين ماني کائو -“

منگلو ائين چئي چپ ٿي ويو؛ ۽ الائجي ڇو، مان بہ ڪجهہ چئي نہ سگهيس. ماٺ ڪري ماني کاڌم، ۽ پوءِ ٻاهر نڪري باغ ۾ ڦرڻ لـڳس. منگلو جـي ڏک جي خيال ڪجهہ دير مون کي بہ دُکي ڪيو؛ پر پوءِ

اندرا جو ساڳيو روپ منهنجن خيالن مٿان ڇانئجي ويو. پر صرف انهيءَ ويچار سان، ڇڻ مونکي هراسي رهي هجي. بس، جي ڪجهه ڪوملتا هئي، سا سندس اکين ۾ هئي. مون گهڻي ئي ڪوشش ڪئي ته هوءَ چُري پُري ۽ پنهنجي هستيءَ کي جيلا بخشي؛ پر هوءَ خاموش، هڪ پت مثل، اٿين ئي ڇانيل رهي. مان وري ڇڪجي واپس ڪمري ۾ موٽي آيس.

منگلوءَ کي مون رات جي مانيءَ لاءِ جهلي ڇڏيو، ڇاڪاڻ ته منجهند جي ماني دير سان کائڻ ڪري پيٽ تي ڪافي بار پئي محسوس ڪيم.

مان ساڳي ڪرسي تي ويهي رهيس. تصوير وري منهنجي سامهون هئي. اوچتو مون کي هڪ خيال آيو ته فنڪار جهڙي لباس ۾، جهڙي انداز سان ان کي بيهاريو آهي، اُن ۾ نزاڪت يا لطافت ته ڪڏهن به پيدا ٿي نٿي سگهي؛ ڇاڪاڻ جو مون کي هُري آيو ته عورت کي لطيف ۽ نازڪ بڻائڻ لاءِ لباس ۽ زيور گهڻي قدر ذميوار آهن.

منهنجون نگاهون سندس اڇي جبي کي جاچي مايوس ٿي ويون؛ ۽ پوءِ سندس خالي ڳچيءَ جي چوڏاري ڦري، وري ٻانهن تي اچي بيٺيون؛ اتان لهي؛ سنهڙين آڱرين تي آيون: 'نه هار، نه چوڙي، نه منڊي - بس، اهــا تصوير فنڪار پنهنجي لاءِ ئــاهي آهــي، اسان جي

پر ننڊ ئي نہ اچي؛ تصوير جي سندرتا جي ڇايا ڇانيل رهي. مان اُن جي تصور کي موڙڻ سوڙڻ جون ڪوششون ڪندو رهيس. گهڙيءَ گهڙيءَ دير ڪان پوءِ ياد آيم تہ ڊرائنگ روم جا در ڪليل ۽ بتيون ٻريل ڇڏي آيو آهيان. مان آهستگيءَ سان اُٿيس ۽ واپس ويهڻ واري ڪمري ۾ آيس. بتي وسائڻ چاهيم؛ پر قدم ڏڪجي آتشدان تائين ويا.

’اُف، هيءَ بيجان سونهن! ڪاش، جيڪر هيءُ روح ٿي هجي، پر تصور ۾ تہ مختلف ادائن سان اچي؛ تشنہ آتما سڪون تہ حاصل ڪري؛ باقي هن هٺ، غصي، ۽ هڪ ٿي سهڻيءَ پر مغرورانہ ادا سان ڇا ٿو ٿئي!‘ سوچيندي، مون ڪارنس تي پيل ساڙهيءَ، ڪنگڻ ۽ منڊيءَ تي نظر وڌي، ۽ محسوس ڪيم تہ واقعي هيءُ سندرتا جو مجسمو هن لباس ۽ زيورن کي ڀهري، تہ جيڪر لباس ۽ زيورن جي خود سونهن وڌي وڃي ها، هو ڀڪي اُٿن ها.

مون ڪنگڻ آڱرين ۾ جهليا، منڊي کڻي، آڱر ۾ ورائي پائي ڇڏيم؛ ساڙهي کي ڪلهي تي رکي، اڇي بتيون وسايم ۽ در ڏنم؛ ۽ پوءِ واپس آيس سمهڻ واري ڪمري ۾. ساڙهي پلنگ جي مٿن ڪان پيل ٽيبل تي ڦٽي ڪيم، ڪنگڻن کي حفاظتي طور وهائي هيٺان رکي ڇڏيم، ۽ پوءِ کٽي پاڻ کي پلنگ تي سٽيم.

آهستي آهستي، ننڍ جا پنک مون مٿان ڇانوَ ڪندا ويا.

ڪا مهل ٿي ته مون محسوس ڪيو ته ڪير منهنجي وهاڻي ڪي هيٺ مٿي ڪري رهيو آهي. مون وهم سمجهي، پاسو ورائي ڇڏيو. پر پوءِ پنهنجين آڱرين تي ڇهاءُ محسوس ڪيم، ۽ هڪ آڱر کي سخت ڇڪ آئي. مان يڪدم ٽپ ڏيئي اُٿي ويهي رهيس. واقعي، هڪ ڀاڄو منهنجي مٿن ڪانُ بيٺو هو! هاڻي هو رڙهي پريرو ٿي ويو هو. مون يڪدم اُٿي بتي ٻاري. ’هان، هيءُ ڇا!‘

مان حيران ٿي ويس.... ساڳي تصوير، ساڳيو روپ، ساڳي ادا، هٺ ۽ غصو! بس، فرق رڳو ايترو هو جو هن جي هٿن ۾ ساڙهي، منڊي ۽ ڪنگڻ چمڪي رهيا هئا، ۽ هوءَ جيئري جاڳندي منهنجي سامهون هئي، هُن يڪايڪ سامان ورائي ٽيبل تي ڦٽو ڪيو، ۽ سندس قدم مان ڏانهن وڌيا. منهنجي ويجهو اچي، گهُور ڪري، هوءَ خار ۽ غصي وچان مون ڏانهن نهارڻ لڳي.

”اندرا .... ديوي!“

”ها، اندرا. پر تنهن سان تنهنجو ڇا؟“ هن جا نازڪ چپ عصي وچان ڏڪي رهيا هئا. مون سندس اکين ۾ نهاريو، جت ڪجهه نرمي هئي، پر اتي به مون هينئر تيزي ڏٺي. سندري تمام گهڻو ناراض ٿي ڏٺي.

”اوهين ناراض آهيو؟“

”تو گهر آئي جو اپمان جو ڪيو!“ هن جي لهجي ۾ تيزي هئي.

”اپمان؟“ مان حيران ٿي ويس.

”ڪي شيون سوکڙيءَ طور آڻيو، انهن کي موٽائي وٺڻ، ڇڙ ته مان انهن جي لائق ٿي نه هيس — اپمان ناهي ته ٻيو ڇاهي —.“

”مان شرمندو آهيان، اندرا ديوي! هيءَ سڀڪجهه توهان جوئي ته آهي، توهين ڀلي کڻو. پر —“

”پر ڇا؟“

”پر مان چاهيان ٿو ته توهين هڪ مهرباني مون تي ضرور ڪندا وڃو: پنهنجيءَ ڪٺورتا ۽ غصي کي ڪوملتا ۽ مڌرتا ۾ بدلي ڇڏيو ته منهنجيءَ تشنه آتما کي سڪون ملي!“

”هون، سڪون! سڪون واريءَ ڪُٽيا ۾ رهندي به سڪون جي ڳولا؟ پر توکي جنهن سڪون جي ڳولا آهي، اهو ڪڏهن به نه ملي سگهندو. اهو سڪون ڪوملتا ۽ مڌرتا جو نچوڙ آهي: پر جيئن اهي شيون خود اڻلڀ آهن، تنهنڪري اهو سڪون به اڻلڀ آهي!“

”پر مان پنهنجي من کي ڇا ڪريان، جو ان تي ضد ٻڌي ويٺو آهي؟“ مون بيتاب ٿيندي چيو.

”من کي مار! هون، جي من کي انسان ماري ها ته جيڪر هيڙا افعال ٿي نه ٿين ها. تنهنڪري، توکي

۽ من جي مارڻ جو، تن کي تسبي ڏيڻ جو اُپديش ڏيڻ بيڪار آهي."

هوءَ آهستي پنتي هئي، در وٽ وڃي بيهي رهي. هوا جا هلڪا لوڏا سندس لباس ۽ سهڻن گهاٽن ڪارن وارن کي لوڏي رهيا هئا. هن ڪنڌ ورائي مون ڏانهن ڏٺو. سندس اکين جي انوکي جوت موتي آئي هئي.

"ڪن ڪولي پڌ ته تون جنهن لطافت، ڪوملتا ۽ مدرتا جي تلاش ۾ آهين، سا ته توکي ڪٿي به نٿي ملي سگهي. مون جيڪي ڪجهه انهيءَ دنيا ۾ رهي محسوس ڪيو آهي، ان جا آثار تون منهنجي چهري تي پسي سگهين ٿو. فنڪار جي ليکن بلڪل صحيح نموني ۾ منهنجي ضمير، منهنجي روح کي چٽيو آهي. مون کي غصو آهي، دنيا جي اڌنگيءَ هلت چلت تي؛ مون کي بانور آهي، پنهنجي پاڪ ۽ نيڪ ضمير تي؛ مون کي هٺ آهي، پنهنجي خيالن تي، جن جي مدد سان مون الڳ دنيا ناهي."

"الڳ دنيا؟"

"ها، الڳ دنيا — ليکن ۽ ريکائن جي دنيا، جت خيال جو واسو آهي ۽ هٺ چڙن تا، زندگيون جنم وٺن ٿيون: پاڪ، نيڪ نيت، دنيا جي بغض، حسد ۽ ڪيني کان اڻواقف، دکن کان پرڀرو، سک جي ڇانو ۾، — پنهنجو جيون، پنهنجي دنيا! بس، ائين چٽجي

ته هيءَ خيالي تخليق، حقيقي يا مادي تخليق کان به مٿيري آهي ـــ جيتوڻيڪ خيالن کي جنم ڏيڻ واري هستي خود مادي تخليق آهي."

مان مسحور ٿيو، بت بڻيو، خاموش انهن نازڪ لبن کي ڏسي رهيو هوس، جن مان فلسفيانه ڪرخت نظريا نڪري رهيا هئا.

"مون صفا ڪونه سمجهيو." مون ٻڙڪيو.

"تون سمجهندين به ڇا. توهين چاهيو ته لطيف جذبا هجن، ۽ اُنهيءَ خيالي دنيا ۾ رهي صرف نفس جي پوڄا ڪندا رهو. توهان جو فرض آهي ته ڪجهه ڏسو، سوچيو، پنهنجي ارد گرد ڦهليل زندگين تي ڪجهه سوچيو. ڪڏهن توهان سوچيو آهي ته ماءُ خود بڪايل آهي، ٻار ڇاتي ۾ کير نه پائيو، اُن ڇاتيءَ تي منهن به هڻي رهيو آهي، ڦٿڪي به رهيو آهي، ۽ روئي رهيو آهي ـــ اُن مهل ماءُ جا جذبا ڪهڙا هوندا؟ ڳول، اُن ڇاتيءَ ۾ مدرتا ۽ ڪوملتا تلاش ڪر! ڪڏهن انهن خيالن تي طبع آزمائي ڪئي اٿو، جڏهن ٻار ٻڪ وچان ڦٿڪي رهيا آهن، ماءُ - پيءُ ڳڻتين ۾ آهن: اُن وقت پيو حيلو ڪونهي، سواءِ انهيءَ جي جو ماءُ پنهنجي عصمت انهن ساهوارن تان گهوري ڦٽي ڪري: انهن مسئلن تي سوچ ته تنهنجو ذهن، زندگيءَ جي عياشيءَ جي ٻئي رخ کان واقف ٿئي: لطافت نزاڪت ته اُتي به آهي، جت ڪنهن جي

عصمت، چير پايو، ڪوئي تي چند ٽڪن واسطي نچي رهي آهي. پر شايد اُها ڪجهه تلخ آهي، ائين نه؟ شايد اُن مهل به تون انهن جي ڇاتين ۽ چرنڊڙ جسمن ۾ ڪوملتا تلاش ڪندو هوندين، جڏهن اُهي ڇاتيون پينر، زال ۽ ماءُ ڪني رهيون هونديون: جسم ۾ ڏهڪاءُ هوندو، طوفان هوندو، ڇا نه هوندو، جڏهن هڪ پاءُ، هڪ مڙس، هڪ پٽ، هڪ مزدور، مزوري ڪندي، ميل جي مشين ۾ اچي ويو هجي، ۽ ان جو چچريل لاش، بي ڪفنيو، انهن آڏو پيو هجي. چئه، ڪجهه چئه! ٻال وڏوا جي جَليل سڙيل جوانيءَ ۾ به هڪ نزاڪت ۽ ڪوملتا ٿئي ٿي، ڪڏهن انهيءَ تي غور ڪيو اٿئي؟ ڪڏهن ان پيءُ جي نراڙ ۾ پيل گهنجن ۾ ان جي ڌيءُ جي ڪوملتا ڏٺي اٿئي، جنهن جي هٿن تي ميندي لڳيو ڇٽيو وڃي، ڇيچ در وٽ اچي موٽيو وڃي، ڇاڪاڻ ته اُهو پيءُ ڌيءَ کي ڳهن ڳٽن ۽ لباس سان نٿو جهنجهي سگهي. ڳول نه، انهن سيٺي واقعن ۾ پنهنجي مدرتا ۽ ڪوملتا! ڏس ته اُها ڪهڙي رنگ ۾ آهي؟ ڳول نه!— هليو آ زندگيءَ کي مدر ۽ ڪومل بنائڻ!" هن جا چپ غصي وچان ٿڙڪي رهيا هئا، منهن ڳاڙهو هوس. سندس لفظن منهنجن ڪنن ۾ زوزت ٿي ڪيا. مان سچو پگهرجي ويو هوس. هڪ بت زندگيءَ کي بي نقاب ڪري رهيو هو، منهنجو ڪنڌ هيٺ هو.

الأ پي رهيون آهن. اهڙين خوشين کي تخليق ڪرڻ منهنجو فرض هو، جن ڪان هيءَ زندگي واقف به نه هئي. انهن خيالن کي پينسل جي ذريعي هٿ جي چرپر سان چٽيندي، مون پاڻ هن روپ ۾ اچڻ پسند ڪيو. مون پنهنجن چپن جي مشڪ انهن ڪاغذي ڪردارن کي ڏيئي ڇڏي. ڪوملتا، نزاڪت سڀ انهن ماڻرن، پينون، زالن جي نالي ڪري ڇڏيم. پڇاڙيءَ جو پوترتا جهڙي قيمتي زيور کي ڪن ساهوارن ٽان گهوري قٽي ڪيم. مون اها ڪوشش پڇاڙيءَ تائين نه ڇڏي ته ڪيترو به ٽي سگهي، ساهوارن جي چپن تسي مشڪ آڻي ڇڏيان؛ ۽ اُنهيءَ سان گڏ پنهنجيءَ حسين دنيا جي به تخليق ڪندي رهيس.“

هوءَ ڪجهه وقت ماٺ ۾ رهي، ۽ مون بيتاب ٿي پڇيو:

”پر...، توهان حي پوترتا!“

”ڏئه، ٿي وٺين نه پوترتا جي ڳالهه تي بيتاب. توهين جسماني انسان سوچيو به جسم جي پاڪيزگيءَ جي باري ۾ ٿا. ڇو نٿا ضمير جي پاڪيزگيءَ جي باري ۾ سوچيو؛ ڇو نٿا روح جي پوترتا جي باري ۾ سوچي آمر ٿيو؟ نه ته اوهان جهڙو جيون ته ڪروڙين انسان گذاري ويا آهن، توهين جي اهڙو جيون گهاريندؤ ته ڪهڙو تير هٽي ڇڏيندؤ! منهنجو مثال ئي وٺ مون

ڪي ناز آهي پنهنجي وويڪ جي پوترتا تي، جا مون جسم جي پاڪيزگي ڏيئي حاصل ڪئي آهي. هڪ دفعي جي ڳالهه آهي جو هڪ چترڪار ڪي، جو غربت ڪري ڪاليج ڇڏي چڪو هو، پيءُ جي مري وڃڻ سبب نوڪريءَ جي ڳولا ڪرڻي پيئي. نوڪريءَ جو نيٺ ڪيس آسرو مليو. ان وقت سندس ماءُ اڌرنگ جي مرض ۾ مبتلا هئي، وڏو ڀاءُ ٽي. بي. جي حوالي هو، سامائيل ڀيڻ بک جو شڪار هئي، ۽ ننڍي ڀاءُ جي حادثي ۾ ٽنگ ڪپجي پيئي هئي. مصيبتن جي هن اوڙاهه ۾ ويهي، هن گهڻيئي تصويرون چٽيون؛ پر سيني ۾ غم جون ريکائون ظاهر هيون، تنهنڪري ڪنهن نه ورتيون. چي، 'غم وارا غم خريد ڪن، خوشيءَ وارن جو غم سان ڪهڙو واسطو؟'' مان ان غريب جي وس آهر مدد ڪندي رهيس. پر آخر ڪيستائين؟ نيٺ هو انهيءَ نوڪريءَ ڪرڻ لاءِ تيار ٿيو، جنهن جي هڪ شرط پاڙڻ سان هڪ زندگي سا تباهه ٿي وڃي ها، پر سڄو خاندان نه رڳو بچي ها، پر خوشحال زندگي گهاري ها. هن نيٺ سيٺ سان 'ها' ڪئي، ۽ ڀيڻ کي چيائين ته تيار ٿيءُ ته توکي گهمائڻ تو وٺي هلان. دکن ماريل ڀيڻ بہ سڀڪجهه سمجهي ويئي ــ تہ اڄ سندس قرباني ڏيڻ جو وقت اچي ويو آهي. هوءَ خوشيءَ سان تيار ٿي. ڀاءُ، ڀيڻ کي وٺي هليو، ڇيتا تي چاڙهڻ ـــ شايد ستي ٿي ڪيائينس. ڪيڏو نہ جيوَن ۾ دک آهي!''

هن جي ڇهري تي غصي سان گڏ ڏک جون ريکائون بہ ڦهلجي ويون هيون. مون صرف ائين پئي محسوس ڪيو تہ مان اڳ ڪنهن اونداهيءَ غار ۾ هوس، اڄ ڪا زندگي مون آڏو مشعل جهلي بيٺي آهي، ۽ مان سڀڪجهہ ڏسي رهيو هوس ـ ڏک جي انتها، انسان جي بيوسي زندگيءَ جو اصل روپ. هوءَ بيان ڪندي رهي.

”جڏهن هو پيڻ کي سيٺ وٽ ڇڏڻ آيو، تنهن کان اڳ مون کي خبر ملي چڪي هئي. مان سيٺ وٽ پهچي وئيس، ۽ کيس ساڳيو زيور آڇيم جو هڪ ڀاءُ پنهنجيءَ پيڻ کان کسائي رهيو هو. سيٺ ڇوڪريءَ جي مٿي تي هٿ رکيو، ۽ پاڻس کي ٻئي ڏينهن آفيس ۾ اچڻ جو چئي موٽائي ڇڏيو؛ ۽ پوءِ موتي اچي مون کان اُن جي قيمت وصول ڪيائين. ڀاءُ پيڻ کي موٽائي گهر وٺي آيو، ڏاڍو خوش. سوچيائين تہ سيٺ ڪيڏو نہ ديالو آهي! سيٺ جي انهيءَ ڳالهہ تہ هن ڪانئس امتحان تي ورتو، کيس سڪون بخشيو. پر مون تہ اُها سچي تسڪين پاتي، جا خواب ۾ بہ نہ ڏٺي هيم. مون زندگيون بچايون هيون، جسم تي گندگي ملي، جرڪندو ضمير پاتو هوم، اِنهي تي جيترو بہ بانور ڪريان، ناز ڪيان، ٿورو آهي.

سيٺ وٽان ٿي، سڌو مان چترڪار وٽ آيس. کيس زبان سان ڪجهہ نہ چيم، پر ڏانهنس ڏاڍي غصي

وچان نهاريم، صرف انهي ڪري جو هو پنهنجين زندگين مٿان ٻي زندگي کي قربان ڪندي نه هٻڪيو. ۽ پوءِ اتان هلي آيس، ڪيس اکين ۾ هڪ پيغام، هڪ جوت ڏيئي. مون پوءِ شام جوئي گندي جسم کي سمنڊ جي لهرن جي حوالي ڪيو؛ ۽ صاف روح کي کڻي اچي چترڪار جي خيالن تي قبضو ڪيم، جنهن مون کي هيءُ روپ ڏنو. واقعي 'روپ' مون کي صحيح روپ ڏنو."

"روپ—؟" مون کان بي اختيار زبان مان نڪري ويو.

"ها، اهو ساڳيوئي روپ آهي. هن سمجهيو ته مان غائب ٿي ويئي آهيان. ماڻهن جي چوڻ تي ته مان ڪنهن سان ڀڄي ويئي آهيان، تصوير هيڏانهن ڏياري موڪليائين جيتوڻيڪ هن گهڻي ڪوشش ڪئي ته مون کي جيترو ڪنور ۽ هٺ وارو ڏيکاري اوترو ٿورو آهي، ڇاڪاڻ جو مان سندس پريم جي بدلي ۾ پريم ڏيئي جو نه سگهي هيس. بيسمجهه هو نه، هن کي ڪهڙي خبر ته مون پريم جي ورڪا اکيي ڏي پنهنجيءَ دنيا مٿان ڪري ڇڏي آهي. ها، سو ڳالهه تي ڪيم ته هو تصوير ناهي خود حيران ٿي ويو، جو ان ڪنورتا ۽ هٺ ۾ به هڪ قسم جو شان هو. آخر ڇو نه ٿئي؟ ڇو نه بانور ڪريان پنهنجي آدرشي جيون تي! هاڻي ته ڪنهن جي پرواهه ڪانهيم— پنهنجي دنيا جو وسائي اٿم!"

هوءَ آهستگيءَ سان، در وٽان رڙهي، ٽيبل وٽ آئي. سندس نگاهون ساڙهيءَ، منڊيءَ ۽ ڪنگڻن تي هيون.

هن آهستگيءَ سان انهن شين کي ڪنيو، ۽ هٿن ۾ جهلي مون ڏانهن نهاريو.

”هونءَ ـــ تہ هن لباس ۽ زيورن سان منهنجي نزاڪت ۽ مدرتا وڌي ها؟ ٺيڪ تہ آهي، ـــ منهنجي نہ، تہ ڪنهن ٻيءَ ڪنيا جـي خوبصورتي وڌائيندي، جنهن جا هـٿ شاديءَ رات جـو خالي هوندا، لباس ڦاٽل هوندس؛ ٻيءُ وٽ نہ زيور، نہ ڪپڙا، بس هـن جي ڪمر انهيءَ ڏک ڪان وڏيڪ جهڪي ويندي.“

الائجي ڇـو، سندس انهيءَ جملي تي منهنجي آڏو منگلوءَ جي جهڪيل ڪمر ڦرڻ لـڳي ان سان گڏ منگلوءَ جا ڇيل ڏکي لفظ، جمنا جي خالي سينڌ، خالي ڳچي ۽ خالي ٻانهون مون آڏو ڦرڻ لـڳيون. ۽ پوءِ انهن سينڌن، انهن ڳچين، انهن ٻانهن جو تعداد وڌندو ويو. ائين پئي لـڳو، ڄڻ لاتعداد سينڌون اجڙيل آهن؛ سندن لباس، سندن امنگن سان گڏ، تار تار آهن. ’اف، ڏکي دنيا!‘ مون زور سـان ڪنڌ ڌوڻيو. ڏنم تـہ اندرا ڪمري ۾ ڪانہ هئي. يڪدم ٻاهر نڪس. هوءَ باغ ۾ بيٺي هئي. هن جي هٿن ۾ ساڳيون شيون هيون.

”اڄ. مان پانيان تي تہ جي مان هيءُ شيون ڪٺان تہ توکي اعتراض تـہ ڪونہ ٿيندو.“ لهجي ۾ ساڳي تيزي هيس.

مون ڪنڌ ڌوڻيو، ۽ هن وري ڇيو:

”مان چاهيان ٿي تہ هي شيون صحيح حقدارن وٽ پهچن. هيءُ لباس، هي زيور ڪنهن جا بہ آهن، هاڻ اُن ڪنيا لاءِ آهن، جنهن وٽ ڪوبہ زيور ڪونهي، سواءِ پوترتا جي زيور جي. تنهنڪري هيءُ سامان منهنجي قبضي ۾ رهندو، جيستائين ان جو صحيح حقدار پيدا ٿئي. تنهنجو فرض ٿيندو تہ ان جي صحيح مالڪ کي ڳولي، اُن تائين شيون پهچائين!“

منهنجين اکين آڏو منگلوءَ جي تصوير ڦرڻ لڳي.

”حقيقت تہ اها آهي تہ اهڙين گهٽين ساڙهين، منڊين ۽ ڪنگڻن جي ضرورت پوندي جي ٿي سگهيئي تہ ڪوشش وٺي خالي آڱرين، خالي ٻانهن ۽ خالي سينڌن کي پرڻ جي ڪوشش ڪجانءِ، جيئن منهنجي آتما کي وڏيڪ تسڪين حاصل ٿئي. ۽ ٿي سگهيئي تہ ڪوشش ڪندو رهجانءِ جيئن ماءُ پٽ کي ٿڃ ڏيئي سگهي، ٻارن جي ماءُ کي عصمت وڪڻي نہ پوي، ڀيڻ کي ڪوٺي تي نچڻو نہ پوي، شهيد ٿيل مزدور جي ڀينرن، زال ۽ ماءُ کي اُتت ملي. پر تون اهو سڀڪجهہ ڪٿي ٿو ڪري سگهين؛ مان ٿي پوري نہ پئجي سگهيس! پر، چڱو ڀلا، جي اينترو نہ سگهين تہ پوءِ اُها دنيا تہ ضرور ناهج، جا خيالي ڀلي هجي، پر اُن ۾ زندگي پنهنجي نالي سان نمايان هجي. پوءِ ڀلي چترڪاري هجي يا شاعري هجي يا نثر جي دنيا هجي، پر قلم هجي ۽ خيال هجن. پوءِ

انهن انسانن جي تخليق ٿي سگهندي، جي خوشحال هوندا، بت تي ڪپڙو هوندن، کائڻ لاءِ سڀڪجهه هوندن، رهڻ لاءِ چڱو مضبوط آجهو هوندن. سندن ٻارن جو مستقبل روشن هوندو، سندن زالن جي چپن تي سدائين وڻندڙ مشڪ هوندي، ۽ مدرتا ۽ ڪوملتا خود بخود جاڳي نروار ٿيندي. بيشڪ، اها دنيا، دنيا هوندي، پوءِ خيالي ٿي سهي. پر انسان، جوڙيندڙ جي آڏو ائين نه چئي سگهندو ته 'اي سائين، پيٽ ڀيئي دنياڏِڻ: ڏس، اسان توکي ڇا ڪري ڏيکاريو آهي! انهيءَ دنيا جي تخليق ڪئي آهي، جنهن جهڙي تو هن دنيا کي بنائڻ چاهيو ٿي، پر ائين ٿي نه سگهيو. پر اسان توکي الڳ هڪڙي دنيا ٺاهي ڏني، جت ڪوبه غم نه آهي، جت زندگيءَ جون لهرون آهن، قرب آهي، ميٺ محبت آهي، سڀڪجهه آهي: ڇا ڪجهه ناهي؟ سڀڪجهه جيڪي تو وٽ موجود نه آهي، پر ساهوارو مادي انسان حاصل ڪري نه سگهيو، ۽ خيالي انسان ڪيئن نه حاصل ڪيو!"

هوءَ خاموش ٿي ويئي، هڪ وڏو ٿڌو ساهه کنيو.

"ڪيڏو نه گهڻو ڳالهايو اٿم، سڀڪجهه انهيءَ اميد تي ته شايد ڪو ڀيو هڏ ڏوکي انسان پيدا ٿي پوي، ڪجهه نه ڪجهه ضرور ڪري. مان ڪوشش ڪنديس ته سيني وٽ وڃان، کين اهو پيغام ڏيان ته يا زندگي

ٿاهين يا تہ خيالي زندگيون ٿاهي، ساهوارن کي رشڪ ڏيارين تہ هو انهيءَ وانگر پنهنجي جيون کي بنائين. ڏسان، ڪيترا ٿا جاڳن، ڪيترا ٿا سمهي پون!“

مان بلڪل خاموش کيس تڪي رهيو هوس. مون کان ڪجھ بہ اُڪلي نہ رهيو هو. دل چاهيو تہ ڪجھ چوان، پر —

”مان سيڪجھ توتي ڇڏيان ٿي ۽ وڃان ٿي، موٽي پنهنجي ديس ڏانهن. هن دنيا جا ڦيرا پيئي ڪندي يس، پر جي هيڏانهن نہ آيس تہ ڪو پولو نہ آهي، چاڪاڻ جو پانيان ٿي تہ تون گهڻو ڪجھ ڪندين. ڪريان ڪجھ اميد!“ هن مون ڏانهن نهاريو. سندس اکين ۾ جوت هئي، پيغام هو. مون ڪنڌ ڌوڻي ها ڪئي. ۽ پوءِ مون ڏٺو تہ هن جي پيشانيءَ جا گهنج هٽي ويا، اکين جي جوت وڌندي ويئي، چهرو وڌيڪ ڀهڪڻ لڳس: مشڪ ڇپن تي پنڌ ڙو ڪندي آئي، ۽ هوءَ کلي ويئي. هن هڪ ادا سان ساڙهي پنهنجن ڪلهن تي پکيڙي ڇڏي، ڪنگڻ کي پنهنجين ٻانهن ۾ پاتو، منديءَ کي هڪ آڱر ۾ وڌائين، ۽ هڪ وٺندڙ مشڪ سان مون ڏانهن ڏٺائين. مان صفا ٻت ٻڻجي ويس. مون آڏو منهنجي تصور جي سندري هئي. بس، ائين پئي لڳو ڄڻ ڪا نئين ڪنوار آهي، جا پنهنجي سندرتا ۽ سينگار تي ناز ڪري رهي آهي. ساڙهيءَ جي چمڪ وڌي ويئي

هئي. ڪنگڻ ٻهڪي رهيا هئا. منديءَ جي ٽهڪ ٽنهان ئي تيز چمڪي رهي هئي. ۽ هوءَ ديويءَ سمان هلڪي مشڪ مشڪندي رهي.

”چڱو ڀلا، مان هلان ٿي.“ هن جا نازڪ چپ چريا.

ائين چئي، هوءَ مست چال سان ڊرائنگ روم ڏانهن وڌي. هينئر نه غصو هو نه ڪلورتا؛ بس چوڌاري ڪومل فضا ڇانيل هئي. هوءَ ڪمري ۾ داخل ٿي چڪي هئي مون کيس ويندو ڏسي ٻڪ ڀاتي ـــ تان خبر پيئي جو ڊرائنگ روم جي چانئٺ تان ٿاٻڙجي وڃي ڦهڪو ڪيم. هاڻ مون کي ڪجهه هوش اچڻ لڳو. ائين محسوس ٿيم، ڄڻ ڪو جادوءَ جو اثر هو جو هاڻ لهڻ لڳو آهي. سوچيم ته اهو سڀڪجهه ڇا هو؟ ويتر، حيران ٿي ويس، جڏهين ڏٺم ته ڊرائنگ روم جا ڏنل در ڀتيا پيا هئا ۽ وسايل بتيون ٻريل هيون. مان ٻڏتر ۾ پئجي ويس ـــ ته پوءِ اهو ڇا هو؟ خواب يا حقيقت!

سامهون ڪارنس تي ساڳي تصوير رکي هئي. مان يڪدم ڏانهنس وڌي ويس. ساڳيو روپ، غصو، هٺ، اکين ۾ جوت. اوچتو منهنجي نگاه ساڙهيءَ ۽ زيورن تي پيئي، جيڪي ڪارنس تي رکيا هئا. الائجي ڇو، اها سوچ منهنجي مٿان ڇانئجي ويئي.

’ڀلي خواب ئي ڇونه هجي، پر مون لاءِ اها حقيقت آهي. هڪ ديوي هئي، جا آئي هئي مون کي جاڳائڻ

۽ انهيءَ دنيا ڏانهن توجهه ڏيارڻ، جا انسانن جي دنيا آهي. جي هن دنيا جا دک مايوس ڪن ته پوءِ هڪ اهڙي دنيا ناهجي، جا خيالي بيشڪ هجي، پر قابل رشڪ هجي، جو يڪدم ساهوارا محسوس ڪن ته ناهجي ته اهڙي دنيا ناهجي!‘

مون لباس ۽ زيور تي هٿ رکيو، ۽ تصوير ڏانهن مخاطب ٿــي چيم، ”ديوي، ائين ٿي ٿيندو، جيئن تو چاهيو آهي. اها ساڙهي اهـو جسم پائيندو، جيڪو هميشه ليڙن ۾ گذاريندو آيو آهي. منڊي ان آڱر ۾ پوندي، جنهن ڪڏهن سون نه ڏٺو هوندو. ڪنگڻ انهن ٻانهن ۾ پوندا، جيڪي هميشه ٻُٽيون رهيون آهن. ۽ پوءِ ان ڪنيا جي سينڌ ضرور سندور سان ڀربي!“

منهنجي تصور ۾ منگلو ۽ سندس ڪنواري ڪنيا، جمنا، جون تصويرون ڦري رهيون هيون.

”مان اهڙيون گهڻيئي ڪنيائون سهاڳڻيون ڪندس، ديوي! مان اها به ڪوشش ڪندس ته مائرون فخر سان پنهنجن نونهالن کي ڇاتيءَ مان امرت اوتي ڏين، پنهنجي سهاڳڻيون ٻڇڙي ڀائرن جــو ڪنڌ مٿي ڪن، استريون پنهنجيءَ لڄ کي وڪڻڻ بجاءِ پنهنجن ٻارڙن جي زندگيءَ کي سڦلو ڪن ۽ پتيءَ جي شيوا ڪن. منهنجين ڪوشش جــي اها انتها هوندي جو مان شهيد ٿيل مزدورن جي

وڏوائن، مائرن پينرن جا گوڙها اُگهي سگهان. مان سيڪجهه ڪندس، ديوي، سيڪجهه!"

منهنجو ڪنڌ شرڌا وچان اُن تصوير جي آڏو جهڪي ويو. ڪنڌ کنيم ته ڏٺم ته ديوي مشڪي رهي هئي. چوڌاري پوتر، ڪومل ۽ مڌر مهڪ ڦهليل هئي، جيڪا هر روح ۽ ضمير جي خوراڪ هوندي آهي.



# واچوڙن ۾ لاٺ

”ابا اُٺي، ٻاهر ڪمدار پيو ٺو رڙي، تيار ٿي وٺ، مان نيرن ڪٺي ٿي اچان——!“

ماءُ جي اُٿارڻ تي هو ٺپ ڏئي اُٺي ويهي رهيو. ڪيس ياد آيو ته اڄ ڪيس ٻنئين تي وڃڻو آهي. هن گهڻن ڏينهن کان پئي ننڍايو پر پوءِ خيال ڪيائين ته سيڪجهه آخر ڪيس ئي ته ڪرڻو آهي. رات جوئي ڪمدار کي چئي ڇڏيو هئائين تہ فجر جو سويل ئي هلبو، جيئن ڏينهن نہ تپي وڃي. تنهنڪري هو بہ فجر جوئي در تي گهوڙو جهلي بيهي رهيو.

هو جلدي جلدي تيار ٿيو، ماءُ کان چانهہ جو ڪوپ ورتائين، گرهہ پيچي وات ۾ وڌائين، مٿان جلدي جلدي چانهہ جو ڪوپ ورتائين. ماڻس کيس ”في امان الله“ چئي ڪم ڪار ۾ لڳي وئي. پاڻ حويلي جي ڏيڍي ٽپي ٻاهر آيو.

”ڪمدار، سويل ئي اچي وئين——!“

”پوتار، سويل وري ڪھڙي آهي، ڪم به ته سنيااليو پنج ديرا آهن، وري ٻي ترائي واري زمين جي چڪاس به ته هلي ڪيو، ڏسو ته هيل ڇا ڪرايونس—!“

”چڱو، چڱو هاڻي چڙهه ته هلون، وڏيڪ ڳالهيون اٿي—“

اختر ۽ ڪمدار وڏي گهوڙن تائين آيا. نوڪر گهوڙا جهلي بيٺو هو. اختر ٽپ ڏئي گهوڙي تي چڙهيو. شهر ۾ گهڻو عرصو رهندي به هيءُ سواري ڪا سندس لاءِ نئين ڪانه هئي. ها، ايترو سو هو جو گهڻي عرصي کان پوءِ هو گهوڙي جي سواري ڪري رهيو. ٻئي ڄڻا آهستي آهستي گهوڙن کي هڪليندا ڳوٺ جي ٻاهران آيا ۽ پوءِ ڪڏي گهوڙن کي ڪچي دڳ تي ڇڏيائون.

اختر، تر جي وڏي زميندار دين محمد جو اڪيلو پٽ هو. پٽس کيس هميشه شهر ۾ رکيو—وچ، وچ ۾ هو ڳوٺ ايندو هو ۽ زمينون گهمندو هو. پر الاجي ڇو، هو جڏهن به ڳوٺن ۾ گهمڻ يا ٻنين تي ويندو هو ته سندس هنيان منجهڻ لڳندو هو. پٽس سندس بيزاري ڏسي کيس چرچي وچان چوندو هو، ”منهنجو پٽ زنانو آهي، رکو گهر ۾ ويهي مکيون ماري ڇاڻي .... بس، چو ويهه ڪلاڪ ڪتاب هجنس، پيو ڪُل خير—!“

واقعي هو به ائين، اختر پنهنجي زندگي کي خشڪ ساٿين يعني ڪتابن جي حوالي ڪري ڇڏيو هو. ڏوڪٽر

پيسي جي گھٽائي ھٽڻ ڪري، چاپلوسي ڪرڻ ۽ ڪارڻ وارا ماڻھو، ڪڏ تہ گھٽا ھئس پر ھو ڪنھن سان ڪونہ ٿيو. ٿيو تہ ڪتابن سان. علم سندس طبيعت ۾ مائائي پيدا ڪئي. سندس طبيعت نهايت ئي مائي ۽ ٿڌي قسم جي ھوندي ھئي-ھو ھر ڪنھن ڳالھہ تي ويچارڻ جو اھڙو تہ عادي ٿي ويو جو جيڪا بہ شيءِ ڏسندو ھو، اُن تي ويچارڻ ڪانسواءِ رھي نہ سگھندو ھو. انھيءَ ڪري ھو جڏھن بہ گھوٽ ايندو ھو ۽ ٻني تي ويندو ھو تہ اُتي جون حالتون ڏسي، ھارين جي ڪسمپرسي، زندگي جون اوٽايون پسي ھو مايوس ٿي ويندو ھو. ڪي گھڙيون تہ آڏو، ھاريءَ جو پٺي لڳل پيٽ، پٺا اُگھاڙا، اکين ۾ ويراني، اُگھاڙا ٻار ڦاٽل ڪپڙن ۾ مٽي ۾ پيريل وارن سان، اُداس اُداس زالون، بک جا چڪ، جھيڙا، خون ۽ صدين ڪان ھلندڙ عداوتون، اِھي سڀ ڳالھيون ڦرڻ لڳنديون ھيون ۽ پاڻ ڪلاڪن جا ڪلاڪ انھي ۾ گم ھوندو ھو.

پٽس بيمار ٿيو، پاڻ يڪدم گھوٽ ھليو آيو. اڇڻ سان ڏاڍي ڪوشش ورتائين. ڊاڪٽر سڀ گھرايائين. پر ڪيس اڳ سمجھيو تي تہ ھاڻ سندس يتيمي جا ڏينھن اچي ويا آھن. ھو اُداس پر خاموش رھيو پيءُ جي مرڻ کان پوءِ ڪي ڏينھن ھن ماءُ جي اُداسائي کي ونڊيو ۽ ھو غم ۽ ڏک جي ونڊ ورڇ ڪندو رھيو. جڏھن

ڏنائين ته وقت سندس ساٿ ڏنو آهي، وندڻ لاءِ ڪي ياد ون باقي آهن. تڏهن هُن زمينن ڏانهن ڏيان ڏنو.

ڪيس ڪڏهن ڪڏهن خيال ايندو هو ته هو اُنهن اکين جي حسرت ۽ ياس ڪيئن ڏسي سگهندو جيڪي ڪتل هونديون اُنهن داڻن مٿان، جيڪي هو ميڙي چوندي پنهنجي حصي ۾ ڪندو ويندو – هو آهي فيصلا ڪيئن ڪندو، جنهن ۾ هڪ هاري ۽ ٻئي هاري کي لٺ هڻي ڪڍي هوندي چاڪاڻ ته هن سندس پاڻي جو وارو ڀڳو هوندو، صرف ان ڪري ته من هو ڪي داڻا وڌيڪ ڪٽي.

هو سوچيندو هو ته اهڙين نتو ڻي سگهي ته پاڻ ٻنئين تي نه وڃي. هارين کي جيڪي وٺي سو هو ڪٽن، باقي منهنجي ضرورت جيترو آنُ مون کي ڏئي وڃن. اهڙين نتو ٿي سگهي ته هو اوطاق تي ويهي فيصلا نبيري، سڀ نهي وڃن، پراڻيون عداوتون ۽ ويڇا سڀ ختم ٿي وڃن – ذري پرزي جي ڳالهه تان ٿيل جهڙا، خون، آهي سڀ هو هڪٻئي کي معاف ڪري ڇڏين. ڪو ڪنهن کي نه اهنجائي، بس خاموشي، سانتگي ۽ امن.

اختر هميشه اهڙين ڳهٽو ڪجهه سوچيندو رهندو هو. زندگي جي هلڻ جا انيڪ ڍنگ، طور ۽ طريقا.

اڄ جڏهن هو گهوڙي تي تيز وڃي رهيو هو، ته سندس خيال به ان کان تيز ڊوڙي رهيا هئا – هو ماٺ ميٺ ۾ زندگي جي مختلف پهلوئن تي ويچاريندو رهيو.

هن آنهن پهلوئن کي ايترو ته پروڙيو جو شام ٿي وئي ته به هو ويچارن تي ويچاريندو رهيو. آنهن ويچارن جي نتيجي کمدار کي حيران ڪري ڇڏيو:

هن بنٿيون نهايت ئي انوکي طريقي سان ڪيون. زميداري لاپو معاف، کمدار کي ٽويو زميندار جي حصي مان نڪري، هاري کي ان جو اڌ پلئه پئي، آن مان ڪابه ڪاٽ نه ٿئي، صدين جو هارين تي قرض سڀ معاف. کمدار نٿي چاهيو ته صدين جي روايتن کي هو هڪڙي آچل سان ٽوڙي ڇڏي. هن جي پٽڪڻ تي اختر صرف ايترو چيو، ”چاچا، ورهيه ٿيا، اسان بنٿيون پنهنجي مرضي تي پي ڪيون آهن، هاڻي ڇڏ ته ڪي ورهيه هاري به پنهنجي مرضي سان بنٿيون ڪن، هو به ته نيٺ انسان آهن ...... پورهيت انسان ــــ!“

هن آخر ۾ هڪ وڏو ٿڏو ساهه پريو. کمدار کي ائين لڳو تــه هن جو هاڻ ڪجهه بيڪار آهي، هاڻي روايتون ئي نيون جنم وٺنديون. کمدار شام تائين حيرانگي جي حد تائين پهچي ويو. هن اهڙا فيصلا نه ڏٺا نه ٻڌا، جو ٻن ٻولن سان ٻئي ڏريون نهي ويون.

”ابا، چاتي جهيڙو آهي ــــ؟“ اختر پڇيو.

”سائين، خيروء سعيو ڪري پنهنجو مال منهنجي ٻني ۾ ڇڏيو، مون ڪيس چيو، جنهن تان مون کي گاريون ڏنائين، مون ورائي گار ڏني مانس، ته مون تي ڪهاڙي

ڪٽي آيو، جي چار چڱا وچ ۾ نه پون ته مون کي جهڪر ماري وجهي ها_" هڪ هاري چيو.

"خيرو، تون چئه بابا___!"

"سائين، نسورو ڪوڙ___!"

"ڏس تون ته ڪوڙ نٿو ڳالهائين___!"

"سائين، نه___ هن مون کي گهٽيون گاريون ڏنيون_!"

"مان رڳو پڇان ٿو ته تو ڪهاڙي ڪنئي يا نه___!"

"ها سائين، پر هن سائين مو کي گهٽيون گاريون...."

"بئي چٽ آهيو. گارين تي ٿيا ڪهاڙيون ڪڍون. چڱو ٻڌي خيرو، تون ڏي مون کي گار، ڏس مان ڪهاڙي ڪڍان ٿو___ ڏي جيڪا وڻئي_ گهٽيون گاريون ڏي ڏي___ ڏي نه!"

خيرو مات ڪري ڪنڌ جهڪائي بيٺو رهيو. ٿوري دير کان پوء وڏي آيو. "بابو آهين. خطا ٿي وئي، بخش ڪر___!"

"چڱو بئي پرچي وڃو___ ڏسان جيئن منهنجا هاري وري نه وڙهن_!"

ڪمدار اهڙا بئي فيصلا ٻڌا جن ۾ پرچاءُ، سڪ، محبت ۽ پيار کان سواءِ ٻيو ڪجهه به نه هو. نڪي هيون زميندارِي گاريون، فريادي کي به ته ڏوهاري کي به. نڪي هئا زميندارِي مار موچڙا. هو بنهه ويچار ۾ پئجي ويو. هاري حيران، ڇو ته ڪين يقين نٿي آيو. ڪمدار

ويتر حيران ٿي ويو، جڏهن ڏٺائين تہ هڪ ديري تي اختر هارين سان گڏجي ويهي ماني کاڌي، ڏٺ جي هڪ وٿي مان سيني تي ڊڪ پريا، هاري ٻڪاپي پر اختر جي قربانيءَ ڪچهري کين نهال ڪري ڇڏيو. شام ٿائين هن پنجن ئي ديرن جي ٻنٽي ڪري ورتي. هارين جا ٻہ-ٽي فيصلا ڪيا، باقي رهيل هئس ترائي واري زمين، سو سج لهڻ ۾ اڃان ڪلاڪ ڏيڍ هو تہ هو اُتان بہ چڪر هڻي آيو. هاڻي سندس رخ سڌو ڳوٺ ڏي ويندڙ رستي ڏانهن هو. زمينن جي ٻنن تان، پيچرن ۽ گسن تان هو گهوڙي کي تيز ڊوڙائي رهيو هو. ڪمدار پٺيان هئس. رکي، رکي تي رستي جو اهڃاڻ ڏنائينس. اڄ سڄي ڏينهن جي مصروفيت اختر کي بجاءِ ٿڪ جي فرحت ڏني هئي. هو خوش، خوش، پٺائي جي ٻيٽن کي جهونگاريندي ٿي هليو.

اڇانڪ ڪمدار گهوڙو ڊوڙائي آڏو آيس.

”سائين، ايڏانهن نہ، هيڏانهن ــــ!“

”ايڏانهن وري ڪاڏي، هو رستو ڏسين نٿو تہ سامهون آهي، هيءَ زمين لتاڙي انهن سامهون وارن گهرڙن وٽان لنگهي سڌا رستي تي هلي پونداسين ــــ“

”پر، سائين ــــ اهي زمينون پرايون آهن ــــ!“

”هينئر وري ڪهڙين پنهنجين زمينن ۾ بيٺا آهيون- پر هن زمين ۾ ڪو فصل بہ تہ ڪونهي جو زيان ٿيندو، ماٺ ڪري هلي آ ــــ!“

”سائين، گستاخي معاف، ايڏانهن بنهه نـاهي هلڻو، انهن سـان اسان جـي پراڻي دشمني آهي ـــ اسان سان وڙهندي دير ئي نه ڪندا. هو ڏسو، به ٽي هاري گهرن ڏي ڊڪ پيا وڃن، شايد ٻين کي اطلاع ڏيڻ. اسين بنهه سندن ٻني تي بيٺا آهيون، اچو، هيڏانهن ڦري....“

”ڪمدار، اسان هلنداسون ته ايڏانهن ـــ“

ائين چئي هن گهوڙي کي اڙي هنئي، گهوڙو ٻنو ٽپي زمين لتاڙڻ لـڳو، ڪمدار رڙيون ڪندو رهيو پر اختر ڪافي اڳتي وڌي چڪو هـو. لاچار ڪمدار بـه گهوڙو وڌايو ۽ اچـي اختر سان مليو. اختر بيپرواهه ٿيو وڌي رهيو هو. پر ڪمدار جو رنگ ويو ٿي ڦرندو، تان جـو هـو انهن گهرن وٽ پهتا. منهن ۾ اوڏڪي پٿين جا ٺهيل گهرڙا، اختر جون الاجي ڇو نگاهون انهن گهرڙن ۾ کتل هيون. هـو گهرن وتـان ڦيرو ڏئـي لنگهائي مـس تـه سـامهون ڇهه ست جانٺا جوان ڏنگ جهلي بيهي رهيا.

”اڄ نه ويندين ڪمدار ـــ!“

”تون به نه ويندين رئيس ـــ!“

اختر ڦهريائين ته واڳڙو ٿي ويو پر پوءِ پاڻ سنڀالي هيٺ لهي پيو. ڪمدار جو منهن لٿل هـو، هر هر هن خشڪ چپن تي زبان پئي ڦيري.

”ڇا ڳالهه آهي ـــ؟“ اختر آهستگي سان پڇيو.

”ڳالهه ڪي پڇي ڇا ڪندين رئيس ـــ بس ايتري

سو چاڻ هجڻي تہ ، خونن جا بدلا آهن، ـــ پر بيهہ پهرياڻين ڪمدار سـان صفائي ڪجي ـــ!“ هڪ نوجوان اڳتي وڌندي چيو.

”ها، ڪمدار، ڏي خبر، ڪيئن وات پلجي پئين. اسان جا ماڻهو تہ چاڻ ڏئي تـي زمين مان لنگهيا، تہ بنهہ خون تي ويا. اج جـو تون بنا چاڻ جـي لنگهيو آهين .... هاڻ، تو سان ڇا ڪجي ـــ؟“

” بخ .... شہ .... ع .... رئيس ضد ڪيو .... نہ تہ .... تو کي خبر آ .... جڏهن کان اسان مڙساڻو واعدو ڪيو تہ، نہ توهان اسان جي بني مان لنگهندو، نہ وري .... اسين .... تہ پوءِ تون پاڻ آمين تي، ورهيہ تـي ويو آهي .... اسين ڪو لنگهيا آهيون .... اج، رئيس ....!“

”اج رئيس ضد ڪيو، ادي غلام محمد ۾ پين کي آفت، مارائي ڇڏيئہ، ڇڻہ تہ اهو بہ رئيس جو ضد هو ـ ماکي خبر آ تہ، تو ڇو ادي غلام محمد کي مارايو، صرف انهيءَ ڪري جو هن توهان جو هاري ٿيڻ پسند نہ ڪيو، چاڪاڻ تہ کيس چاڻ هئي تہ، ڪمدار ۾ رئيس جي نيت سندس مگ تي اڳـڻي خراب هئي ـــ!“

”بخشا، ڪهڙا زنانا ڏوراپا ويٺو ڏين، هڻ ڌڪ، لاهہ سري، تہ ڪو اندر ٺري....!“ ٻئي ڳيروءَ بخشڻ کي هڪ ڏيندي چيو.

”اچيئي تو، ڪمدار .... سنڀالجانءِ!“

بخشڻ کهاڙي آپي کڻي ۽ ڪمدار مٿان آلر ڪئي اختر يڪدم وڌي آيو.

”مٿان، جوان، مٿان ـــ!“

”رئيس، مٿان، مٿان، ٻين کي ڪر، اسين توکي ٻه ڪونه ڇڏينداسين، مٿان ڪو ٻيو خيال پائنين، جي تنهنجي مرضي ڪمدار ڪان اڳ مرڻ جي آهي ته پوءِ جيءُ بسم الله ـ!“ ائين چئي بخشڻ، اختر مٿان ڪهاڙي آپي ڪئي. ڪمدار اڇي پيرن ۾ چنبڙيس.

”اڙي بخشا، هن معصوم تنهنجو ڪهڙو ڏوهه ڪيو آهي، جنهن اڄان، ونيءَ جو ٻه منهن نه ڏٺو آهي،.... تنهنجو ڏوهه مون ڪيو آهي نه،ـــ مون کي مار....مون کي ماز بخشا.... مون کي .... رئيس کي ڇڏ ته هو وڃي ـ!“

ڪمدار جي ليلائڻ، روئڻ ۽ ڳالهين کي ٻڌي، بخشڻ کي گهڙيون ته ديرو ٿي ويو. اڇانڪ ڀر واري لوڙهي مان هڪ ننڍي نيٽي نينگر، نهايت ئي تيزي مان نڪري، ڪمدار مٿان اچي بيهي رهي.

”ڪمدار، زالن ونگر، روئڻ هينئر ياد آيو اٿئي، انهي مهل ڪوڙها ڪٿي هيئه، جنهن مهل منهنجو گهوٽ، ڪوندر تنهنجي سامهون هو ۽ تنهنجي ڪهاڙي مٿس آپي هئي. انهي مهل سندس ونيءَ جو خيال ئي نه آيئه، هن جي معصوميت ئي ڪانه ڏٺئه، هينئر ٿي رئيس ننڍي جي وني ۽ معصوميت ياد پوئيئي ـــ ادا، بخشڻ .... ويچار

کھڙڻ ۾ آهين ـ اهڙين ڳالهين تي ويچار ڪبا .... حالي ته بدلا ٿين، پوءِ پيا ڏسن ڏينداسين ـــ!“

نينگريءَ تيز نگاهن سان بخشڻ ڏانهن نهاريو. اچانڪ اختر ڏانهنس وڌي آيو.

”سان .... سان .... سمجهي نه سگهيو آهيان .... آخر ڳالهه ڇا آهي .... ماريو ته ٿا پر ٻڌايو ته سهي قصور ڪهڙو، ڪو ڏوهه، ڪو گناه .... آخر ڳالهه جو ڪو منڍ ڪا پڇاڙي .... ڪجهه مان به ته سمجهان ....“

”رئيس، تنهنجي بابي، رئيس وڏي ئي ڪڏهن ڪنهن کي، ڪنهن جو ڏوهه يا گناهه، ڪنهن ڳالهه جو منڍ يا پڇاڙي نه ڏسي، سو تون پڇين ٿو ڪنديون .... پر بيهه پلي تون راضي ٿي .... ڪمدار، رئيس کي ٻڌاءِ ته قصو ڇا هو .... سڄي سربستي ڳالهه ٻڌائينس .... ٻڌاءِ ....!“

نينگري ڏاڍي تيز پئي ڏني. سندس منهن ڳاڙهو هو، وار منهن ۾ پئي پيس، جن کي هر هر هٿ سان مٿي ڪري پئي ڳالهايائين. ڪمدار ماٺ ڪيو بيٺو رهيو.

”رئيس، ڏوهي ڪيئن ٻڌائيندو ته مون هيءُ ڏوهه ڪيو آهي ـ مان ٿي هن جو ڏوهه ٻڌايانءِ ـ“

”زينا، تون ڇڏ ديگهه ڪي، هل گهر، پاڻهي ملائڪ کين ڏوهه ثواب ٻڌائيندا.“ هڪ پوڙهي ڇوڪريءَ کي پڪاريندي چيو.

”نه، بابا، مان گهر نه وينديس، .... ظلم مون سان ٿيو آهي .... گهوٽ منهنجو ڪنو آهي .... مان کين مرندو

ٻه نه ڏسان .... اندر جو سور ٻه نه سليان ....“ ڇوڪريءَ جي شوخي ۽ تيزي گهٽجڻ لڳي، پر وري هوءَ ڪجهه هوش ۾ اچي ساڳئي وقار ۽ رُعب سان ڳالهائڻ لڳي.

”رئيس، اهو منهنجو بابو اٿيئي، هيءَ چار سندس ڀائر آهن، هيءَ زمين جو ٽڪر سڀني ڀائرن جي موروثي ملڪيت آهي. اسان نه رئيس کي ڏنو، نه ورتو. پر ڪمدار جي نظر مون تي پئجي وئي. آيو بابي وٽ، رئيس، سوچ ته سهين ڪاڏي ڪمدار، ڪاڏي مان. بابي انڪار ڪيس، تنهن تي ويو رئيس وڏي ڏي، ان کي آٿي مون مٿان ٻيهارپائين. مون ٻنيءَ ۾ گاهه پئي لٽيو. مون تي نظر وجهي تنهنجو بابو رئيس وڏو، آيو منهنجي بابي وٽ، چيائينس ته ڪمدار کي سڱ ڏي. بابي ڀهريائين انڪار ڪيس پر پوءِ اهڙو ته زور وڌائينس، ڪي ڏ مڪيون ڪا لالچ، نيٺ بابي مڃيو .... اچا شاديءَ ۾ ڪي ڏينهن هئا ته منهنجو گهوٽ جو رئيس جو هاري هو ....!“

اختر، جو ڏيان سان ڳالهه ٻڌي رهيو هو، منجهي پيو.

”تنهنجو گهوٽ ....؟“

ڇوڪري ڪجهه شڪجي وئي، ان سان گڏ ڪي ڏک جون ريکائون سندس وٽندڙ ڇهري تي ڦهلجي ويون.... بخشڻ جو کهاڙي جي ٽيڪ تي ويٺو هو تنهن وراڻيس.

”ادي غلام محمد جي هيءَ گهر واري آهي.“

”هون ....“ اختر آهستگي سان وراڻيس.

ٿوري دير سانت کان پوءِ ڇوڪريءَ آهستي چوڻ شروع ڪيو.

”اُنهي کي جو خبر پئي ته رئيس جي نيت بري آهي، مان ٽيان سا ڪمدار جي زال هـا پر....“ هوءَ ڪجهه هٽڪي بيهي رهي.

”رئيس، ڳالهين هٽي جوش ڊرا ڪري وڏا آهن، خير.... مان تو تو کي سربستي ڳالهه ٻڌايان....“ ڇوڪريءَ جي پيءُ اڳتي وڌي چيو.

”غلامون، آيو مون وٽ، مون کي رئيس ۽ ڪمدار جي دغا کان واقف ڪيائين. مون يڪدم ڪمدار کي انڪار ڪيو.... ڪمدار کي به خبر پئجي وئي.... اچي لڳا غلامونءَ جي ڪڍ. غلامون سر بچائي آيو اسان وٽ، اسان کيس پناهه ڏني- ڳالهين کي ڪجهه ڏينهن ٿيا، ڳالهه لئه مٿي ٿي وئي، غلامون اسان سان گڏ ٻنيءَ تي ڪم ڪرڻ لڳو. رئيس کيس هڪ به دفعا گهرايو ۽ کيس واپس اچڻ لاءِ چيو. مُنهن تي نالي خاطر ڪمدار کي به دٻايو.

غلامو جي سٺي هلت چلت مون کي موهيو.... مون سندس گهرُ تي زينا کيس ڏيٺي ڪئي.... شادي تي ڪمدار به آيو هو، ڏاڍي ڏام ڏوم سان شادي ٿي- شاديءَ جي ٻئي ڏينهن جي ڳالهه آهي، ڪجهه سامان پيو ڪٽي، سو غلامون ير واري ڳوٺ قليجن مان سامان

ويو ونيو، موٽندي رئيس وڏي جي زمينن مان ٿي لنگهيو
ته، چار جوان ڦري آيس، ڪٽي ٻڌائونس، چي ڦٽيون ٿي
چورايائين ـ سائين توهان ئي انصاف ڪيو ڏينهن ڏني
جو ديري ۾ پنجن ڇهن ماڻهن جي حاضريءَ ۾ ڪهڙي
مائي لال ڪي همت ٿيندي جو چوري ڪري ـ پر سائين،
ڏاڍي جي لٺ ڪي ٻه مٿا. وٺ وٺان ٿي وئي، غلامو
ويچاري ڪي في الحال تـه اڌ مئو ڪري ڇڏيائون ـ
غلامون جي پنيان ٻه همراهه اسان جي ڳوٺ جا جيڪي
اسان جا عزيز هئا، پي آيا. جڏهن انهن وٺ وٺان ڏٺي
ته ڊڪي اچي پير جهليائون. انهن ماڻهن ڪي ڇپائون
جن ورنديءَ ۾ ڪين لڦڙون هنيون، تنهن تي هو ٻه ميچرجي
پيا. هٽي ٻن ٽن ڪي في الحال ته لنين مڪن سان دسي
وڌائون، پر هو ته تمام گهٽا هئا. بس سڌ تي پنج ڇهه
چٽا اچي لٿا جن ۾ ڪمدار به شامل هو.

اختر ڪمدار ڏي نهاريو. هن جو ڪنڌ هيٺ هو.

"سائين پوءِ ته لٺ جي ڌڪ ڌڪان هئي، همراهه
ڌڪجي پيا. پيو جو غلام، اهو به پاڻ ڇڏائي اچي وچ
۾ پيو، تنهن تي ڪمدار ڌڪي وني جو ڪهاڙي اچلي
ته غلامو جو ساهه، تو ڏنو نه مون ڏنو.... آهي ٻه
همراهه ته پوءِ ٻچي پيا ـــ اڙي پيرا، جانو ۽ ولو
آهن اِتي؟"

"نه چاچا، شهر ويل آهن!" هڪ نوجوان وراڻيو.

”سائين، اهي جوان ڪونهن نه ته سچي حقيقت توسان ڪن ها. هاڻي ٻڌاءِ پوتار، اسين بدلو ونئڻ ۾ صحيح آهيون يا غلط ـ وري ظلم ته اِهو جو همراهه اسان جا مارجن ۽ پوليس به اسان تي چڙهي آئي . چي، توهان ٿي همراهه هنن جي ديري تي موڪلي، ڦٽيون ٿي ڪڻايون ـ ڏيو سائين منهن .... بس سائين پوءِ ته ڪيس پيو ڳپاسين، مسين مسين جان ڇٽي. ڪونڌر به ڪسايوسين، عزت ۽ مان به وڃايوسين، باقي اسان وٽ رهيو ڇا؟ سائين، بس .... هن نينگر کي ڏسندو آهيان، غلامو جي شڪل اکين اڳيان ڦري ايندي اٿم ۽ پوءِ روئي ويهندو آهيان ـ باهه آ جنهن ۾ پچڻ پيو ....“ پوڙهي جي اکين ۾ ڳوڙها هئا، هو وڌيڪ ڳالهائي نه سگهيو. غلامو جي مرڻ جي واقعي کي دهرائڻ ڪري سڀ اُداس ٿي ويا هئا.

نينگر جي ڳلن تي بوندون تي چمڪيون . هن جون اکڙيون هيٺ هيون . اُداس چهري تي هن الائجي ڇا وچائي چڙيو هو، جو اختر جي اکين ان کي اهڙو سمجهي ورتو جو هو ڏکي اٿيو ۽ هُن پٺي ورائي چڙي.

”چاچا، هاڻي ڳالهيون ٿي ويون . اسين بدلو ونڊاسين ائين کين ڪونه ڇڏينداسين!“ هڪ نوجوان آواز کي اُڀاريندي چيو .

اتي سڀ همراهه سجاڳ ٿي ويا، هڪ نوجوان ونڊي ٿي ڪمدار کي زمين تي سٽيو، پيو اختر ڏانهن وڌيو.

”ترسو_!“ اختر جو آواز جهڪو هو.

”مان توهان کي بدلي وٺڻ ڪان ڪونه ٿو روڪيان، توهان پيلي بدلو ونو، پر اهڙو بدلو ونو جو توهان جو ڳات اوچو رهي، توهان اسان کي ماريندؤ، اسان جا ماڻهو توهان کي ڇڏي ڪونه ڏيندا،___ وري توهان هنن جا همراهه ماريندؤ. انهيءَ نينگري جيتريون ڪئين ئي عورتون ائين روئنديون رهنديون، آنهن جو تعداد وڌندو رهندو، يتيم ٻارن جو تعداد وڌندو رهندو. بس پيو ته ڪجهه ڪونه ٿيندو، آهي يتيم معصوم ٻار، اهي بيواهه زالون، ائين چُڙي چُڙي، روئندي روئندي هنن سان وڃي ملندا، اهو به ڪو جيئڻ ڇئبو؟“

”رئيس، اها تقرير ٻئي جهان ۾ ڪجانءِ.“ هڪ نوجوان خار مان چيو.

”مون وٽ هڪ اهڙو رستو آهي، جنهن سان توهان بدلو به وٺي سگهو ٿا، جي قبول ڪيو ته مان چوان_!“

سڀني جي چهرن تي ڪنهن به قسم جي دلچسپي جي لهر نه ڊوڙي، بس هو بدلي لاءِ آتا هئا.

”جيئن ته هينئر غلام محمد موتي نٿو سگهي، نه وري اسان کي مارڻ مان ئي هو جيئرو ٿي سگهي ٿو، مان چاهيان ٿو ته اسين کير کنڊ تي وڃون!“

”اِها اڻ ٿيڻي آهي!“ ڪيئي آواز آيا.

”مان آن لاءِ قرباني ڪريان ٿو، مان غلام محمد

ٿيڻ لاءِ تيار آهيان .... نئون غلام محمد، هن ونيءَ جو گهوٽ!“ چوڌاري سانت ڇانئجي ويئي، نينگر جو منهن ڳاڙهو ٿي ويو. هوءَ ڪنڌ هيٺ ڪري ميڙ مان نڪري ويئي.

”رئيس .... تون اهڙا اسان کي گار ته نه ڏين!“ بخشڻ جو آواز گونجيو.

”بخشڻ، مان اهڙو نيچ آهيان.“

”اهو دولاب آهي. پاڻ کي رئيس بچائڻ ٿو چاهي.“

”پر ٻه اسين نينگر جو هٿ، نينگر جي مڙس جي خوني جي پٽ جي هٿ ۾ ڏيون، اها اڻٽيڪي.“ هڪ پوڙهي ڪنڌ ڌوڻيندي چيو.

”مان چاچا، نينگر جي پيءُ کي چوندس ته هو سوچي، توهان سڀ گهرن ۾ خوش ويٺا آهيو، ڏيءَ جا ڳوڙها ته هو ئو ڏسي، بار ته هن جي مٿان آهي، مان صرف ان ڪري انهيءَ ڳالهه تي زور ٿو ڏيان ته من منهنجي آبي جي ڪيل ظلمن کان پوءِ، انهيءَ کان وڏيڪ خوشيون ملڻ تي توهان جا زخم ڀرجي وڃن ۽ پوءِ اهي سڀ ويڇا ختم ٿي وڃن، جيڪي صدين تائين هلندا رهندا، ٻيو ته چاچا، هيءُ بدلوئي ته آهي، چمات ڏي ته آهي اسان جي وڏن لاءِ.“ اختر ائين چوندي ڪنڌ ڪٽي هيٺ ڪيو.

”رئيس ـــ تو اهڙي ڳالهه ڪئي آهي ـــ جو بس ڏڪيل رڳ تي هٿ رکيو اٿئي ـــ تو ڳالهه اهڙي نموني

ڪئي آهي جو اسان کي ويچار ۾ وجهي ڇڏيو اٿئي— نه ته ايمان سئون اها ڳالهه ڪري ڪير هتان بچي وڃي نٿو سگهي." ڇوڪريءَ جي پيءُ جو لهجو تيز ٿي ويو ۽ سندس ڳالهين اڪين کي ڏسي ڪمدار ڇرڪي ويو. هو وڏي اختر ڏانهن آيو ۽ آهستي چوڻ لڳس:

"رئيس، ٻاراڻي نه ڪر - اها ڳالهه نياڻيءَ ڏاڍي ڏکي ڳالهه آهي — ماٺ ميٺ ۾ معافي وٺي هل، هو تو کي ڪجهه —"

"تون ماٺ ڪر ڪمدار — تنهنجي انهن ڳالهين ته هيءُ جهيڙا وڌايا آهن —" اختر ڪمدار کي ڇنڀيندي چيو.

"چاچا، سوچڻ مهل ياد رک ته هيءُ به تنهنجو بدلو آهي منهنجي بابي کان، منهنجي خاندان کان — هن ۾ رڳو اهو فرق آهي ته هُن بدلي ۾ رت جي ڳاڙهاڻ آهي ۽ هِن بدلي ۾ — سينديءَ جي ڳاڙهاڻ —" اختر مشڪي ويٺو.

هُن مجموعي ڏانهن ڏٺو، اُت به هڪ قسم جي سوچ ۽ مشڪ ڇانيا ڪيو بيني هئي. اختر آهستگي سان وڌيو، بخشوءَ جي ويجهو اچي ڪانئس آهستگي سان کهاڙي ڇڏائي، زمين تي ڦٽي ڪري، کيس هڪ وڏو پاڪر پاتائين.

اُن ۾ الائجي ڇا ڪجهه نه سمايل هو. پوءِ هن سيني جون کهاڙيون ڦٽي ڪيو ۽ سيني کي پاڪر پائيندو ويو. هُن سيني جي چهرن کي ڏٺو، اُت ڳاڙهاڻ بجاءِ

هڪ ٿڌي مٺي روشني ڇانيل هئي. هُن آسمان ڏانهن نهاريو، اُت لهندڙ سج جي ڳاڙهاڻ ختم ٿي چڪي هئي، اڇاڻ واري هلڪي روشني ڇانيل هئي، هُن کي ائين لڳو ڄڻ صبح ڪاذب آهي.

هو وني ءَ کي اُنهيءَ رات ئي نڪاح کان پوءِ وٺي ويو - گهوڙي تي ڪيس ياڪر ۾ پيري چاڙهڻ مهل هو هڪ قسم جي خوشبوءِ ۾ ويڙهجي ويو. هُن سڃاتي ته اها ميندي ءَ جي خوشبو هئي، صدين کان انساني ميلاپ جي شاهد ـــ جنهن جي لالي، قرب، ميٺ ۽ محبت جو پيام ڏيندي آهي.

●●●

# اُداس واديون

هُن ڪوشش ته گهڻي ڪئي ته ڳوڙها بند ٿين. پر اهو بند هڪ دفعو جو ٽُٽو ته ڪٿي ٿو بند ٿئي. هوءِ رئندي رهي؛ ايتري تائين جو آخر ڪيس خيال ٿيو ته مان ڪيستائين رئندي رهندس. الائجي ڇو اڄ ڪيس محسوس ٿيو ته هوءِ جيئن سڄي عمر بي حس رهي آهي؛ هر ڳالهه کان، پيار کان، ڏک کان، زندگي جي هر رنگ کان؛ اڄ هُن محسوس ڪيو آهي ۽ هوءِ هاڻي، حساس بڻجي پئي آهي ۽ ائين ئي روئندي رهندي، آهستي آهستي سندس سڏڪا ڪجهه جهڪا ٿيا. ڪيس خيال آيو ته روئبو آهي پر ايترو نه، جي ايترو روئبو آهي ته ڪير پرچائيندو به آهي پر ڪيس ڪير پرچائيندو – ڪير – ڪير اچانڪ سندس دل جي گهرايل مان ڇرڪ ته ڪنهن رڙ ڪئي.

"مان – مان – مان"

هن ڏٺو ته اهو سندس ماضي هو، بي جان، بي رنگ ۽ بي مزي؛ هن ڏٺو ته ڪير رڙهي سندس پير ۾ آيو ۽

پوءِ آغوش ۾. اج هوءَ سڀ ڪجهه محسوس ڪري سگهي پئي؛ هُن کي پنهنجي ماضي تي ڏاڍو پيار آيو ۽ کيس هنج مان ڪڍي وڏيڪ ويجهو ڪيو ۽ سندس چپن مان سرباٽ مثل تيندڙ آواز مان سندس ڳالهيون ٻڌڻ لڳي.

هن ٻڌو پئي، آهستي، آهستي موسيقي ڦهلائيندڙ آواز سندس دل ۾ پيهبو پئي ويو؛ هن کي سڀ ڪجهه محسوس پئي ٿيو، هن اهو به محسوس ڪيو ته سندس نندپڻ ائين خاموش ۽ اڻچاڻائي ۾ گذريو جو هوءَ ڪڏهن ائين به سوچي نه سگهي ته هوءَ ڪير آهي، ڇو جيئي پئي، دُک تي روئي ڇونه ٿي، خوشيءَ تي ڇونه ٽڙي ٿي؟ — ماضيءَ کيس ٻڌايو ته اهو ڪجهه حالتن ۽ ماحول جي ڪري ٿيو؛ انهي ۾ سندس فطرت جو به وڏو دخل هو جا کيس ماءُ کان ورثي ۾ ملي.

هن جي اڏو ماءُ جو چهرو هليو آيو. نستو، نبل؛ هر ڪنهن قسم جي جذبن جي ريکائن کان خالي، سندس ماءُ متان جيڪي وهيو ۽ واپريو جيڪر ڪير ٻيو هجي ها، ته رڙيون ڪري ها؛ واڪا ڪري ها، يا ائين به هو ته ان ۾ دلچسپي وٺي ها ۽ خوش ٿئي ها.

اچانڪ هن کي پيءُ ياد آيو. پٽس جو چهرو الائجي ڇو کيس پيانڪ لڳو. هن انجي خيال هٽائڻ لاءِ ماءُ جي منهن ۾ نهاريو — الا؛ ڪيڏو نه فرق آهي — ماءُ جي

گناهن ڀريل زندگي تي ويچاريندي هن کي الائجي ڇو ماءُ تي بي اختيار پيار آيو، جنهن‌جي ڇهري پنهنجي معصوميت ۽ اڀوجهائپ کي قائم رکيو هو.

ماءُ جي ڏوهن گناهن تي ويچارڻ اڄ کيس آيو هو. هن جي دل يڪدم فيصلو ڏنو ته ماڻس جو انهيءَ ۾ ڏوهه ڪونه هو.

اهو پٽس ئي هو جنهن پنهنجي زندگيءَ ۾ نشي جي مستي پيرڻ لاءِ ٻين زندگين کي پنگ ۽ چرس ڪري ڪتب آندو.

ماءُ جي هلت تي ويچاريندي هوءَ ڪجهه منجهي پئي. کيس ياد هو ته هميشه وانگر ڪيترن ئي قسمن جا ماڻهو گهر ۾ پيا ايندا هئا. پٽس رات جو انتظار نه ڪندو هو. شام ٿيندي هئي ته نڪري ويندو هو؛ ڪلاڪ ٻن کان پوءِ ساڻس ڪير هڪ نه ٻيو ضرور هوندو هو. سندس اکيون ڳاڙهيون هونديون هيون، ۽ منهن سڄيل. اچڻ ساڻ ماڻهوءَ کي وٺي سڌو اندر ڪوٺيءَ ۾ ويندو هو ۽ پوءِ ٻاهر نڪري اچي رکو چوندو هو:

”شمل ماءُ_!“

”ها؛ اچان ٿي.“

پوءِ ماڻس گهر جو ڪم ڪار ڇڏي يڪدم پير واري نيڏڙي ڪوٺڙي ۾ هلي ويندي هئي ۽ ٿوري ڪان پوءِ هڪ پراڻو ڪٽين دفعا پاتل؛ گهنجيل ريشمي وڳو

پاڻي ۾ وارن کي ڌوئيءَ سان سڌو ڪري تڪي تڪي انهي ڪوني ۾ هلي ويندي هئي جتي اهو ماڻهو ويٺو هوندو هو ۽ يڪدم در بند ٿي ويندو هو، ڪڏهن ڪڏهن ته هوءَ در بند ڪرڻ جي ضرورت به محسوس نه ڪندي هئي.

ڪيس چڱيءَ پر ياد هو ته هوءَ اڃان سمجهه سان ٿي مس ٿي هئي ته هن ڪيترائي اهڙا نظارا ڏٺا هئا جو هوءَ انهيءَ کي هڪ قسم جي راند سمجهندي هئي هڪ غير دلچسپ راند ـ هن ڪڏهن به انهيءَ ۾ دلچسپي نه ورتي جيئن ماڻس هڪ مشين وانگر وڃي فرض ادائي ڪري ايندي هئي تيئن هن به هڪ مشين وانگر گهر ۾ زندگي گذاري.

ڪڏهن به دل ۾ وٽس ڪا خواهش گهر ڪري نه آئي، نه ڪڏهن ڪيس ڪا اهڙي چاهنا ٿي ٿي، ته هيئن هجي يا هوئن هجي. هوءَ جوان ٿي وئي گهر ۾ ايندڙن ويندڙن جون نگاهون مٿس پوڻ لڳيون. پر هن ڪڏهن به انهن نگاهن کي محسوس نه ڪيو. بس ڪيس ٻن ماڻهن جي آمد ياد هئي، هو ڪيئن آيا، ڪيئن ويا، ۽ ڪيئن هوءَ ٻنهي جي زندگي ۾ داخل ٿي وئي.

هن کي ياد هو اهو رئيس، جيڪو ڪڏهن ڪڏهن بلا تڪلف سڌو، در کڙڪائڻ بنا اندر گهڙي ايندو هو. پٽس ۽ ماڻس ساڻس آڏو جهڪيو ويندا هئا.

ڪڏهن ائين به ٿيندو هو جو ماڻس سندس بنگلي تي هلي ويندي هئي. اها اهم شخصيت وڏيڪ ڏهن مٿانئس ڇانئجي وئي، جڏهن هن ڏٺو ته سندس اکين ۾ هڪ عجيب قسم جي چمڪ هوندي هئي اها ڪيس ڏسندي وڌيڪ تيز ٿي ويندي هئي، الائجي ڇو ڪيس اها چمڪ وڻندي هئي.

ڪيس چڱيءَ پر ياد هو ته هڪ ڏينهن هڪ نينگر سندس وهي جو سهيل نگاهن سان گهر ۾ داخل ٿيو. پڻس ڏاڍي تعظيم سان ۽ سائين، سائين ڪريو پئي وٺيو آيس. هن ڊ چندي ڊ چندي ڏانهس نهاريو، هن پڻ اهڙي نميزڙي گراهڪ ڪي ڏسي ڪجهه حيرانگي و چاڻ نهاريس. پوءِ اهو نينگر ڪا گهڙي ٻاهر ويٺو رهيو ۽ پوءِ پڻس ڪيس اندر وٺي ويو. هن جي اندر وڃڻ ڪان پوءِ هُن پاڻ تان ڪجهه بار لهندو محسوس ڪيو. پر ٿوري دير ڪان پوءِ ماڻس تيار ٿي تڪي تڪي انهي ڪمري ۾ وئي هلي ۽ در بند ٿي ويو.

هنڪي ائين محسوس ٿيو ڪنهن مٿن جو بار سندس ڇاتي تي رکي ڇڏيو آهي. هوءَ جاڳندي رهي ايستائين جو ڇوڪرو نيٺ ڪمري مان نڪتو سندس ڪنڌ هيٺ هو ۽ قدمن ۾ تيزي هئس. هُن انهي ڇوڪري لاءِ بس انهيءَ رات سوچيو وري هوءَ سوچي به نه سگهي. ڇاڪاڻ جو هو ڪي راتيون ته ايندو رهيو پر هن جي سوچ

کي انهي بار اهڙو ته دٻائي ڇڏيو جو هوءَ وري ٻي ڏس
تـي وئي جيئن اڳ هئي ڇوڪرو چند راتين کان پوءِ
نه آيو.

کجهه ڏينهن کان پـوءِ اچانڪ هڪ ڏينهن اهـو
رئيس وري سندن گهر اچي نڪتو. ماڻس اٿـي سندس
آجيان ڪئي پٽس ڪـاڏي ٻاهر نڪري ويو هـو. ماڻس
ڏوراپو ڏنس: ”سائين، اڄ ڪيئن پلجي پيا آهيو، مسين
مسين سار لڌي اٿـو.“

”ڇا ڪيان، زمينداري سنڀالڻ ڪا سٽري نه آهي.
اڄ هتان لنگهيس ڇيم ته ڪمي وٺان تيندو وڃان. گهڻا
ڏينهن ٿيا آهن، وري ڇوڪرو به هو اتي؛ به ٽي ڏينهن
ٿيا اٿس جو ويو شهر، جو ڪاليج کليو اٿس؛ نه ته بنگلي
تي توکي گهرايان ڪين ها؟ توسان ته دل لڳي.“

”چڱو، چڱو هاڻي اندر هلي وهو.“

ماڻس کيس ادب سان اندر وٺي ويئي، پر سندس
نگاهن محسوس ڪيو ته وڏيري ور ور ڪيو پٺي ڏانهس
تڪيو؛ ماڻس پهريون دفعو اک سان اشارو ڪيس ته
اتي وچ پر جيسين هوءَ اتي ئي اتي تيسين پاڻکي موقعو
ملي ويس جو هوءَ کيس اندر وٺي وئي.

رئيس گهڻو وقت نـه ترسيو، پر ويو ته ماڻس کي
سوچ ڏئي ويو.

رات جو پٽس ۽ ماڻس پاڻ ۾ دير تائين ڳالهائيندا رهيا. پلا

ننڊڙو گهر، هُن جڏهن پڻس جو سخت ۽ تيز آواز ٻڌو تڏهن هوءَ سمجهي وئي تہ فيصلو ٿي چڪو ۽ ماڻس هميشه وانگر جهڪي وئي.

۽ نيٺ اها رات آئي - جا چپ چاپ گذري وئي ۽ کيس ڪجهہ بہ محسوس نہ ٿيو. هوءَ ڪنوار وانگر ٺهيو سنيهريو ويٺي هئي ۽ ائين ڏي ٺهيل نڪيل هڪ عاليشان بنگلي ۾ پهچي وئي، جت هُن صرف راتيون گهٽيون، نيٺ پڻس ماڻس کيس هڪ ڏينهن آيا وٺڻ تہ رئيس صاحب سندس سامهون چيو:

”حمي، تنهنجي ڌيءَ منهنجي دل اهڙي تہ موهي ڇڏي آهي، جو مون کيس موٽائڻ جو ارادو لاهي ڇڏيو آهي. هاڻ اچي هيءُ وٺ، مان سمجهان ٿو تہ اهو ڪافي آهي.“

ماڻس جو منهن انهي خال مثل هو جنهن ۾ هوا سان گڏ اڏندڙ دز بہ نظر نٿي آئي. پڻس فيصلو قبول ڪيو ۽ هوءَ رئيس جي ويڻل سريت بڻجي وئي.

نيٺ هڪ ڏينهن اهو بہ آيو جو هن مري ويل رئيساڻي جي اچي جاءِ ورتي. هن کي سڀ اختيارات هئا، هن ڪڏهن بہ اهو خيال نہ ڪيو تہ هن کي رئيس کي خوش ڪرڻو آهي - بس هُن چپ چاپ بي حس؛ جذبات کي محسوس ڪرڻ کان سواءِ زندگي پئي گذاري، ائين جيئن ڪئين طوفان گذريو وڃن پر زمين ۾ بيٺل

ڪپيل وٽن جي ٽڙن ڪي خبر به نہ پوي تہ ٻاهر ڇا ٿي گذريو. پر پوءِ بہ الائجي ڇو رئيس ويو ٿي مٿس ڏينهون ڏينهن مهربان ٿيندو.

هڪ ڏينهن هوءَ جيئن باغ ۾ ويٺي هئي تہ آهستي آهستي ڪير اچي سندس سامهون ويٺو. هُن سڃاتو: هو اهو ئي ننڍي وهي وارو نينگر هو جيڪو وٽن هڪ رات ٿئين سهميل چور وانگر آيو ۽ پوءِ هڪ عادي چور وانگر پختو ٿيندو ويو. هو ڪي گهڙيون خاموش ويٺا رهيا. هوءَ سمجهي وئي تہ ڪير آهي: چاڪاڻ جو رئيس ساڻس ڳالهہ ڪئي هئي تہ سندس پٽ اڄ اچڻ وارو آهي.

الائجي ڇو هوءَ انهي باري ۾ ڪجهہ بہ سوچي نہ سگهي. اهو نيڪ ٿيو يا نہ ـ هيءُ سڀ ڪجهہ ڪيئن ٿيو ڇو ٿيو، هن کي ڪنهن بہ قسم جو خيال نہ هو. هوءَ زنده هئي ـ رئيس سان راتيون گذارڻ ۽ بنگلي ۾ اٿڻ ويهڻ گهمڻ ڦرڻ، جنهن ڳالهايس تنهن کي جواب ڏيڻ، اها سندس زندگي هئي. ۽ تنهن هوندي بہ ڪيس سڀ ڀائيندا هئا. جيڪو ساڻس ملندو هو، سندس تعريف ڪئي ويندو هو. رئيس سامهون توڙي پرپٺ سندس ساراهہ جا ڍڪ ڀريندو هو. پر هوءَ تہ ڪجهہ بہ محسوس ڪانہ ڪندي هئي، شايد اها سوچ مٿس حاوي هئي: بس هن کي زندگيءَ جي اُداس واديءَ ۾ جيئڻو آهي: ڪيئن بہ ۽ ڪهڙي طرح بہ، بس جيئڻو آهي.

هاڻي سندس هڪ مصروفيت بي وڏي جو ننڍي رئيس نذير جو به خيال ڪرڻو پيس. هوءَ شايد هن تي ايترو ڌيان نه ڏي ها، پر هنجي رهڻي ڪرڻي ۾ ايتري ته لاپرواهي ۽ بي حسي هئي جو هنجو خيال ڪندي هوءَ محسوس ڪرڻ لڳي ته هوءَ حساس بڻجندي پيئي وڃي.

نذير الائجي ڇو، آهستي آهستي محسوس ڪرڻ لڳو ته سندس ويجهو وڃڻ هن ويراني ۾ بهار آهي.

هو پهريائين ڪي گهڙيون سائس گڏ گذاريندو هو پوءِ ڪلاڪ ۽ پوءِ پهرن جا پهر. هو ڳالهائيندو ويو ائين ڄڻ ڪو ننڍڙو مينهن ۾ وهنجندو هجي ۽ پوءِ مستي ۾ اچي آهستي آهستي سڀ ڪپڙا لاهي ڇڏي.

شميءَ ڪافي ڏينهن کان پوءِ محسوس ڪيو ته نذير جون گهڻيون شخصيتون آهن؛ هڪ ٻئي کان مختلف پر تنهن هوندي به هن کي ڪو تعجب نه ٿيو، هوءَ ماڻ ڪيو سندس ڳالهيون ٻڌندي هئي، سوالن جا جواب ڏيندي هئي.

”مان اوهان کي ڪهڙي نالي سان مخاطب ڪريان؟“

”جنهن سان وڻيئي.“

”مان توهان کي آمي ته سڏي نٿو سگهان، ڇاڪاڻ جو شايد عمر ۾ ڪي ڏينهن اوهان کان وڏو هوندس!“

”مان اوهان کي: اوهانجي نالي سان سڏيان!“

”ڀلي!“

هنکي ڪنهن به ڳالهه تي اعتراض نه هو، رئيس آڏو هـو ڪيس نالي سان نه سڏيندو تنهن جو ڪيس ڪو به خيال نه هو.

هن کي الائجي ڇو نذير جي ڪاليجي زندگي سان دلچسپي هئي جڏهن به هو اتان جون ڳالهيون ڪندو هو ۽ خاص طور ڇوڪرين جي باري ۾، ته هوءَ ايترو گهڻو اتساهه ڪين ڏيکاريندي هئي بـاقي رڳو ائين چوندي هئي:

”ها رئيس نِنڊيا پوءِ ڇا ٿيو؟“

”ڏس وري تو مون کي رئيس نِنڊيو سڏيو مون سؤ دفعا توکي چيو آهي ته منهنجو نالو نذير آهي ــ سمجهيئه ــ“

”ها!“

هوءَ ڪنهن به جذبي کان خالي مات ڪيو ڏانهنس نهاريندي هئي.

”ها ته پوءِ ٻڌ، اڳئين دفعي توکي ٻڌايو هئم نه، ته زرينه وارن منهنجي مٿان ڪيئن مس هاري هئي، مون وري سيني ڇورين کي ڪامن روم ۾ پان جي ڪٽي پيل چانهه پياري. بس پوءِ ته مزا هئا. نيٺ زرينه هڪ ڏينهن مون وٽ آئي. شمي مان ٻانيان ٿو توکان ڪجهه

مڙئي سونهن ۾ آنو تڪو گهٽ سا ٿيندي پر ڳالهائڻ
تہ نہ اٽس جهڙي ڪوئل."
"هون توکي چا چيائين!"
"چيائين تہ توهان اسان کي تنگ ڪرڻ ڇڏي
ڏيو، پر اسان تہ وري ڪلاس ۾ توڙي ٻاهر بس نڪ
۾ دم ڪري ڇڏين. هيون هيون اسان کي بيوقوف
ٺاهڻ. بس پوءِ ڪڏهن لان ۾ ڪڏهن ڪامن روم آڏو
منتائو ٿيو بيٺي هوندي هئي. نيٺ اسان سيني کٽي ساڻن
ٺهراءُ ڪيو، پوءِ تہ هاڻي روز زرينہ مون سان گڏ هوندي
آهي ڪاليج ۾، ٻاهر، سئنيما تي يا ڪينٽي ۾!"
"هون - تہ ڇئبو سٺي ڇوڪري آهي."
"ها، ها ڏاڍي سٺي! پر شمي هڪڙي ڳالھ توکي
ٻڌايان تہ جيڪر تون ڪاليج ۾ پڙهين ها: سچي بس
دنيا ختم هجي ها، تنهنجو پهريون عاشق مان هجان ها."
"هون!"

هن کي شايد اهو محسوس ٿيندو هو تہ بس پين
ڳالهين وانگر اهي بہ ڳالهيون آهن ڪنهن بہ احساس
کان خالي.

نذير موڪلون پوريون ڪري پنهنجون ڳالهيون
پٺيان ڇڏي ويو پر شمل کي الائجي ڇو ڪڏهن بہ
اهي ڳالهيون ياد نہ آيون بس ڪيس اهو ياد هو جيڪو
پڻ رئيس کيس ياد ڪرايو هو تہ هوءَ رئيس جي زال

آهي نذير جي ماءُ، جنهن َدي زرينه وڻندي آهي.
وقت گذرندو رهيو: نذير موڪلن ۾ ايندو هو پاڻ سان زرينه ۽ پنهنجيون مٺيون مٺيون ڳالهيون ڪٺي، جيڪي هوءَ دلچسپي سان ٻڌندي هئي ۽ ڪڏهن ڪڏهن نذير جي خواهش تي رڳو مرڪي ڪٺي ماٺ ڪندي هئي.
”سچي، سچي ڳالهه ٻڌايانءِ شمي، زرينه سان شادي ڪرڻ جو پاڻ ته مڪمل ارادو ڪري ڇڏيو آهي — پر الا! جي تون بابي جي نه هجين ها: ته پنهنجي شادي توسان ٿئي ها—“
الائجي ڇو اهڙي ڳالهه تي هوءَ مشڪي ويئي ۽ پڇاڙي جو ڪلي ڏنائين.
”تون ڪلين ٿي: مذاق ناهي سچي هينئر به ڏاڍي وڻندي آهين، زرينه ڪي جڏهن چيم تـه زرينه تنهنجي زندگي پيار آهي ته يڪدم مون کي تون ياد اچي وئينءَ جنهن وٽ پيار ته آهي، پر — پر—“
هو ماٺ ٿي ويو ۽ هوءَ ساڳئي نموني ۾ مشڪندي رهي ۽ ايستائين جو نيٺ نذير بي-اي ڪئي ۽ هڪ ڏينهن وٽس آيو، سندس منهن سڪو پيو هو، پريشان پريشان پئي لڳو، سندس اها حالت ڏسي هوءَ مشڪي ويئي.
”شمي!“
”هون: ڇو؟“
”منهنجي حالت ڏسين ٿي!“

”ها!“

”پڇين نٿي ته ڇو ٿي اٿئي اهڙي حالت!“

”ڇگو، پڇاڻ ٿي.“

”تون ته ڪلين پئي—“

”نه، نه، تون ٻڌاءِ!“

” پاڙي ڪي زرينه ڏاڍي ياد ٿي اچي هاڻي بابي کي ڇڻه ته— ته—“

هو هٻڪي ٻيهي رهيو.

شمي جي ڇپن تي مشڪ هر هر پئي آئي، شايد احساس جي پهرين منزل مشڪ هئي؛ هوءَ يادون ياد ڪندي ڪندي مشڪي ويئي پلنگ تان اٿي، پاڻي جو ڍڪ پيتائين ۽ پاڻي پيئندي ڪلي ويئي پاڻي ڀيءَ نڙيءَ ۾ هليو ويس ڪيس اُن ويل ياد آيو هو ته ڪيئن نذير ڏمڪي ڏني هئس.

”سچي؛ سچي جي تو بابي کي نه چيو ته مان توکي پڇائي ويندس ۽ توسان شادي ڪندس!“

”پر ٻه رئيس نڌيا، مان ڪيئن ڇوانس تون پاڻ نٿو ڇئينس!“

”وري ٻه ساڳي ڳالهه!“

انئين ٻئي ردبدل ۾ بيٺا هئا ته رئيس وڏو اچي نڪتو.

”ڇا ڳالهه آهي؛ ماءُ پٽ ڪهڙي تي اٽڪيا آهن؟“

زندگيءَ ۾ پهريون ڀيرو رئيس جي واتان ماءُ پٽ جو اکر ٻڌي، کيس ڪجهه ڏکيو لڳو ۽ سندس چهرن تان مشڪ غائب ٿي ويئي.

”چاهي نذير؟“

”ڪجهه ناهي بابا!“ نذير تکو تکو هليو ويو.

”چا ڳالهه آهي شمل!“ رئيس پيار مان چيس.

”ڪجهه نه آهي، رئيس نديو چئي ٿو ته منهنجي شادي ڪرايو.“

”بسم الله!“

”پر هو توهانجي مرضي مطابق نٿو چوي!“

”هو، چا ٿو چوي!“

”ڪاليج ۾ گڏ چوڪري پڙهندي اٿس زرينه! انهيءَ سان شادي ڪرڻ ٿو چاهي.“

”هون!“

رئيس ٿڌي ۾ پئجي ويو.

”تنهنجي چا صلاح آهي!“

”جيڪا سائينجن جي!“

”چڱو، انهي معاملي کي به ڏسون ٿا.“

رئيس معاملو ڏسندي ڏسندي سڄي قصي کي طيءَ ڪري ڇڏيو جنهن ۾ کيس ياد هو ته وڏو هٿ سندس ئي هو. هوءَ گهوٽ ماءُ ٻئي، ڏاج ناهيائين، لاڏا چيائين،

گهوٽ کي مينديءَ لاتائين؛ گهورون ڏنائين، سيج ناهيائين، گهوٽ ڪنوار کي وني آڻي سيج تي وهاريائين، لاڏون ڏنائين؛ هر وقت سندس چپن تي هڪ وڻندڙ مشڪ هئي؛ جنهن کي ڏسندي نذير آهستي چيس:

”شمي اڄ ته ڏاڍي وڻين پئي!“

شمي کلندي ٻاهر ڪم سان هلي وئي.

لاڏون ڏيڍاري کين ڪمري ۾ بند ڪري پاڻ آئي رئيس جي ڪمري ڏانهن، رئيس کونگهرا پئي هنيان. اتان تي پـر واري ڪمري ۾ وئي. جيئن ئي اندر داخل ٿـي الائجي ڇو بي اختيار کانئس ٿڌو ساهه نڪري ويو ۽ پـوءِ ائين کٽ تي ڪري پئي، ڪي گهڙيون خاموش رهي، پوءِ ڪجهه سوچيائين، سوچ مٿس ڇانئجي وئي؛ احساس وڌندو ويس ۽ ڳوڙها ٻه ڳڙيا پوءِ ته مينهن به هو ته طوفان به ـ اڄ طوفان اهي ٽڙ پئي ڪيا، جيڪي سالن کان زمين ۾ ڪتل هئا. پلا آداس وادين جي وڻن جا ٽڙ ائين نه اڪرندا ته ڪيئن نڪرندا.

# سمنڊ ۽ مان

سمنڊ ۽ مان، ٻئي اڪيلا. هن جون ڇوليون گجيءَ سان ڀريل، منهنجي من جون ڇوليون گهٽيءَ ۽ ويچار سان ڀريل. منهنجي لاءِ اهائي زندگي هئي، اهائي جيون - جوت هئي جو سمنڊ ۽ مان ٻئي اڪيلا هئاسون، پر هڪٻئي جا ساٿي. ڇوليون تيزيءَ سان اچي منهنجي پيرن ۾ ٽڪرائي ڪري موٽي ٿي ويون، ۽ منهنجي من ۾ ويچارن ٿي ٽڪرايون ڪيون. ڪو وقت هو ته مان هن سمنڊ سان رقابت ڪندو هوس، پر هاڻي اسين ٻئي دوست آهيون، گهرا دوست، هڪٻئي جا همراز. محبت جي ميدان ۾ هن کٽيو به هارايو هو، ۽ مون هارائي به کٽيو هو. پر اها جيت منهنجي لاءِ هڪ عذاب کان گهٽ نه هئي. مون سڄي زندگيءَ عذاب سٺا، پر اهو عذاب منهنجي زندگيءَ تي ايڏو ته ڇانئجي ويو جو مان اڃا سمجهه لڳس مَنَ پيڙا آهي، ۽ خود ئي اها پيڙا سهي ٿو — جيئن سمنڊ ڪيترين پيار وارين هستين کي پاڻ وٽ پناهه ڏيئي پاڻ اهو ئي

رُڪو رهي ٿـو، سندس من جي پيڙا ختم ٿيڻ جي ٿي نہ آهي.

ويٺي ويٺي، سوچي سوچي، پاڻ کي ڪجهہ عجيب احساسات ۾ ورتل ڏٺم. انهيءَ جذبي هيٺ، واري ڪٿي هڪ گهر ٺاهڻ شروع ڪيم. واريءَ کي ڏاڍي پيار پسايوهم مـان هـڪ هنڌ گـڏ ڪيم. آهستي آهستي پٿيون ڪجهہ لـڳيون، ڪمرا ٺهيا، ورانڊو ٺهيو، مٿانئن ڇت پيئي ـــ ۽ هڪ ننڍڙو سهڻو گهر ٺهي راس ٿيو. مان دل ئي دل ۾ گد گد ٿيڻ لڳس. مون کي پنهنجي آڱنڊ ۾ بهار ڏسڻ ۾ آئي، ۽ مـان وڏي وـجـي آڱنڊ ۾ وچايل کٽ تي ويٺس.

مون کي ائين لڳو تہ منهنجي آڏو خوشين جي انبارن جي ڳنڍ کلي پيئي آهي، ۽ مان آهستي آهستي ان مان هڪ هڪ خوشي ۽ من جي مرضي ڪڍندو ويس.

منهنجين اکين تي ڪنهن جا گوراگورا ننڍڙا هٿ هئا. انهن هٿن کي مون پنهنجين اکين سان چمندي چيو، ”زوبي!“ ۽ ڪنهن هٿ ڇڏي ڏنا. چوڌاري موسيقي ڦهلجي ويئي. هوءَ کلندي اچي منهنجي پرسان ويٺي.

”زوبي، سچو ڏينهن لڙئين: بہ ڪانہ!“

”۽ تون ڪٿي هئين پلا!“

”مـان.... مـان تو وٽ، زوبي. انهن ڪارن ڇپرن ارين وڏين اکين ۾ ئي تہ ويٺو هوس!“

”هون! مان ٻه چوان ته اڄ منهنجون اکيون بند ٿي نه پيون ٿين! هـاڻي مسين مسين اکيون ٽيون ٻوٽجن. چڱو، مان پلاگهڙي ساعت ننڊ ڪري وٺان، جميل!“
”زبي، تنهنجا هي ڦهليل سنهري وار مون کي ائين ٿا لڳن، ڄڻ چنڊ سان گڏ رات ٻه هيٺ ڌرتيءَ تي لهي آئي آهي، ۽ چوي ٿي ته منهنجي دامن ۾ ڦهليل خوشين کي ڏس، انهن کي ڏسـل وٺندڙ ۽ دل لڀائيندڙ رنگ کي ڏس. رنگن جـي دنيا، رنگن جي ڪائنات! منهنجي زوبي، اسين جلد ئي هڪ ٿي وينداسين.“
زوبيءَ ماٺ ڪري وٺو ٻڌو. اوچتو، ٽپ ڏيئي پري وڃـي بيٺي. زوبيءَ جي نگاهن ۾ تبديلي هئي. سندس چهري تـي ڦهليل تاثرات ائين پئي ظاهر ڪيو ته هوءَ هـن واديءَ جي رهاڪو نه آهي ـــ هوءَ هينئر پري نڪري ويئي آهي، تمام گهڻو پري.
”چو، زوبي، تون ناراض ته نه ٿـي وئينءَ؟“ مون ڊچندي ڊچندي ڪانئس پڇيو، ڇاڪاڻ ته هـوءَ عجيب طبيعت جي مالڪ هئي. سچ ته سندس طبيعت بلڪل نرالي هوندي هئي. خوشيءَ جي ڳالهين تي رنج ٿيندي هئي، ۽ ڏک جي ڳالهين تي ٽهڪ لڳائيندي هئي.
”نه، جميل، ناراض ڇو ٿيندس.... خير، مان هلان ٿي، آمي منهنجي انتظار ۾ هوندي.“
هوءَ هميشه وانگر شاديءَ جي ڳالهه کي ائين ٽاڻي هلي ويئي. مـان ويچاريندو رهيس. مـان جڏهن انهيءَ

لائق ٿيس جو زندگيءَ جي دامن ۾ ڦهليل رنگن کي نه صرف پرکي سگهان، پر انهن کي وڌيڪ ڦهلائي منجهن زياده خوشرنگي پيدا ڪري سگهان، تڏهن مون وڏا پروگرام ٺاهيا. انهن مان هڪ هو ــــ هڪڙو ننڍڙو گهر، خوشين سان ڀرپور.

مون جڏهن هن ٽڪريءَ تي هيءُ پلاٽ ورتو هو، تڏهن ٿي احساس ٿيم ته مان خوش نصيب آهيان، جو هڙو پلاٽ هٿ لڳو اٿم. گهر جوڙائيندي جوڙائيندي مان هنن ٽڪرين تي ڦهليل ننڍڙن سهڻن گهرڙن ۽ بنگلن کي ائين سجائڻ لڳس، جيئن منهنجي آفيس واري ٽيبل تي رکيل گلدان ۾ گل، جن مان مختلف رنگ، جنهن وقت مان سوچ ۾ هوندو هوس ته منهنجي اکيان اندلٺ ناهي بيهندا هئا، جن جي آرپار مان زندگيءَ جا حسين خواب ڏسندو هوس. زندگيءَ جا رنگ برنگي روپن کي پسندو هوس.

منهنجي ننڍڙ گهر جي ويجهو ٻه سهڻا، وڻندڙ بنگلا هئا، جن جي وڏي خوبصورتي انهن جا رهاڪو هئا. هڪڙي بنگلي ۾ هڪ ڊاڪٽر رهندو هو. ڊاڪٽر ۽ سندس گهر واري ڏاڍا قربائتا هئا. جڏهن به مان اتي ويندو هوس ته ڊاڪٽر، سندس بيگم ۽ سندن ٻه ڌيئون مون کي ڪافي وندرائيندا هئا. سندن دلچسپ ڳالهين ۾ ڪجهه وقت ته مان صفا گم ٿي ويندو هوس.

ٻيو بنگلو هو زوبيءَ وارن جو. زوبي پنهنجيءَ ماءُ سان گڏ هن گهر ۾ رهندي هئي. هوءَ گريجوئيشن ڪري رهي هئي جو منهنجي ساڻس واقفيت ٿي. گهڻ قربائتي ماڻس به ڪانه هئي. زوبيءَ جو پيءُ هڪ وڏو واپاري هو، ۽ اڪثر پنهنجي ڏنڌي جي واڌاري لاءِ گذاريندو هو. زوبيءَ جي ماءُ ڪلمڪ خاتون هئي. جڏهن به ايندي ته پهريون سوال ڪندي هئي:

”ابا جميل، تنهنجي جاءِ جُڙي راس به ٿيندي يا .... جڏهن ڏس، ڪم اوتري جو اوترو! مزورن ڪي مزوري ته ڏيندو آهين نه؟“

”ها، امي! بس ٿوريون ڪجي پوريون ٿيون آهن، ڇاڻ ڇت به پيئي؛ پوءِ صرف سنهو ٿلهو ڪم باقي رهندو.“

ٿيون ڪڇيون، ڇت پيئي. مون محسوس ڪيو ته ٿين ڪڇندي ڪڇندي، منهنجي محبت جي محل جي اوساري به ٿيندي هلي. زوبيءَ جي محبت جي پيڙهه منهنجي دل ۾ پئجي چڪي هئي. رفتي رفتي اسين ايترو ته ويجهو اچي وياسين جو هڪٻئي ڏاڻ سواءِ بيچين ۽ بيقرار رهڻ لڳاسين.

منهنجي آفيس کان موٽڻ بعد زوبي يڪدم منهنجي گهر هلي ايندي هئي. اسين ڪافي دير وينا ڳالهيون ڪندا هئاسين. شام ٿيندي هئي ته هوءَ هلي ويندي هئي، ۽ مان اڪيلو رهجي ويندو هوس. صبح جو هوءَ

ايندي هئي، ۽ ٽڙندي، مون سان گڏ موٽر ۾ ڪاليج هلندي هئي. مان کيس ڪاليج ڇڏيندو، آفيس هليو ويندو هوس.

هڪ ڏينهن جيئن زوبي ويئي پئي، مون کي الاجي ڇو محسوس ٿيو ته هن کي وڃڻ نه کپي — هن کي هن گهر جي بهار هجڻ کپي. هن ويراني ۾ بهار ايندي، ۽ ضرور ايندي .... ۽ مون کيس پاڻهن کان ڇڪي ويهاري ڇڏيو.

”زوبي، تو ڏٺو آهي ته جڏهن تون اچين ٿي ته هن ويران ۽ اڪيلي گهر جي رخ تي بهار جا پاڇولا ڇانئجي وڃن ٿا، ۽ جيئن تون نچندي ڪڏندي اچين ٿي ته اهي بهار جا پاڇولا نچندا ڪڏندا هن گهر جي ڪُنڊ ڪُڙڇ ۾ ڦهلجي وڃن ٿا، ۽ چوڏاري بهاريءَ ۽ موسيقيءَ جو گمان ٿيڻ لڳي ٿو. مان چاهيان ٿو ته هن گهر جي بهار، هن گهر ۾ ٿي رهي. ان لاءِ مان اميءَ سان ڳالهائيندس .... منهنجو خيال آهي، زوبي، ته مان....“

مان پنهنجو جملو ختم ڪري نه سگهيس. ڏٺم ته هوءَ اٿي بيٺي هئي. سندس چهرو ڪنهن به قسم جي جذبات کان خالي هو.

”مان وڃان ٿي، جميل، امي منهنجو انتظار ڪندي هوندي.“ هميشه وانگر پنهنجو مخصوص دهرائي، ڳالهه کي ٽارائي، هوءَ هلي ويئي. جڏهن به مان ڪا اهڙي

ڳالهه ڪيڊندو هوس تہ سندس منهن جي رنگت بدلجي ويندي هئي، ۽ هوءَ اندروني ڪيفيت کان مجبور ٿي، خاموش هلي ويندي هئي.

پوءِ اسين سمنڊ جي ڪناري تي وڃڻ لڳاسين. گهران خوش خوش ۽ ٽڙندا ٽڪرندا هئاسين، ۽ موٽڻ ويل زوبي خاموش هوندي هئي ۽ آءٌ اداس. ٻنهي جا چهرا لٿل ۽ ڪوماڻل هوندا هئا. مان پيار جون ڳالهيون ڪندي ڪندي شاديءَ جو ذڪر ڇيڙي ويهندو هوس، ۽ جواب ۾ زوبيءَ جي خاموشي پلئہ پوندي هيم.

هڪ ڏينهن سمنڊ جي ڪناري سج کي پاڻيءَ ۾ غرق ٿيندو ڏسي، زوبيءَ چيو، ”الا! سمنڊ ڪيڏو نہ ظالم آهي؟ سج جي ٻهڪندڙ مکڙي کي ڪيئن نہ پاڻ ۾ غرق ڪريو ٿو ڇڏي. وري صبح جو ٿُڏي ڪيس ٻاهر اڇلايو ڇڏي.“

”نہ زوبي، ائين نہ آهي. سمنڊ جو اٿاهہ سينو تہ هڪ گهر آهي، جنهن ۾ سج محبت جا نغما ٻڌي ٿو. سڄي ڏينهن جي ٿڪ لاهڻ خاطر هو سمنڊ جي گود ۾ پناهہ وٺي ٿو. سمنڊ سڄي رات کيس پنهنجي دامن ۾ لڪائي ٿڦڪيون ڏيئي سمهاري ٿو، ۽ صبح جو نئين دم سج ڪَر موڙيندو پنهنجي سفر جا سانباها ڪري ٿو. ڪيڏو نہ گَهرو سنبڌ آهي ٻنهي ۾!“

”گهٽ ۾ گهٽ مان انهيءَ کي پيار جهڙو پاڪ

نالو ڏيئي نٿي سگهان. سچ ته جيڪڏهن اهو پيار آهي آهي ته پوءِ خودغرضي ڇا کي سڏيو ٿو وڃي؟ دراصل ڪنهن کي ڪنهن سان پيار ڪونهي. هرڪو خالي آهي، ۽ هرڪو پياسو. هرهڪ پاڻ کي ڀرڻ ٿو چاهي. سڀڪو پنهنجي پياس اُجهائڻ لاءِ سرگردان آهي. پوءِ ڪنهن جا پيمانا محبت سان ڀُر ٿا ٿين، ته ڪنهن جي پيالي منجهه يادون ئي پـون ٿيون. سمنڊ ۽ سچ صرف رات گـذارڻ لاءِ هڪبئي جو سهارو وٺـن ٿا. صبح جو سمنڊ ڇولين سان راند رمڻ ۾ مشغول ٿي وڃي ٿو، ته سچ جا سونهري ڪرڻا ڪنوارين مڪڙين جو مُک چمڻ ۾ لڳي ٿا وڃن. بيئي هرجائي ته ٿيا! ڪير ڪنهن کي پيار نٿو ڪري، جميل! پيار ته دراصل پياريون يادون ئي آهن. ها نه؟“

مان ويچار ۾ پئجي ويس ته هوءَ چوڻ ڇا ٿي چاهي؟ مان سمجهي نـه سگهيس ـــ ۽ نـه شايد سمجهي سگهان، ڇو جو زوبيءَ سان مون کي عام پيار هو ـــ پيار، جيڪو عام آهي.

مون شاديءَ جي مسئلي تي زوبيءَ جي ماءُ سان ڳالهايو. هوءَ ڏاڍو خوش ٿي، ۽ چيائين، ”زوبي ئي ته منهنجي زندگي آهي، پٽ! هوءَ جيئن چوندي، تيئن ٿيندو.“

واقعي ٿيو به ائين، جيئن زوبيءَ چيو. هن مون سان شاديءَ کـان انڪار ڪري ڇڏيـو! مون کـانئس پڇڻ چاهيو. هن ڪوبه جواب نه ڏنو، ۽ مون ڏک، ڪاوڙ

۽ ڪروڌ وچان سائس ڳالهائڻ ڇڏي ڏنو.

هوءَ پنهنجي مقرر وقت تي روز ايندي هئي، منهنجي پرپٺ منهنجي نوڪر ڪان مون بابت پڇي هلي ويندي هئي.

هڪ ڏينهن شام ڌاري جيئن مان بنگلي مان ٻاهر نڪري رهيو هوس، منهنجا قدم وزني ٿي ويا. جيڪي ڪجهه مون ڏٺو هو، ان جو ڏاڍو ڏک ٿيم. زوبي هڪ ڪاليجي نوجوان سان ٽهڪ لڳائيندي ڪيڏانهن وڃي رهي هئي! منهنجو دماغ ڪنهن به ڳالهه سوچڻ کان قاصر هو. بيخيالو، پر واري بنگلي ۾ گهڙي ويس.

سامهون ڊاڪٽر جي وڏي ڌيءَ سلمي ويٺي هئي:

"او .... جميل صاحب! اچو، اچو. اڄ ڪيئن پلجي پيا آهيو هن طرف."

ڪلاڪ-ٻن جي گفتگو کان پوءِ مون کي الائجي ڇو محسوس ٿيڻ لڳو ته سلمي ڪا معمولي ڇوڪري نه آهي. هن جي ڳالهائڻ ۾ شائستگي ۽ گنڀيرتا پريل هئي. گنڀيرتا سندس چهري کي عجيب رنگ بخشي ڇڏيو هو. عمر ۾ هوءَ مون کان ٿوري-گهڻي وڏي هوندي، پر ڪو خاص تفاوت ڪونه هو. سندس چهري جي معصوميت ۽ وڻندڙ گفتگو مون کي روز شام جو چڪي سندس گهر آڻيندي هئي، ۽ مان ڪلاڪن جا ڪلاڪ وٺن وينو دل وندرائيندو هوس. سلمي سان اڪثر زندگيءَ جي مسئلن تي ڪافي دلچسپ بحث ٿيندو هو. پر

جيئن مان ٻاهر نڪرندو هوس، سامهون زوبيءَ جو بنگلو هوندو هو ...۽ گهڻو ڪري زوبيءَ کي ڪنهن نه ڪنهن ڇوڪري سان گڏ ڏسندو هوس. ڪڏهن گهمڻ پيا ويندا هئا، ۽ ڪنهن وقت گهمي واپس ورندا نظر ايندا هئا. ان هوندي به، هن منهنجي غيرحاضريءَ ۾ منهنجي گهر اچڻ ڪڏهن به نه وساريو. ڪڏهن وارو نه پڳائين، جيتوڻيڪ مون ساڻس ملڻ ڇڏي ڏنو هو.

اهو الاجي ڪيئن ٿيو، خبر نه اٿم ته منهنجي شادي سلميٰ سان ڪيئن طي ٿي ويئي. شادي طي ٿيڻ کان پوءِ سيگهه ئي هڪ ڏينهن زوبي منهن ۾ ملي ويئي.

”جميل صاحب، مبارڪون! ڏاڍي خوشي ٿي اوهان جي شاديءَ بابت ٻڌي.“

”مهرباني اوهان جي.“ مون وراڻيو.

”دعوت به ڏيندين يا رڳو مبارڪون وٺندين؟“

”ضرور، ضرور. پارٽي ۾ ٿي رهين، آخر پارٽي وارن کي نه سڏيندس ته ڪنهن کي سڏيندس.“

”ائين ئي سهي، سڏيندين ته سهي نه؟“

شادي ٿي. زوبيءَ کلندڙ صورت سان شاديءَ ۾ شرڪت ڪئي. هر شرارت ۾ اڳري. پر الاجي ڇو، مون محسوس ڪيو ته هوءَ ڪجهه وڃائي آئي آهي — يا ته هوءَ خوابن جي دنيا جي رهاڪو آهي.

ان رات زوبي ايترو ته مون مٿان ڇانيل رهي جو سلميٰ ۾ به مون زوبيءَ کي ڏسڻ چاهيو، ۽ هوءَ مون

مان بيزار بيزار نظر اچڻ لڳي. صبح جو جيئن ئي ماڻ ٻاهر نڪتس تہ نوڪر مون کي هڪ چٺي آڻي ڏني، لکيل هو:

”جميل، سمنڊ کان سچ جدا ٿي چڪو آهي. اڄ منهنجون همدرديون سمنڊ سان آهن. مان ان جي گود ۾ سڪون جي تلاش لاءِ وڃي رهي آهيان. شايد منهنجو گهر اهو آهي. مان پيار کي سچائي کانسواءِ سگهي هيس. اڄ جڏهن تو کي وڃائي ويٺي آهيان، تڏهن خبر پيئي اٿم تہ پيار ڇا آهي. — زوبي.“

مان انهيءَ مهل سمنڊ ڏانهن ڀڳس. ننڍڙن پيرن جا نشان ڏسندو، واريءَ جي هڪ ٻنل گهر وٽ اچي پهتس. اتان پير اڳتي وڌيا، اڳتي، .... ۽ مون ڇوليون ڏٺيون، رانديون ڪندڙ ڇوليون — هاڻي هي ڇوليون وڌي رهيون آهن .... وڌي رهيون آهن، .... ۽ منهنجو ناهيل هيءُ واريءَ جو گهر بہ، الا، ميسارجي ويو.

مون ڇرڪ ۾ سمنڊ طرف نهاريو. هن جي ڪاوڙ رڌي ويل پئي ڏسڻ ۾ آئي. ڏٺم تہ سچ سمنڊ جي گود ۾ پناهہ وٺي رهيو هو. مون کي ياد آيو تہ مون کي بہ ڪنهن گود ۾ پناهہ وٺڻي آهي. سلميٰ — جنهن جي گود انهيءَ سمنڊ مثل هئي، جيڪو سچ کي حاصل ڪندي بہ خالي، رکو رکو ۽ اڪيلو هو. سمنڊ ۽ سچ — مان، ۽ منهنجو ويران گهر.

# منهنجي دنيا مرگھ ترشنا...

مان اڄ اُداس آهيان: من ماندو اندر ۾ لوڇ پوڇ نه من پاسي قرار نه من پاسي چين. مان نيٺ اُٿي ويٺي آهيان، مونکي لڳي ٿو ته ڪير مونکي چئي رهيو آهي ته رڙيون ڪر واڪا ڪر، ڪنهن کي سڏ، ڪنهن کي پڪار .... ۽ ڪير تنهنجي ويجهو اچي چوي، ”تون اُداس ڇو آهين ....؟

يا چوي، ”تون رڙيون ڇو ٿي ڪرين ....؟“

۽ مان ڪيس چوان، مان اُداس آهيان هرويرو ڇو.... مونکي ڪجھ سمجھ ۾ نه ٿو اچي مونکي ڇاٽيندو ٿو وڃي، ۽ مون يڪدم ٽيبو ڏئي ميز تان پنو ۽ پين کنيئي آهي، پنو پراڻو ۽ قاتل آهي، پين پيگل آهي ۽ مون لکڻ شروع ڪيو آهي.

”.... مون هن سان پيار ڪيو، جو هو مونکي وڻندو هو. مان هنکي ايترو ته چاهيندي هئس جو شايد ئي ڪير ڪيس ايترو چاهي. هو ڏاڍو وڻندڙ هوندو هو، سندس مضبوط ويڪرو جسم اُن تي وڏو وڏو ڪتابي چهرو

جنهن ۾ گول گول هرڻ جهڙيون اکيون، هميشه ڳالهائيندڙ سهڻا ڳاڙهـا چـپ ۽ وري سندس جـاڙا ڀرون- سچي، مونکي ڏاڍو وڻندو هو .... ۽ڪيس خبر ئي ڪانه پئي جو مان ساڻس پيار ڪري ويٺس.

هـو منهنجي وڏي ڀيڻ جـو ڪلاس ميٽ هو. هـو گهڻو ڪري شام اسان وٽ گذاريندو هو. هو جڏهن به ايندو هو ته منهنجي ڀيڻ ساڻس ڏاڍي رڪائي سـان پيش ايندي هئي پر تـه به هـو ايندو هـو. هنکي زري جي رڪائي وڻندي هئي ۽ هو اسانجي امان کي ويني ويٺي چوندو هو.

”امي زري جهڙي ڇوڪري ڪابه ماءُ پيدا ڪري نه سگهندي .... چاڪاڻ جـو امي هـوءَ ڏاڍي عجيب ۽ وڻندڙ ڇوڪري آهي.“

اسانجي امي کلي ماٺ ڪندي هئي. اسان جا سندس گهر سـان ڏاڍا سٺا تعلقات هـونـدا هئا، گهڻو ڪري سندس مـاءُ ۽ ڀينرون بئي ٽئي ڏينهن اسان وٽـان ٿـي ويندي يون هيون ۽ اسين تمام گهٽ ويندا هئاسين الائجي ڇو ....؟

هڪ ڏينهن جيئن هـو آيـو تيئن زري ڏاڍي تيزي مان ڏانهنس وڌي ۽ چيائنس، ”ظفر! تون ڇو آيو آهين. مون توکي ڪاليج ۾ جو چيو ته تنهنجو مون سان ملڻ جو ڪوبه ضرور ڪونهي. منهنجو ڪنهن به قسم جو

توسان واسطو نہ رهندو پر مان پڇان ٿي تون آيو ڇو آهين ....؟"

هو چپ چاپ ويٺو رهيو سندس اکين ۾ حسرت، منهن پيلو، ڪن ڳاڙها، اچانڪ هن ڳالهايو، "زري تون چئين ٿي تہ مان اڳتي ڪونہ ايندس .... چڱو مان ڪونہ ايندس ...."

هو جيئن وڃڻ لڳو زري آهستي سان وڌي ۽ ٻانهن کان ڇڪي آڻي ڪرسي تي وهاريائين، "هتي ويهہ .... اِهي رُسڻ ڪنهن ٻئي کي ڏيکارجانءِ."

مون ڏٺو سندس چهري تي اطمينان هو، زري سندس ٻي ڪابہ خوشامد نہ ڪئي. زري هلي وئي ۽ هنجڻ ۾ مان چپ چاپ اچي سندس سامهون ويٺس ڪيس خبر ئي ڪانہ پئي، سندس اکيون بند هيون ۽ ڊرائنگ روم خالي .... هو چئي رهيو هو.

"مونکي پيار کپي زري .... تنهنجي ڳالهائڻ ۾ پيار ڪونهي، تنهنجي تيزي، رُکائي آهي پر تنهنجيون ادائون تنهنجي ادا پيار آهي زري ...."

هو اُن وقت هڪ معصوم ٻار مثل نظر پئي آيو.... اُن ٻار وانگر جنهن جي ماءُ کيس ائين چئي هلي وئي هجي، "خبردار جو تو شرارت ڪئي آهي، نہ تہ مان ڪانہ موٽندس .... تون اتي ويهہ تہ مان اچان ٿي."

هو ويٺو رهيو ۽ مان کيس ڏسندي رهيس .... مونکي

بي اختيار سندس وڏين وڏين اکين جي پنبڙين تي پيار آيو جنهن ۾ چند ڳوڙها موتي جي داڻن مثل چمڪي رهيا هئا، مان وڏيس ۽ چپن سان اُنهن آڪڙين کي چميم ۽ اُهي موتي جا داڻا چپن تي ڪٽي ورتم، هـو جاڳي پيو.... ننڊڙو جاڳي پيو، هو ماءُ کي پڪارڻ تي هـو تـه مان ٻـ ڪ پـاڻي هلي ويس. هو جيسين احساس جـي چنبي مان پاڻ ڇڏائي، زري اندر داخل ٿي ۽ هـن کان روئڻ وسـري ويـو ۽ هـو اُنجي گود ۾ وڃڻ جي چاهنا تي سوچڻ لـڳو.

هـو جڏهن ڊرائنگ روم مان نڪتا تـه مـان اُنهن کان اڳ ڊرائنگ روم جي دري تان هٽي اچـي ٻاهر لان ۾ نڪتل ڪرسين تي اچي ويٺس.

هو آيو سندس چهري تـي پريشاني هئي.... سندس اطمينان ڪسجي چڪو هو. هو ڪنهن ويچار ۾ هـو.... هنکي مـاءُ جي گود ملي چڪي هئي، هنکي پيار مليو هو، هنکي سيڪجهه مليو هو. پر هو بي چين هو، سندس چهري تـي سڪون جـي ريکائن پنهنجو ڪوبه آهجاڻ ڪونه ڇڏيو هو. هو واقعي پريشان پئي لـڳو. زري کيس غور سان ڏسي رهي هئي.

”ڇو تنهنجي طبيعت ٺيڪ نه آهي....؟“

”تون ٺيڪ ناهين، ها نه....؟“

”ويهه تـه مان تنهنجي لاءِ چانهه، گهرايان.... فري،

ظفر جو خيال ڪر.... شايد سندس طبيعت ٺيڪ ناهي.... مان اڄان ٿي....؟"

هوءَ اڄ ڪجهه سوچيندي وڃي رهي هئي، مون ظفر ڏي نهاريو سندس اکيون بند هيون. اکين ۾ موتي ۽ چپ ڦرڪي رهيا هئس، چهري تي بي چيني ڪنهن جو انتظار.... مان بي اختيار اُٿيس مونکي ائين لڳو، هو مونکي پڪاري رهيو آهي. سندس تڪڙي ڪڇندڙ ساهه ۾ پڪار آهي، مان سندس ويجهو ويس، سندس اکڙين ۾ اٽڪيل موتين کي جهٽڻ جي چاهنا پيدا ٿي، سندس ڦڙڪندڙ چپن کي به ڏٺم، هو خاموش هڪ عجيب بيقراري جي احساس ۾ اُنهي ڪرسي تي پيو هو مان وڌيڪ جهڪيس.... پر ڪنهن مونکي ٻانهن کان ڇڪيو مون سڀڪجهه پائي به وڃائي ڇڏيو.... مون دير ڪئي.... ڪافي دير ڪئي.... زري هنجي مٿان جهڪي ۽ مان پني ڏئي موٽي آيس.... هنن ٻنهي کي منزل ملي وئي.... .... پر هيءُ پين وڌيڪ چو نه ٿي لکي، مان پين کي ڏسان ٿي، پين کي جهٽڪو ڏنم، پين جي نب وٽ مس جو هڪ ڦڙو چمڪي رهيو هو.... مان پاڻ کي ڪنهن به احساس کان ڇڏائي نه سگهي آهيان.... مون آهستي پنهنجا چپ اُنهي نب وٽ رکيا آهن.... هاڻي مان ڪجهه به ته محسوس نه ڪري رهي آهيان.... مون وٽ سکون آهي قرار آهي سڀ ڪجهه آهي ۽ منهنجا چپ وڌيڪ ڦهلجي ويا آهن.

# اَن داتا

هنَ گهور ڪري منهنجي منهن ۾ نهاريو، مون ڏانهنس چتائي نهاريو، هن جي گهور اڇا به تيز ٿي وئي، هن جون اکيون قاتل هيون، اُنهن جي چمڪ منهنجي اکين کي اونداهي ڏئي ڇڏي، مان وڏيڪ سندس منهن ۾ نهاري نه سگهيس ۽ رڙ ڪري اٿيس،

”پٽيوالا، ڪڍ هن کي ٻاهر، ٻئي کي موڪل ....“

”صاب، صاب رڳا پنج رپيا، صاب، صاب، .... سرڪار .... سرڪار آڪر .... اسين ماڙهو ........“

هاڻي مون ڏانهنس نهاريو، هن جو اکيون وساميل هيون، سندس چهري تي بک جا پاڇولا هئا، هو ليلڙاٽيون ڪري رهيو هو.

پٽيوالي هن کي ڌڪي ٻاهر ڪڍيو، ۽ ٻيو ماڻهو آيو،

”ها تون ڇئہ ....؟“

”صاب توجا، ٻچا ٻچن، اسان ڏڪر ۾ مري وياسي، تو اسان جي ڪبر لڌي آهي، نه تہ اسين مري ويا هئاسي ــــ؟“

”جاني ۽ مالي نقصان ــ؟“

مـون سرڪاري ڪاغذن جي خانا پـري ڪندي چيو ـ هن جي جواب لاءِ ترسيس ۽ ڏانهنس نهاريم، هو روئي رهيو هو.

”هڪڙو ٻچو، ٻه ڍڳيون ـــ هوءَ ڙي هوءِ ماند مرن ها ته دک نه ٿئي ها سائين ـــ!“

”چڱو اچي ـــ“

مون مشين وانگر پنجين جو نوٽ ڪڍيو.

”اڙي سائين، هيءُ ڪهڙو قهر ٿـو ڪريـن، اسين جابلو ماڻهو، اسان جي سار تي مسين مسين آيو آهين، هاڻي ويندي ته ڪبر به نه لهندي، پنجين جي نوٽ مان ڇو ٿئي ـــ“

مان ڪي گهڙيون سوچ ۾ پئجي ويس، سرڪار هن علائقي کي سخت ڏڪر جي ڪري آفت زده علائقو قـرار ڏئي، ڏهه هـزار رپيا منظور ڪيا هئا ـ انهن جي وراهڻ لاءِ مون کي آفيسر آن اسپيشل ڊيـوٽي ڪري ڪري رکيو هون ـ هڪ لک ماڻهن جي آبادي، ٻڪ ۾ ۾ پاهه، ڍڳا ڍور مري وين، هاڻي ته موت اچي ماڻهن ۾ پيو هو. سڄو جابلو ملڪ، بـارش تي هنن جو گذر هو، هن سال بارش جي بوند بـه نـه پئي هئي ـ هاڻي ته بنهه بٺ هو، جيئڻ عذاب هو ـ آتـي ڏهه هزار، ڪٿي تـا پورا ٿين، مان بـه تـه ڪجهه ڪري نٿي سگهيس ـ

مون گهنتي وڃائي، پوڙهي ڏي نهارڻ کان سواءِ چيم،
”پيو ماڻهو .......“
”اڙي سائين، اڙي حاڪم؛ ابو ٿي، ٻچا مري ويا،
پنج رپيا، ....... ڏهه ماڻهو کائڻ وارا، ابو ٿي .......“
پٽيوالو هن کي ڌڪي هليو ويو، مان خاموش کي
گهڙيون پٺ کي تڪيندو رهيس ۽ پوءِ آهستگي سان
سوچ کي روڪي، پاڻ کي قابوءِ ۾ رکي، ڪجهه ڪڙو
ٿي ويٺس، شايد منهنجو من ڏکوئجي ويو. پر مون پاڻ سنڀالي
ورتو هو ۽ پوءِ تڪڙو تڪڙو نوٽن کي وراهيندو ويس —
ڪن بند ڪيم سوچ به ته نه هئي، مون ته چڻ ٻڌو ئي
نٿي — ڪنهن ٿي ليلڙائيون ڪيون، ڪنهن ٿي ٻچن جا
واسطا وڌا، ڪنهن ٿي رنو، ڪنهن ٿي ماٺ جا ڳوڙها
ڳاڙيا، مون نه ٻڌو نه ڏٺو، مان ته مشين هئس، پنجين
۽ ڏهين جي نوٽن ڏيڻ واري مشين. نوٽ نڪرندا ٿي
ويا، اڳيا، نيرا، ناسي، مان وراهيندو ٿي ويس.
الائجي ڇو ڪجهه وقت کان پوءِ مان ڪجهه ٻيو
محسوس ڪرڻ لڳس، منهنجي پيشاني گهنججي وئي هئي،
مان ڪرسي کي تخت سمجهڻ لڳس، گهرڻ وارا گهٽا،
ڏيڻ وارو هڪ، مون کي ائين لڳو ته مان هنن جو
ان داتا آهيان، لک ماڻهن جو ان داتا. مان ماڻهن کي
نوٽ پيو ڏيان، کين ڳيو پيو ڏيان، ان پيو ڏيان، مان
.... مان .... آهيان ........ ها ........ مان ....... !

اچانڪ ائين لڳم ته ڪير منهنجي هن حيثيت کي
قبول ڪرڻ لاءِ تيار نه آهي. هو نه نوٽ وڻي رهيو هو،
نه وري ڪجهه چئي رهيو هو. هو کنگهي رهيو هو،
ڏاڍيان، زور سان، سندس اکيون نڪري آيون هيون:
سون کي دٻ تيڻ لڳو.

”هتي چو تو کنگهين، ٻاهر وڃ، پٽيوالا ........“

هو ساڻو ٿي اُتي پئجي رهيو، اچانڪ هن کانگهارو
آڇليو، رت جو وڏو دڳ، سون يڪدم رڙ ڪئي
”پٽيوالا ....“

پٽيوالي جي بجاءِ هڪ مائي، يڪدم اندر آئي،
هوءَ عمر ۾ ڪافي ننڍي هئي، پر سندس جسم ايترو
ته ڪمزور هو، جو ائين پي محسوس ٿيو ته هوءَ اِجهو
ٿي ڪِري، سندس هنج ۾ هڪ ڪمزور ٻار هو. هن
ٻار کي فرش تي اُڇليو ۽ مڙس مٿان جهڪي وئي، هوءَ
روئي رهي هئي. هن کان ڪجهه اُڪليو نٿي، هُنَ ڳوڙها
مٿا ٿي، اوچنگارن کي ڳهيو ٿي، مان خاموش هئس، مان
ڪين ڪجهه چئي نه سگهيس.

مڙس جي کنگهه بند هئي هُنَ ساٿائيءَ سان زال
کي چيو،

”صاحب کان رپيا وٺ، .......“

هوءَ روئندي اُٿي ۽ منهنجي ٽيبل جي ڀرسان آئي،
۽ ان پنجين جو نوٽ ڏانهنس وڌايو،

هن نوٽ ڏانهن هٿ وڌايو هو ته مڙسس رڙ ڪئي
”سائين، ڪجهه رحم ڪريو ....“
مون وري نوٽ کي جهٽڪو ڏنو ۽ ٽيبل تي اُڇليو ۽ گهنٽي وڄايم. مڙس آهستي وڏيو ”صاحب رحم .... او صاحب ....“ پوءِ هڪدم منهن ورائي زال کي چيائين ”ڏسين چا پيئي .... پڌائينس .... ڏيکارينس پنهنجيون ڇاتيون ـ ڏيکار، صاحب کي ڇاتيون ته ڪيس اسان جي حال تي رحم اچي ـــ“
مان حيران ٿي ڏانهنس نهارڻ لڳس،
”ساران ........!“ مڙس رڙ ڪئي.
هوءَ خاموش هئي، هن ڇاتين تي هٿ رکيو، اتي ڪجهه به نه هو. اُهو هنڌ لسو هو، اوچانڪ مڙس اُٿيو، الائجي هن کي ڪٿان طاقت آئي، هو ڏانهنس وڌيو،
”تون صاحب کي ڇاتيون ڏيکار، ته هو ڏسي ته تنهنجو هيءُ ننڍڙو ڪيئن مئو، تون صاحب کي پڌائين ڇو نه ٿي، ڪچين ڇو نه ٿي ـــ“
هن سندس چولي ۾ هٿ وڌو، مائيءَ جا ڳوڙها هيٺ ٿمن پيا. هن اوچنگار ڏئي پاڻ ڇڏايو ۽ ڇاتين تي ٻئي هٿ رکيا ۽ ٻڪ پاتائين، هوءَ در تي وڃي موتي آئي، اچي ٻار جو لاش کنيائين ۽ روئندي، اوچنگارون ڏيندي هلي وئي.
مڙس خاموش بيٺو رهيو،

”صاحب، ٻار جي ڪفن لاءِ تورا وڏيڪ کپن ....“
مون ڏانهنس پنجين جو نوٽ وڌايو،
”مان ڇا ڪيان، ـــ مان به ته مجبور آهيان ـــ“
ائين چوندي الائجي ڇو منهنجو ڪنڌ هيٺ ٿي ويو، آڪڙيل بدن ڍلو ٿي ويو ۽ آواز ۾ نرمائي اچي وئي ـــ شايد مان ان داتا نه هئس.

# خوشبوءِ جا ڳهاڱ

اچانڪ مون کي محسوس ٿيڻ لڳو ته مان، مان نه آهيان. مان پنهنجي هستي وڃائي چڪو آهيان ـ مون آهستگيءَ سان هن ڏانهن نهاريو، هوءَ خاموش اکيون بند ڪيو، وٺندڙ ۽ هڳاءُ واري فضا ۾ خواب جي دنيا ۾ گم هئي.

ڇوڏاري وڏا وڏا سيرهن جا وڻ جهڳٽن ۾ پکڙيل هئا ـ ڪٿي ڪٿي نم جا وڻ جهڪيا بيٺا هئا. سرنهن جي گلن ۽ نم جي ٻور جي خوشبوءِ اهڙي ته ذهن ۾ رچجي وئي هئي جو نشي ۾ مدهوشي جو گمان ٿي ٿيو.

مون سيما ڏانهن گهوري نهاريو، ۽ سوچڻ لڳس ته گهڙيءَ کان پوءِ هيءُ پنهنجو وجود وڃائي ويهندي ـ هوءَ اُها سيما نه رهندي، جنهن جي مرڪ مکڙين جي مرڪ هوندي آهي. جنهن جي پلڪن ۽ اکڙين کي ڏسي سپن جي منهن ۽ اُن ۾ پيل آبدار موتين جو گمان ٿيندو آهي. سيما جو بيداغ مکڙو ۽ سندس جسم جو چمڪندڙ ۽ ٻهڪندڙ رنگ چاندوڪي ۾ لسي چاندي مثل چمڪي رهيو هو.

مان هن وقت ائين اُتيس چڻ ته مان اهو نه آهيان، جنهن کي گهڙيون اڳ ويهي ڪيس يقين ڏياريو هو، ته زندگيءَ جي هرڪا تمنا هوءَ آهي، زندگيءَ جي هر آس مان آهيان.

هوءَ مون مان مايوس به ته نه هئي پوءِ ڇو مون کيس يقين ڏيارڻ تي چاهيو، ته مان صرف سندس ئي آهيان. مان ائين ڇو چوان ته بن تن ڏينهن کان سوچ مون تي ڇانيل آهي. ڪو مقصد آڏو اٿم ۽ مان انهيءَ رٿا مطابق هلان پيو، مان ائين ڇو چوان ته مون کي يقين ڏيارڻ جي ضرورت انهيءَ لاءِ محسوس ٿي ته متان هوءَ بي يقينيءَ جي پاڇي هيٺ اچي نه وڃي، ۽ منهنجا خواب ۽ منهنجون رٿائون سڀ هيٺ مٿي نه ٿي وڃن. سيما سان مان جهڙي نموني مليس ۽ پيار جي دنيا ناهڻ ۾ ڪامياب ٿي ويس. سا ڳالهه ائين پئي لڳيم ته چڻ سيڪجهه سوچي سمجهي ڪيو هوم.

مان تمام گهڻو اڳتي وڌي هڪ وڻن جي جهڳٽي اندر اچي ويٺو هوس. مون کي ائين لڳو ته مون هٿ پاڻ لڪايو آهي. مون اُها اوگهڙ لڪائي آهي جا جيڪڏهن ظاهر ٿي پئي ته منهنجيون سڀ رٿائون لڙهي وينديون ۽ صرف مان رهجي ويندس. مان ـ جيڪو هن دنيا ۾ ڊچندو رهيو آهيان ۽ ڪجهه به ته نه ڪري سگهيو آهيان. اڄ تائين مون کي اها خبر نه آهي ته

بهارن کان اڳ ڇا ٿيندو آهي، ۽ بهارن کان پوءِ ڇا ٿيندو. ڪنهن جي مرڪ ڏسي، ڪانئس مرڪ کسڻ جي چاهنا ڪيتري ڪِريل چاهنا آهي؛ اها به تہ خبر نہ هيم.

'اڄ جڏهن منهنجي تمنائن پوري ڪرڻ واري رات آئي آهي. جنهن جو انتظار آءٌ اُنهن راتين سان گڏ ڪندو رهيو آهيان، جن هميشه مون کي تمنائون ۽ خيال پئي بخشيا آهن؛ ۽ مان سوچ ۾ پئجي ويو آهيان. اُهي خيال مون تي ڇانئجي ويا اهن، جن کان اڳ آءٌ اڻجاڻ هئس. مون کي محسوس ٿو ٿئي تہ هيءُ سڀ خيال مون کي پنهنجي مقصد کان هٽائي ٿا وجن.'

مون سامهون نهاريو، ڇانڊوڪيءَ جا ڪرڻا درياءَ جي وهندڙ لهرن تي مرڪ وڇائي رهيا هئا. اهڙي مرڪ جا اڳے پسي هئم. ياد اٿم تہ ان ڏينهن سيما مون ڏانهن نهاري مرڪيو هو، ۽ مون گهبرائجي ڪنڌ ڪٺي هيٺ ڪيو. هوءَ منهنجي گهر جي پر سان رهندي هئي، ۽ مان جڏهين بہ هنن جي گهر جي اڏو لنگهندو هوس تہ گهٽو ڪري سندن در ڪليل هوندو هو. مون ڪڏهن بہ در ڏانهن نگاهہ نہ ڪئي هئي. مان ڪنڌ هيٺ ڪري لنگهي ويندو هوس. منهنجي اها عادت يا ائين چوان تہ حسرتن ۽ خواهشن کي دٻائڻ جو بيو طريقو هو، تہ مان سيني عورتن اڳيان لنگهان تہ منهنجو ڪنڌ هيٺ

هجي ۽ اڪيون زمين ۾ هجن. مان پنهنجي ننڍڙي گهر ۾ اڪيلو هوس، مون کي ڪڏهن به اهو ويچار نه آيو ته انهيءَ اڪيلائي ۽ تنهائيءَ ۾ گهڻا خواب حقيقت بڻجي سگهن ٿا. هڪ ڏينهن جڏهن مان تڪو تڪو وڃي رهيو هوس، ته هوءَ به در مان نڪتي ۽ مان ڏانهنس نهاري وينس. پانيم ته زمين کسڪي پئي ۽ پاڻ سنڀالي ويس، ۽ هن مرڪي ڏنو. مان گهٻرائجي ڪنڌ هيٺ ڪري هليو ويس. سمجهيم ته مون ڏانهنس نهاري غلطي ڪئي آهي – ان غلطيءَ جي تلافي ان نموني ۾ ڪيم، جو سائس ڳالهائي وينس، ڇا ڳالهايم ۽ ان جو ڇا جواب مليم، ڪجهه به ياد نه رهيو اٿم – مان هر وقت سندس پر سان لنگهندي، ڪنهن مخصوص خوشبوءَ کي سنگهندو هوس، ۽ خوشبوءِ ۾ ويڙهجي سيڪجهه وساري ويهندو هوس. زندگيءَ جي پهرين جرئت اها هئي جو مان ڪيس پنهنجي گهر وٺي آيس، ان وقت مان سچو ڏڪي رهيو هوس. منهنجي پگهريل پيشاني ۽ ڏڪندڙ هٿ هر هر مون کي پنهنجي گيديپڻي جو احساس ڏياري رهيا هئا. هوءَ مرڪي رهي هئي، معصوم، بي داغ، خوشبودار مرڪ.

”توهان جي طبيعت ٺيڪ آهي نه ___؟“

”ها ___ ها ___ مان ته ٺيڪ آهيان ___“

”توهان گهٻرائجي ڇو ويندا آهيو ___ ويهو نه ___ توهان بيٺا ڇو آهيو.“

”او — ترسو — مان ويهان ٿو — توهان ويهو، توهان
چو تا آٿو!“

واقعي مون کي سندس پر ۾ ويهڻ جي همت نہ ٿيندي هئي. مان سندس پر ۾ ٻيهندو هوس، تہ ائين محسوس ٿيندو هو تہ هيءَ خوشبوءِ ۽ هڳاءُ جي دنيا آهي. مان ائين محسوس ڪندو هوس تہ هوءَ خوشبوءِ جو جسم آهي. خوشبوءِ ئي خوشبوءِ — گهاوَ وجهندڙ خوشبوءِ — مان اِهي گهاوَ، خوشبوءِ ۽ اِها ذهن جي بغاوت برداشت ڪري نہ سگهيس، مان انهن وڌندڙ تقاضائن کي بہ لاجواب ڪري نہ سگهيس. مان ڪيس هٿ وڻي آيس، سوچيم تہ هن خوشبوءِ جا گهاوَ خوشبوءِ ڦهلائيندڙ ۽ وٺندڙ فضا ۾ ئي پربا.
درياءَ جي وهندڙ پاڻيءَ جو سنگيت ۽ سندس چوڌاري بيٺل سِرهن، نم ۽ ٽاليءَ جي وڻن جا جهڳٽا — جن جي گلن ۽ ٻور جو ڳرو ڳرو هڳاءُ، ان سان گڏ چيڪي مٽي ۽ ساوڪ جي خوشبوءِ منهنجي ذهن کي اهڙو تہ مدهوش ڪري ڇڏيو، جو ڪي گهڙيون تہ ڪجهہ سوچي نہ سگهيس. سيما تہ اصل ٽڙي پئي هئي، مٺيون ڳالهيون پئي ڪيائين ۽ ٽيلارا پئي ڏنائين ۽ پوءِ آني ئي رئو وڇائي ليٽي پيئي، آءٌ سندس مٽي کان ويهي سندس وارن سان راند ڪرڻ لڳس. مون ان جي وارن ۾ سرنهن جا پن ۽ گل وڌا، ۽ مان خوشبودار فضا کان وڌيڪ، خوشبوءِ ۾ ڳوهيل

جسم جي خوشبوءِ ۾ رچجي ويس.

نيٺ مان اُن جهڳٽي مان نڪري آيس، منهنجي ذهن تي سيما جو تصور هو ۽ دل ۾ ــــ دل ۾ خوشبوءِ جا گهاوَ هئا. سيما اڇي رئي تي اٺين ليٽي پئي هئي، جنهن گلن جي ڳوهيل چادر مان سندس پر سان ويهي رهيس؛ سندس جسم جي خوشبوءِ جهير وجهن لڳي، آءٌ گهايل ٿي به سوچ ۾ پئجي ويس.

هيءُ نرم، بي داغ ۽ ڪير جهڙو جسم، اُن تي گهاوَ سونهندا، اُهي گهاوَ جيڪي آءٌ کيس بخشيندس، ڇا پلا لهي ويندا. هيءُ خوشبوءِ جا گهاوَ ته جتاءُ به نه ڪندا پر هو گهاوَ ــــ سيما جي مرڪ به نه داغجي ويندي!

گهاوَ ــــ ۽ مون کي ياد آيو ته مان به ته زندگيءَ جي گهاون جو گهايل آهيان. حياتيءَ جي سورن جي مون سان پريت آهي، تنهائي ۽ پنهنجي من جي پيڙا جو مون سان سنبڌ آهي، مان ته انهيءَ پيار کان اڻواقف آهيان، جنهن ۾ ممتا جا جذبا سمايل هوندا آهن ــــ مان ڪيئن چوان ته پيار ڇا آهي ڇاڪاڻ ته پيار، پيار ته مون ڏٺو ئي ڪونهي؛ پوءِ مون آخر ڪهڙو ڏوهه ڪيو آهي. مان مٿس جهڪيس، مون کيس پيار ڪيو، سندس پيار مون کي مدهوش ڪري ڇڏيو، مون جڏهن ڪنڌ مٿي ڪنيو ته ڏٺم ته سندس ڳلن تي نشان هئا ــــ منهنجي پيار جا، ــــ هوءَ جاڳي پئي هئي، مون ڏي نهاري رهي

هئي، سندس رونقي اکين ۾ خمار هو. مون سوچيو ته اِهي داغ گهرا ٿيندا ته ڇا ٿيندو، بهارن جا گهر لٽبا ته ڇا ٿيندو، رونقن جا منهن لٿبا ته ڇا ٿيندو، زندگي کان موت کسبو ته ڇا ٿيندو ـــ اِها پيڙا اِهو عذاب ـــ اِها زندگي ڪنهن جي؟ اِهي سڀ ڪنهن جا! ـــ مون سيما ڏانهن نهاريو، اُت معصوميت ۽ پريت جا اڻ ميا نشان هئا ـــ ۽ مان ڏڪي ويس ـــ اُن جو شڪار مان پاڻ ته نه ٿيس؟ ڇا مان پاڻ، پاڻ کي عذاب بخشيندڙ! ـــ مان روشنيءَ کان تاريڪي کسيندڙ آهيان، مان بهار کان خزان ڇنندڙ آهيان ـــ مان ڇا آهيان، مان پاپ مان پيڙا ـــ مان آخر ڇا آهيان؟

مون سامهون نهاريو اُت درياءَ ۽ ڪرڻا، زندگيءَ جي راند ڪري رهيا هئا، ڇايا ۽ روشني، پريت ۽ سنگيت مان وڌي آيس اورتي، جتي داغدار اُجالو هو ـــ وٽن مان پئي روشني ڇٽي ـــ تاريڪيءَ پئي روشنيءَ کي جنم ڏنو ۽ جت خوشبوءِ خود گهايل هئي، مون سيما کي اُٿاريو، کيس ٻانهن کان ورتو، سيني سان لڳائي پيار ڪيو ۽ سندس مٿان رئو وڌو. سندس ٻهڪندڙ چهرو، اُن ۾ روشني جهڪي ڪري ويو، ۽ اسين جڏهن هڪٻئي سان گڏ اڳتي وڌياسين ته مون محسوس ڪيو، ته مان ۽ هوءَ منزل ڏي وڌي رهيا آهيون؛ جت اجالو داغدار آهي ۽ خوشبوءِ گهايل آهي.

# ڏکي ۽ ٻاڏي

”کوسا کوهر .... کوسا کوهر ....“

هوکو ٻڌائين ۽ وني ٻاهر پرهه پاتائين ۽ ماٽس متان رڙ ڪيس، ”اڙي شمن ڪا سولي ٿئي .... مهل ته ڏس، اڙي، ڏينهن تتي جو ٻاهر نه وڃ .... او شما ....“ سندس رڙ اڌ ۾ رهجي وئي، ٻاهر ڏيڏي ۾ ڌ ٻڙڪ جو آواز ٿيو ۽ ماٽس ڏيڏي ڏانهن ڊڪي.

”اڙي، مري وئي ماٽس .... ائي، منهنجي نينگر کي نظر لڳي وئي .... ڇورا ڇيو ماڻ ٻه ته نه ڊک .... ائي، مري ويس ....“

شمن صفا وچاڙجي ويو هو، سندس نک ۽ وات مان رت پي آيو. ماٽس رڻندي رڻندي کيس مٿي کنيو ته ٻاهرين گهٽيءَ وارو درکليو ۽ مولو کوهرن واري جهاتي پاتي.

”امان شمن کي ڇا ٿيو .... امان شمن ....“

”ڏسينس ته ڇا ٿيو اٿس .... تو تـه منهنجي پٽ جا هڏڙا حال ڪيا آهن .... نڪر هتان ته لڳيئي نه پادر ....“

ماڻس ڪيس رئندي ڪٽي آئي. سندس روئڻ جو آواز ٻڌي بند ڪوئين مان سڄي حويلي جون زالون ٻار سڀ ٻاهر نڪري پيا.

”آئي شمي ماءُ، ڇا ٿيو شمن کي....“

”انوءَ ماءُ وارو ڪر.... ڇوڪرو وڃي ٿو، ڪو هٿ پير مليوس.“

”اڙي فضل ٻڪ وارو ڪر، آدي احمد علي کي ڇئه ته ڇوڪرو صفا وڃائجي ويو آهي.... وارو ڪيو....“

”ادو وري اڇي ڇا ڪندو.... ڪندو اڇي ٻڙ ٻڙ .... ٻلا ڇورو ٻار ڪير ٿو ڪنهنجي ڪري آمان ـــــ!“

”ها امڙ، يتيمي ٻه گناهه آ.... ڇا نه شمي ماءُ ڏک ڏٺا آهن ـــــ آهي اڪيلو سِرُ ۽ پٽ، ته ٻه ڏس ته ڪهڙيون نه ادو احمد علي جنيون ڪندو اٿس.... پيٽ آ جو پيو پنائي ۽ پورهيو ڪرائي ـــــ“.

جيڪا وٽ وٺان ٿي هئي سا ڇڙ ته ٿڌي ٿي وئي هئي. زالون ڳالهين ۾ لڳي ويون، شمن آٿي ائين ٻي سڏ پيو هو ۽ ماڻس ٻي گونگا ڳوڙها ڳاڙيا.
ٿوري دير ۾ شمن جو چاچو احمد علي جو حڪيم پڻ هو آيو ۽ اچڻ ساڻ سيني زالن تي گرم ٿي ويو.

”اڙي ڇا ٿيو اٿس.... خير آ.... ڇر ٻر ڇرٻر،

مٿان پيون ڪيو پر ڪيو ته ڪجهه به نه ٿيون ـــ هڏ رڪيون هيءُ به ٿيون گهر هلائـين .... بس ڳالهيون هجن، ائين نه ....؟“

زالون ٿڙي پڪڙجڻ تي هيون ته وري هن رڙ ڪئي،

”وڃو ڪاڏي ٿيون، ڪڻ مائيحـَوَلَ، توال ۽ پاڻي، ڇوڪري جو رت صاف ڪر. ادي شانـان ۽ گلان توهين هٿ پير مليوس .... او مائي وڏل، وڏجکي ٽيو بيٺي آهين، ڪڻ تيل ۽ پيٽ کي آهستي آهستي ملينس ـــ پيٽ وارو ڏک رسيو اٿس ـــ“

جهٽ رکي وري سندس آواز گونجيو،

”اڙي توهين ڇورا ڇو پيا هڪ ٻئي کي ڇٻرا ڏيو. شڪل ڏٺي اٿوَ، پنهنجي، وڃو منهنجي هٽ تي ڪو خميرو ۽ معجون ڪٺي اچو جود ڪيو، ڀڄو ـــ“

هنجي گوڙ شور ۾ ماءُ جي پيٽ ۾ ڪجهه ساهه پيو ۽ پوءِ سنت ڇوڪرو به هوش ۾ اچي ويو.

ڇوڪري جي هوش ۾ اچڻ شرط بس وري احمد علي بينو گجڻ، ”ڀڪ لوفر، ڀڳو هوندين مولو ڪهرن وٽري جي ڪڍ. هـُو ڇوري هوڪو ڏنو ناهي، پيٽسان گڏهه وٺي لوهه پائيندو. ويو هوندين ٽڪي ۾ ڪهرن جي ٻاٽي وٺڻ .... ها نه .... ٽڪي ۾ ڪهرن جي ٻاٽي تي ڪيپس.

پر اهو مولو آهي ڪتي، اڄ اهڙي تو ڦيھ ڪيانس،
جو هن پاڙي اچي نہ وڃي—"

شمن يڪدم پاسو ورايو ۽ روئڻ لڳو.

"اوجهو ڏسينس رنگيلي جا رنگ، ياچاڻي، جهڙي تون تهڙو وري انگلي پٽ چٽيو اٿئي، آهي نہ موچڙن جي لائق پر نهيو— چڱو مان وڃان ٿو— خميري ذري هينئر چٽائي ڇڏجانس معجون رات جو سمجهيئہ—"

احمد عليءَ جي وڃڻ تي گهر وارن پڻ ساهہ کنيو. اڃان ويرم ئي ڪانہ گذري تہ ڏيڍيءَ مان سندس گجڻ جو آواز آيو.

"پيٽسان ڪتي جا ڦر، هن پاڙي جا تو هڙ ٻار ڪاري ڇڏيا آهن. ڪوسا ڪوهر، مٿهين جا ڪوسا ڪوهر، پٺهي جا ڪوسا ڪوهر. اڙي جي وري هن پاڙي ۾ ڏٺو اٿمانءِ تہ خفا خون ڪندو سانءِ."

گهر جي ٻاتين ڏيڍي ۾ نهاريو، مولو در ۾ گتو پيو هو سندس ڪوهڙن جي ٻاڻي هيٺ پيتي هٽي. احمد علي ٻنهہ مٿانئس وزيو وريو ڀي ويو.

"ڪڻ ٻاڻي، نڪر هتان نہ تہ ڪتي جا پيچ اِها ٻاتي واتي اڇلي ڏيندو سانءِ." نينگر ڊپ ۾ پريو پيو هو، جيئن ئي هيٺ جهڪيو تيئن مٿان ٿڦ نڪاءُ ٿي ويس، "تکو ٿي حرامي، دير نہ ڪر...." مولو ٻلا ڏهن

ٻارهن ورهين جو نينگر هڪ ڊپ ۾ ڀريل سو ٿڦ سان وڃي ٻاٽي مٿان ڪريو. اٿين اچانڪ شمن ڊڪندو آيو، ڀڪدم مولوءَ مٿان جهڪي ويو. ”مولو، مولو توکي ڏڪ ته نه لڳو ـــ مولو تنهنجا ڪوهر....“

”هل ته سهين ـــ هيءُ وري رئيس پٽ ڏسو، پيٽسان موچڙا موچڙا پيو ڪري هل اندر، دَئوس ـــ وڏو آيو آهي ـــ مولو تنهنجا ڪوهر....“

اچانڪ سندس آلاريل ڏڪ، اتي ئي رڪجي ويو، سندس بت هڪ هنڌ ڄمي ويو.

”هيءُ ڇاتي گوڙ وڌو اٿئي. مان مٿي ماڙيءَ تي ستي پئي هيس، هينئر لٿي آهيان ـــ هڻ ڏڪ، مار ٻارن کي ـــ تو مان پيو ٿيندو ڇا ـــ تنهنجي حڪمت اونهين هلي ڪانه ٿي، رڳو گوڙ، اجايو وات ۾ ٻارن تي ستڪو، هٿينس ڏڪ ته مان به ته ڏسان ـــ“

احمد علي کي پنهنجي بيگم جي تقرير ٻڌڻ جي گهٽي طاقت ڪانه هوندي هئي. هو اٿين تڪو ٿيو ڇڻ ته هئو ئي ڪونه. شمن پڻ مولوءَ جا ڪوهر چونڊيا ۽ سندس ٻاٽيءَ کي ٺيڪ ڪيو ۽ ڪاغذ پڻ ڊڪ مٿان رکيائين. مولوءَ جي ڳلن تان ڳوڙها پڻ ٿميا. شمن ٻاٽي کڻي مولوءَ جيءِ هٿ ۾ ڏني.

”مولو، تون اڄ مونکي تڪي ۾ اها ٻاٽي ڏيندين نه؛ رڳو روز چوندو آهين ـــ هان، اڄ ڏيندي نه ـــ“

سيني ٻيلن کان ٿهڪ نڪري ويو. انهن جا ٿهڪ اڃا ۾ ئي رهجي ويا جڏهن شمن مولوءَ جا ڳوڙها اگهندي چيو،

”مان اهي ڪوهر ڀاڻ تورونئي ڪانئينديس — مان اهي ڪوهر وڪڻي گهڻا، گهڻا پيسا ڪنديس — اسين غريب ٿي ويا آهيون نه مولو — منهنجو بابا جو هليو ويو آ، — ڏس توکي به بابا ڪونهي تڏهن تو سيڪو توکي ماري — مونکي به چاچا انهيءَ ڪري ماري تو جو بابا مونکي ڪونهي ڪو —“

اچانڪ شمن ترسي وري ڳالهائڻ لڳو،

”پر مولو هاڻي اسان ٻئي ڪوهر وڪڻنداسين ها نه — تون مونکي اها ٻاڻي ڏي، تون ٻي ٻاڻي ڪوهرن سان ڀري ڪٺي اچجانءِ — پر مولو تون ڪنهن کان ٻي ٻاڻي وٺندين — توکي به ته بابا ڪونهي —“

شمن منجهي ٻهي رهيو. انين ٻئي چٺا خيال ۽ سوچ ۾ ٻڏي ويا، اچانڪ ٻنهي نينگرن روئڻ جي آواز تي مٿي نهاريو، شمن جي ماءُ ڏانهن وڌي آئي هئي ۽ سندس اکين مان ڳوڙها پي ٽميا ۽ هن ٻنهي ڇوڪرن کي ڇڪي ڪٺي ڇاتيءَ لاتو ۽ پوءِ بي اختيار ڪانئس اوچنگار نڪري وئي، ٻئي نينگر ڏانهس ڏاڍي معصوميت ۽ ڪجهه ويچار سان نهاري رهيا هئا.

---

# رانديڪو

مان فليٽ مان ٽڪو ٽڪو نڪتس مون کي آفيس پهچڻو هو دير ته ڪافي ٿي ويئي هئي، تالو ڏنم پئي ته ڏٺم ته منهنجي پرسان ڪير اچي بيهي رهيو نهاريم ته چاچو حسين هو. مون ڪلهي ڪيڪاريومانس،

”چاچا حڪم، مان ٽڪڙو آهيان ـــ!“

”سائين عرض آهي ....“

”چئه چاچا ـــ“

”سائين، هي ڪارڊ، ۽ عرض ته چوڏهين تاريخ سنڌيءَ جي شمو ۽ عزيز جي شادي آهي ـــ تنهن جو سڏ اٿوَ ـــ“

”ٺيڪ آ چاچا ـــ ضرور حاضر ٿبو ـــ مون سان عزيز ۽ چاچي نصير ڳالهه ڪئي هئي ـــ ضرور حاضر ٿبو ـــ چڱو ـــ!“

مان ٽڪو ٽڪو نڪري آيس ـــ هيٺ لٿس ته ٽيڪسي ملي ويم ـــ جيسيتائين آفيس ۾ نه پهتس تيسيتائين پيو ڪو خيال نه رهيو. آفيس ۾ ڪي ٺيڪيدار ويٺا هئا تن سان

ڳالهائي بس ڪيم ۽ ڇوڪري کي ڇانهه جو ڇٽي ٽپال ڪنيم. اوچتو هٽ ۾ چاچي حسين وارو ڏنل دعوتي ڪارڊ اچي ويم. دعوت سنڌيءَ ۾ قربائتي نموني ۾ ڏنل هئي. هونئن به چاچي حسين ۽ نصير وارا گهٽ قربائتا ڪونه هئا. هو سچ ته اهڙا ماڻهو هئا جن جو اڄ اسانجا وڏا ذڪر ڪندا آهن ته ”ـــ اڳين زماني جا به ڪي ماڻهو هوندا هئا ـــ ڇٽي ڪٽي بس ڪر ماڪي جهڙا مٺا، کير جهڙا صاف، گلن جهڙا نرم ـــ“ سچ ته هيءُ ٻئي اڳين وقت جا ماڻهو هئا ـــ

چاچو نصير اسان جي بلڊنگ جي هيٺان پڪوڙا تريندو هو. ۽ چاچو حسين پڪوڙا ڏيڻ تي هوندو هو. سندن پڪوڙا اهڙا ته مشهور هوندا هئا، جو پري پري کان ماڻهو اچي سندس پڪوڙا کائيندا هئا. پسگردائي ۾ گهوٽن ڏانهن ويندڙ ماڻهو بگي جهلائي به ٻي ڇٽين آني جا پڪوڙا گهر لاءِ وٺيو ويندا هئا. شام جو سندن دڪان تي ايڏي ته رش هوندي هئي، ۽ ايڏو ته ماڻهن ۽ ٻارن جو گوڙ هوندو هو جو ائين پيو معلوم ٿيندو هو ته مناٽي پيٺي ورهائجي.

”چاچا ـــ ٻي آني جا سنها منهنجا ـــ!“

”چاچا ـــ آني جون ڪچوريون ـــ!“

”چاچا ـــ مرچائي به وجهجائنس ـــ“

”چاچا ڦريائين مونکي ـــ!“

”چاچا پهريائين مان ـــ!“

شام جو مان گهمڻ نڪرندو هئس ته سندن اهو مزو ڏسي بيهي ويندو هئس. اِنهي رش ۾ به چاچو حسين يڪدم رڙ ڪري چوندو هو،

”سائين پڪوڙا کائو ـــ!“

”نه چاچا مهرباني ـــ“ ۽ مان کين هٿ سان به اشارو ڪندو هئس ۽ هليو ويندو هئس. ۽ جڏهن رات جو گهمي ڦري نوين ڏهين اچبو هو ته ڪچهري لڳي پئي هوندي هئي، آنهي مهل آتي ويهي کائڻ ۽ ڳالهيون ڪرڻ وارا گهڻا هوندا هئا. ڳالهيون به عجيب ۽ مزيدار هونديون هيون. چاچو حسين ته ڳالهين جو گهير هوندو هو بس شل نه ڪير ڇيڙيس پوءِ جي مزي ۾ هوندو ته پلو ڙي پلو پئي پوندس نه ته گار جي گئي پئي پوندس. چاچو نصير به پيو کلندو هو.

چاچو نصير ۽ حسين ڏسڻ ۾ ۽ رهڻ ڪرڻ ۾ ڏهه يائر هئا. هيءَ ٻئي نڍي هوندي جا دوست اڄ سٺ ستر ورهين ۾ يائر ـــ انساني ازلي ۽ ابدي فطرت جو زنده ثبوت هئا ـــ چاچي نصير شادي ڪئي بار ٻچا تيس، هو وقت کان اڳ ـــ ۾ پوڙهو ٿي ويو. چاچي حسين سڄي زندگي ائين زنده دلي جي نظر ڪري ڇڏي. هو ڪنوارو رهيو پر هو به وقت کان اڳ پوڙهو

ٿي ويو. هو جڏهن جواني جون ڳالهيون ڪندو هو ته سندس وڏيون اڇيون مڇون ڦڙڪڻ لڳنديون هيون ۽ جڏهن هو انهن کي هٿ سان ناهي ڏڻ ماڻهن جي اڳيان ڳالهيون ڪندو هو ته ائين لڳندو هو ته هو اڃا پوڙهو نه ٿيو آهي. هو جڏهن ڪنهن به پنهنجي عشق جو ذڪر ڪندو هو، ته سندس گفتگوءَ ۾ اُها رواني اچي ويندي هئي، جو ٻڌندڙ ڪي گهڙيون ته وسمي ۾ پئجي ويندا هئا ۽ پوءِ چوندا هئا،

”سچ چاچا ـــ؟“

”ته سوئر سان ڪوڙ ٿو ڳالهايان، ائين نه ـــ!“ ۽ پوءِ اچي چڙندو هو.

سندس دلچسپ قصو هوندو هو هڪ مارواڙڻ جو، جنهن کيس چيو هو ته هن جهڙو جوڙو جوان هند، سنڌ ۾ گولهيو نه لڀي. رات ٿي ناهي گهيرو مڙيا ۽ پوءِ چوندس ”ها چاچا، پوءِ مارواڙڻ توهان ڏي ڪيئن نهاري، توهان کي گهائل ڪندي هئي؟“

”اڙي، ماڻس گهائل ڪندي هئي ـــ چورا، سان کيس نهاري گهائل ڪندو هئس، چا ته منهنجي اک هوندي هئي چا ته ڏيا هوندي هئي جنهن ڏي نهاريندو هئس ڦهه ٻڌهيو پئي هوندي هئي، ڪيئن ڙي نصير؟“

”ها ـــ دلبر.“

نصير تئي ۾ پيل پڪوڙن کي اُٿلائي ڏيندي چوندو هو.

”هڪ ڏينهن نصير کي ياد هوندو، اڪن شاه جي ميڙي تي هجون، ٻه رنون هجن، ميڙي کي چٽو ڪري ڇڏيون، جيڏانهن وڃن، ماڻهو ڊهندا وڃن، چوڌاري ڪوڪر هجي اصل ڪٺئون تي. مان ۽ نصير جيئن ميڙي ۾ گهڙياسون ته ميڙي وارن ڇيو پيلي جوان هيءُ — هيءُ ٿي پڇندن — ڪيئن نصير — !“

”ها دلبر — تون هٿ ڪي ٻه تڪو ڪر.“

”ها منهنجا سائين — بس جيئن ٿي رنن جي اسان تي نظر پيئي، اصل جهڙيون ڇتيون، مون ته اصل نهاريوماڻ ٿي ڪونه، وڏا وس وڌائون تڏهن وٺي وڃي، سندن ڏوڪڙن تي موجون ڪيونسين — ڪُجهو آهي ته ائين ڪين، تنون ڇورا — هلندا گهر ڪان عشق ڪرڻ، ٻنهي جهڙا موڳا، گهر ڦرائي هيڏانهن اچي نڪرندا —“

”چاچا مارواڙڻ —“

”ماڻهين —؟ اڙي مارواڙڻ ڪا تنهنجي ماءُ لڳي جو هر هر پٺي ٿي مارواڙڻ پويئي. هٿي، بولي، ڪانهي هينئر هن جڳ ۾ نه ته هنن سيني ڇورن کي ٻڌائين ته چا تنهن جو جوين چا وري اسان جي مستيءَ واري جواني — اڙي ڇورا، اسين ٻئي ائين لنگهندا هئاسين ته ماڻهو بيهي ويندا هئا، چوندا هئا،

”جوڙا ته هيءُ ـــ ڪهن ٽا ڪهن ـــ نظر نه لڳين.
هائي بولي، اصل نظر لڳي ويئه ـــ هائي ڙي بولي.“
چاچو حسين اچي جو بوليءَ کي ڪٽندو هو، اِئين پيو معلوم ٿيندو هو ته بولي سندس جان، سندس روح سڀڪجهه آهي. خاص طور جڏهن بوليءَ جو قصو هوندو هو، مان ائين محسوس ڪندو هوس ته چاچي جي اکين ۾ مخصوص چمڪ اچي ويئي آهي ۽ چپ ڦڙڪنس پيا، ۽ هو بي چين پيو لڳندو هو. ائين لڳندو هو ته ڪي گهريون يادون ۽ ويچار کيس تڙپائين پيا.
انهن قصن ڪهاڻين کان سواءِ چاچو پاڙي لاءِ بين گهڻين ڳالهين ۾ وڏي رحمت هو. ڪنهن کي طاقت آهي جو چاچو هجي ۽ پاڙي ۾ ڪو جهيڙو ٿئي، بنهه گجي اُٿندو، ڳڻ پٽي ڳڙندو يس،
”اڙي وڙهو ٿا، ڪون اٿوَ. ڏاڙهيءَ ڪوڙيا تنون چورا، پينبڪ ٽي تا وڙهو. ڪٽو چاقون، ڪٽو لٺ هٿو مون کي، اچو منهنجي مقابلي ۾ ـــ نڪرو نه ته ڪيانوَ ٿو قيهه ـــ“
جهيڙو نري پوندو هو. هجي ڪنهن کي طاقت جو ڪنهن رستي ويندڙ نينگريءَ تي اک ته کڻي، يا ڪٽي هوڪر ڪري. بس اتان رڙ ڪندس،
”ڪلا، تنهنجي پيڙهين ۾ باهه ٻاريان، پڙوا ـــ اوري آ، هيڏي آ، پيٽين کي به ائين چوندين، ٽڪ ٿئي ـــ“
چورو وٺي پڇندو.

چاچي جون کھڙيون ڳالھيون ڪري کھڙيون ڳالھيون ڪجن.

نيٺ شاديءَ جو ڏينھن به اچي پھتو ته به ڏينھن اڳ دڪان بند ڪيو ويو، رستي تي شاميانا لڳي ويا، رستو بند ٿي ويو، لائوڊ اسپيڪر چوويھہ ڪلاڪ وڄڻ لڳو. چاچو حسين ڏسو ته نوان ڪپڙا پائي ڪٿو نه ٿو پڄي، ھيڏانھن پڄي ھوڏانھن پڄي اصل رڙ پئي پويس. رات ٿي، مھمانن جون ڪتون وچايون ۽ اچي چاچي کي ورتن،

”چاچا ڳالھہ ــــ“

”اڙي چورا، ڳالھيون ڪي مان ناھيان تو چا ــــ؟ ڇڏيو، ڇڏيو تنگ نه ڪيو.“

چاچو جند ڇڏائي سمھي پيو.

شاديءَ جي ڏينھن چاچي حسين رڙ رڙان پيچ پيچان لائي ڏني، ۽ چاچي نصير وري خرچ ڪرڻ سان گھٽايو ڪونه.

نڪاح جو اچي وقت ٿيو. نه چاچو حسين ليي نه چاچو نصير. مان به پي سندن ڪم ۾ قريس. جڏھن خبر پيم، تڏھن وني پڳس.

جڏھن سندن دڪان وتان لنگھيس، تڏھن پٽڪي جو آواز پڌم.

دڪان جو در بيڪڙيو پيو ھو، اندر اونده ھئي.

ماڻ دڪان جي دڪيءَ تي چڙهيس ته روئڻ جو آواز ڪن تي پيم، چاچو حسين روئي رهيو هو. ماڻ وائڙو ٿي ويس، چاچي حسين جهڙو ڪلمڪ ماڻهو ۽ روئي! چاچو نصير ڪيس پرچائي رهيو هو ۽ سندن ڳالهائڻ چٽو پٽو پئي ٻڌو.

”حسين ڏاهو ٿي، ڏس هاڻي گهٽو ٿيو، ايڏو رئبو آهي ـــ اسان هاڻي پنهنجي عمر ڪاٽي چڙهياسين، هاڻي ڪهڙو غم فڪر ـــ ٻارن جي شادي ڏسي دل هر ڪائبي آهي. جڏهن وقت هو تڏهن چيومانءِ ته شادي ڪر، اڙي شادي ڪر. تنهنجي، بولي، بولي پي پئي، سيني چيئه ته پلي بولي ئي ڪر، مارواڙڻ آ ته چا، پر تو بولي سان به ته شادي نه ڪئي ـــ“

اوچتو چاچي حسين جو روئڻ تيز ٿي ويو ۽ اوچنگارون ڏيندي چوڻ لڳو،

”اڙي، پر نصير، بولي هئي ڪٿي، بولي ته نه هئي نه آهي ـــ اڙي منهنجو ڪير به ڪونهي، اڙي منهنجو ڪير به ڪونهي ـــ اڙي ........“

چاچي حسين جو آواز ٻڏي ويو. مون کي ائين لڳو ته ڪنهن چاٻيءَ واري آواز ڪندڙ رانديڪي تي لت رکي چڏي ۽ اهو پرزا پرزا ٿي ويو.

(بشڪريه ريڊيو پاڪستان حيدرآباد)

☆ ڪنهن چيو ٿي، ته اها ڏند ڪٿا آهي.

☆ ڪنهن چيو ٿي، ته اهو ڪنهن سودائــي جـو خيال آهي.

☆ ڪنهن چيو ٿي، ته اهو هڪ خواب آهي.

**پر اها هڪ حقيقت آهي**

تـــہ

# حـــويلي

اج بہ آهي ـــ سيان بہ رهندي،
اِهو اسان سيني جو عزم آهي.

'حميد سنڌي' جي ناول 'حويلي' ۾ ذهن جي ويران قتل ڪندڙ ڀمان حقيقت جي پارس پٿر جي ڳولا ڪئي وئي آهي.

**جلد شايع ٿي رهيو آهي.**

"سيمي"، "اُداس واديون"

ڪانپوءِ

سنڌ جي نوجوان افسانہ نگار حميد سنڌي جي افسانن
جو ٽيون مجموعو

# احساس جي منزل

هن دور جي حساس انسان جي ذهني الجهن جي
مختلف رنگن جون مختلف ڪهاڻيون.

جلد شايع ٿي رهيو آهي.

زندگي پبليڪيشن جو صحتمند ۽ تعميري ادب جو
ترجمان رسالو

# روح رهاڻ

ايڊيٽر

حميد سنڌي

معاون

اشفاق حسين

جيڪو ٽن سالن کان سنڌي ادب جي نمائندگي
ڪري رهيو آهي.

**پنهنجي نوعيت جو واحد رسالو**

اڄ ئي گهرايو

قيمت في پرچو : پنجاه پئسا
ساليانو چندو : ڇهه روپيا

**ماهوار "روح رهاڻ" پوسٽ باڪس ٢١٦،
حيدرآباد.**

